ايڪيهين صديءَ جو
جلد ٻيو- شمارو چوٿون
آڪٽوبر- ڊسمبر 2009

# سنڌي ٻولي

## تحقيقي جرنل



سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

ايڪيهين صديءَ جو
جلد ٻيو- شمارو چوٿون
آڪٽوبر- ڊسمبر 2009ع

چيف ايڊيٽر

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ايڊيٽر

**تاج جويو**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻولي
## تحقيقي جرنل


| | |
|---|---|
| چيف ايڊيٽر: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ايڊيٽر: | تاج جويو |
| اسسٽنٽ ايڊيٽر: | خالد آزاد |
| ڪمپوزنگ: | حسين احمد ميمڻ |
| گرافڪس: | اسدالله ڀٽو |
| جلد: | ٻيو |
| شمارو: | چوٿون (آڪٽوبر- ڊسمبر 2009ع) |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ: | پاڪيزه پرنٽرس اينڊ پبلشرز، حيدرآباد، سنڌ. |
| ملهه: | -/50 روپيا |
| پاران | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

ISSN: 968_8194_01_0


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.


ايڊيٽوريل بورڊ:

محمد ابراهيم جويو

ڊاڪٽر غلام علي الانا

ڊاڪٽر سحر امداد

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| – | پنهنجي پاران | | 05 |
| ❋ | قومي زبان ۽ تعليمي زبان | عثمان علي انصاري | 07 |
| ❋ | سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | 15 |
| ❋ | سنڌي ٻوليءَ جو مصدرن ۽ سنڌن اسم مفعول جي صورتخطيءَ وارو معاملو | الطاف جوکيو | 35 |
| ❋ | ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ ترجمي جو ڪردار | ولي رام ولڀ | 50 |
| ❋ | ترجمي جو فن ۽ هنر | عبدالقادر جوڻيجو | 56 |
| ❋ | انڊيا آفيس لائبرري ۾ سنڌي ڪتاب | مدد علي سنڌي | 64 |
| ❋ | لنڊن جي برٽش لائبرريءَ ۾ محفوظ سنڌي ڪتاب | لکمي کلاڻي | 85 |
| ❋ | برطانوي حڪومت دوران بندش هيٺ آيل سنڌي ڪتاب | هيرو ٺڪر | 116 |

## پنهنجي پاران

**سنڌي ٻولي** جرنل جو هي پرچو روايت موجب پوري وقت تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئون. هن پرچي ۾ پڻ سنڌ ۽ هند جي نالي وارن ليکڪن جا مضمون ۽ مقالا شامل ڪيا ويا آهن، جن مان ڪي نوان ۽ خاص 'سنڌي ٻولي' جرنل لاءِ لکيل آهن، ڪي وري هند ۾ تازن ڇپيل رسالن ۽ ڪتابن تان ورتا ويا آهن، جن جي پنهنجيءَ جاءِ تي وڏي اهميت آهي، پر هتي سنڌ ۾ عام پڙهندڙن جي پهچ کان ٻاهر آهن. هن وقت قومي تعليمي پاليسيءَ ۾ مادري زبانن، خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت جي حوالي سان هتان جي عالمن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن ۾ بحث هلي رهيو آهي. اهڙي ساڳي بحث اسان کي ماضيءَ ۾ پڻ نظر اچي ٿي، ان جي جهلڪ ڏيکارڻ لاءِ ان وقت جي سنڌ جي ليکڪن مان عثمان علي انصاري صاحب جو هڪ اهم مضمون 'قومي زبان ۽ تعليمي زبان' هن پرچي ۾ شامل ڪيو اٿئون ته جيئن ان معاملي جي گنڀير تا سان گڏ اُن ۾ ڪيل اينگهه جو به پتو پوي.

ان کان سواءِ هن شماري ۾ لنڊن برٽش لائبريريءَ ۾ محفوظ سنڌي ڪتابن ۽ برطانوي حڪومت دوران بندش هيٺ آيل سنڌي ڪتابن بابت، سنڌي زبان جي ٽن اهم اديبن: مدد علي سنڌي، لکمي کلاڻي، ۽ هيري ٺڪر جا ٽي مضمون ڏنا ويا آهن، جيڪي تحقيق ڪندڙن لاءِ ڪارائتا ثابت ٿي

سگهن ٿا. ان ڪري اسان انهن ڪي هڪ ئي هنڌ گڏي شايع ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح اسان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ادب ۾ ترجمي جي اهميت کي محسوس ڪندي، اٿارٽيءَ پاران **"ترجمي جي فن ۽ سڪيا"** بابت ويجهڙائيءَ ۾ هڪ ورڪشاپ ڪرايو هو جنهن ۾ صحافين ۽ نون لکندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هئي. ان موقعي تي ٻن نامور ترجمي نگارن: محترم ولي رام ولڀ ۽ محترم عبدالقادر جوڻيجي جا پڙهيل پيپر بہ هن شماري ۾ شامل ڪيا اٿئون.

اميد تہ هن پرچي جو مواد پڙهندڙن کي پسند ايندو.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

# قومي زبان ۽ تعليمي زبان

ڪنهن بہ ملڪ جي "قومي زبان" جي تعين جو حق انهيءَ ملڪ جي سياسي مدبرن، يعني حڪومت هلائڻ وارن کي هوندو آهي، ۽ هجڻ بہ گهرجي. پوءِ اهي سياستدان انهيءَ مسئلي جا سمورا پهلو اڳيان رکي، عوام جي عام فهم زبان کي قومي زبان قبول ڪندا آهن، ۽ رفتي رفتي انهيءَ قبول ڪيل زبان کي غيرمحسوس طريقن سان وڌائيندا ۽ مالا مال ڪندا ويندا آهن. ليڪن "تعليم جي زبان" جو تعين ڪرڻ فقط 'تعليم' جو حق آهي: يعني تہ تعليم جي ماهرن جيڪو عام حڪم تعليمي زبان جي باري ۾ ڪيو آهي، ان کي سياست يا حڪومت ٽِني نٽي ڏيئي سگهي، ۽ جيڪڏهن ڪن خاص مجبورين جي ڪري ڏيندي، تہ قوم جي تعليمي ترقيءَ جون اميدون هڪ خواب جي صورت اختيار ڪري منتشر ٿينديون ويندون آهن. تعليم جي ماهرن جو ساريءَ دنيا جي تعليمي زبان لاءِ هڪ ئي حڪم آهي. ڪهڙو؟ تہ 'ٻار کي تعليم فقط انهيءَ زبان ۾ ڏني وڃي، جا انهيءَ ٻار جي نيم شعوري زبان آهي، يعني تہ اها زبان، جنهن ۾ ٻار خواب لهندو آهي- اها زبان، جا بي اختياريءَ جي حالت ۾ سندس منهن مان نڪري: ڇوتہ اهڙيءَ زبان جي ڳالهائڻ يا سمجهڻ ۾ ٻار جي ذهني قوتن تي بار نہ پوندو. اهڙيءَ زبان ۾ ڪنهن ماستر يا ڪنهن پنهنجي بزرگ جي سمجهائڻ بنا ڪنهن تڪليف جي سمجهي سگهندو. ڪنهن بہ مشڪل مسئلي کي، جو اهڙيءَ زبان ۾ لکيل هوندو ٻار تمام ٿوريءَ ذهني ڪاوش سان ذهن نشين ڪري سگهندو. پر جي تعليم جي زبان سندس خواب جي زبان نہ آهي، ۽ ڀي ڪهڙي بہ دنيا جي بهترين زبان آهي، تہ سندس ذهني تازگيءَ جو تمام وڏو حصو فقط انهيءَ زبان جي سمجهڻ ۾ خرچ ٿي ويندو ۽ معلومات جو نُور سندس ذهن ۾ داخل ڪين ٿي سگهندو. اهو آهي "تعليمي زبان" بابت 'تعليم' جو نظريو. جو

بلڪل حتمي ۽ آخرين نظريو آهي، جنهن ۾ ڪابہ ردبدل نٿي ٿي سگهي. نيم شعوري زبان جي پڙهيل ڪي 'تعليم يافتہ' چئبو آهي: ۽ ٻين کي 'تعليم زده' چوڻ گهرجي، توڙي جو انهن بي. اي يا ايم. اي جي ڊگري بہ پنهنجيءَ صحت جو نذرانو ڏئي هٿ ڪئي هجي.

نيم شعوري زبان ڪهڙيءَ طرح سکبي آهي، ڪڏهن سکبي آهي، ۽ ڪنهن کان سکبي آهي: انهن سوالن جا جواب بہ تعليم جي نظرين مطابق هجڻ گهرجن، ڇوتہ نيم شعوري زبان کي دنيا جي 'تعليم جي بنيادي زبان' قبول ڪيو ويو آهي.

هاڻي پهرئين سوال جو جواب آهي تہ اها زبان غيرشعوري طرح ٻار سکندا رهندا آهن، نہ پاڻ سکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ نہ ڪو ٻيو کين سيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ٻيو سوال آهي تہ اها زبان ٻار ڪڏهن سکندا آهن؟ تہ ان جو جواب آهي تہ جڏهن ٻار ننڍڙي هوندي کان ماءُ جي ٻولي ٻڌندو آهي تہ اُن وقت زبان پنهنجا نشان ڇڏيندي ايندي، ۽ ٻار بناڪنهن ڪوشش جي انهن نشانن کي غيرشعوري طور قبول ڪندو ايندو آهي. هي تہ هڪ قبول ڪيل حقيقت آهي تہ خوراڪ کان پوءِ ٻئي نمبر ۾ هڪ ٻار جي وندر جو سامان آواز ۾ ٿيندو آهي. هڪ رونئندڙ ٻار کي پرچائڻ جا قدرت پہ طريقا هرهڪ ماءُ کي سيکاريا آهن: هڪ ٿڃ ڏيڻ، ۽ ٻيو ڪنهن بہ قسم جو آواز ڪرڻ۔ مثلاً، جهنجهڻ جو يا ڪنهن شيءِ تي ٺَڪ۔ ٺَڪ ڪرڻ، ۽ يا ٻار سان ڳالهائڻ جو اهو وقت آهي: جڏهن ٻار غيرشعوري طرح سان ڪا زبان سکندو ٿو رهي، ۽ ماءُ زبان سيکارڻ جي ڪوشش کان سواءِ فقط ٻار کي پرچائڻ يا مامتا جي محبت وندڻ جي ڪوشش ۾ ٻار کي زبان سيکاربندي ٿي رهي. تعليم جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ ڪوبہ انسان پنهنجيءَ خوشيءَ سان ۽ قدرتي طرح فقط اهڙي زبان سکندو آهي، جا اُن وقت سندس ذهن تي پنهنجا نقش ڇڏيندي، جڏهن سندس ٻاراڻي ذهن تي ٻيو ڪوبہ نقش موجود نہ هوندو. باقي ٻيون سڀ زبانون زماني جون مجبوريون ڪيس سکڻ تي مجبور ڪنديون آهن. ۽ اهڙي مجبوريءَ جي موچڙن سان سکيل زبانن ۾ ڪوبہ انسان ماهر ٿي

ڪين سگهندو آهي، ۽ نہ انهن زبانن ۾ هٿ ڪيل علم ڪيس ’تعليم يافتہ‘ سڏائڻ جو حقدار بڻائي ٿو سگهي.“ جي اوهان کي اهو نظريو مشڪوڪ ٿو نظر اچي، تہ پنهنجيءَ ڄاڻ سڃاڻ وارن مان ڪنهن بہ هڪ کي نظر ۾ رکي، پاڻ منصف ٿي، پاڻ کي ٻڌايو تہ انهيءَ شخص کي اوهين ڪنهن ٻاهرين زبان ۾ ماهر سمجهو ٿا؟ اسان مان هزارين شخص انگريزيءَ ۾ تعليم وٺي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ ماهر ٿيا آهن، وڪيل ٿيا آهن، انجنيئر ٿيا آهن، ۽ خدا معلوم ٻيو ڇا ڇا ٿيا آهن. پر ڇاڪاڻ تہ اهو ڊاڪٽريءَ جو يا وڪالت جو يا انجنيريءَ جو علم هڪ اهڙيءَ زبان ۾ پرايو اٿن، جا زبان مجبوريءَ هيٺ سکي اٿن، تنهنڪري نہ منجهن تخليقي قوتون پيدا ٿي سگهيون، نہ جدت جي واٽ ملي: پٺاڻيءَ جي لفظن ۾ ڪٿي چئجي تہ ”محروم ٿي مري ويا، ماهر ٿي نہ مئا“. پري نہ وڃو پنهنجي ڪنهن وڏي کان وڏي ڊاڪٽر جي لياقتن جي ڀيٽ ڪنهن انگريز ڊاڪٽر سان ڪري ڏسو اوهان کي هڪ نمايان فرق معلوم ٿيندو. اهو فرق ان ڪري نہ آهي تہ اسان جا جوان ڪنهن بہ علم پرائڻ ۾ انگريز جوانن کان ذهني قوتن ۾ گهٽ آهن: پر اهو فرق هن ڪري آهي تہ اسان جا جوان اهو علم هڪ اهڙيءَ زبان ۾ ٿا حاصل ڪن، جنهن زبان جي سمجهڻ ۾ ڪين پنهنجي سموري ذهني تازگي خرچ ڪرڻي ٿي پوي، ۽ معلومات کي سمجهڻ لاءِ سندن دماغ ۾ باقي بلڪل ٿوري قوت وڃي ٿي بچي.

ٻيو سوال آهي تہ نيم شعوري زبان اسان جا ٻار ڪنهن کان سکندا آهن؟ انهيءَ جو ڪجهہ جواب تہ ٻئي سوال جي جواب ۾ اچي چڪو آهي، باقي هيٺ ٿو ڏجي. ڪوبہ ٻار اها نيم شعوري ۽ بنيادي زبان اسڪول ۾ ڪونہ سکندو آهي، ڇوتہ اسڪول ۾ داخل ٿيڻ واريءَ عمر کان اڳ هرهڪ ٻار اندازاً 850 لفظ پنهنجيءَ زبان جا سکي پوءِ اسڪول ۾ داخل ٿي سگهندو آهي (اهو عرصو ڪن ملڪن ۾ 5، ڪن ۾ 6، ۽ ڪن ۾ 7 سال آهي.) تنهنڪري، تعليم جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ اها نيم شعوري زبان هرهڪ ٻار گهر ۽ گهٽيءَ ۾ سکندو آهي. ’گهٽيءَ‘ مان مراد آهي، راند ڪرڻ جي جاءِ.

مٿئين بحث کان پوءِ هيءُ قطعي فيصلو ٿي چڪو تہ هر انهيءَ

سنڌي ٻار جو حق ٿئي ٿو تہ ان کي سنڌي زبان ۾ تعليم ڏيڻ گهرجي. جنهن جي گهر ۾ ماحولِ جي زبان سنڌي آهي، ۽ جنهن ٻار جو شعوري ۽ نيم شعوري (سجاڳي ۽ ننڊ) حالتن ۾ سنڌي زبان سان واسطو رهي ٿو ۽ گهڻي کان گهڻو وقت اها زبان ڳالهائيندو يا ٻڌندو ٿو رهي.

هينئر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سنڌي زبان ۾ ڪنهن معقول حد تائين تعليم ڏيڻ لاءِ ڪتاب ۽ معلم موجود آهن؟ ۽ سنڌي زبان ۾ ٽڪنيڪل تعليم ڏيڻ جون صلاحيتون موجود آهن. يا موجود ٿي سگهن ٿيون؟ جواب سيني سوالن جا بلڪل صاف آهن. ڪجهہ ڪتاب آهن ۽ ڪجهہ يا باقي تيار ٿي سگهن ٿا. بشرطيڪ مصنفن جو ارادو پختو هجي ۽ حڪومت جون همدرديون ساڻ هجن. مثلاً، انهيءَ ساڳيءَ سنڌي زبان ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ بي. اي تائين ڪورسَ تيار ڪرايا هئا. ۽ انهيءَ وقت جي سنڌ گورنمينٽ سڀ قانون جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا هئا. سائنس ۽ حسابن جا ڪتاب تہ اڄ تائين موجود آهن. فلسفي ۽ سائيڪالاجيءَ جا ڪتاب پڻ موجود آهن. انهن کان وڏيڪ ڪتاب، ضرورت آهر تيار ٿي سگهندا. مطلب تہ سنڌي زبان ۾ سيني تعليمي مضمونن تي ڪتابن لکڻ يا ترجمن ڪرڻ جون صلاحيتون موجود آهن. مضمون بہ ابتدائي ۽ ثانوي حدن تائين موجود آهن. ۽ وڏيڪ تيار ٿي سگهندا. جيڪڏهن حڪومت فقط هن هڪ ڳالهہ تي همدرديءَ سان غور ڪري تہ سنڌ ۾ بہ فطري لياقت موجود آهي، ۽ سنڌي بہ قوم جي تعمير ۾ برابر جي حصي ونڊ جا اهل ثابت ٿي سگهن ٿا.

خيال فرمايو تہ جنهن ٻار جي نيم شعوري زبان اڙدو آهي، ۽ کيس تعليم بہ انهيءَ زبان ۾ ملي ٿي، اهڙي 'تعليم يافتہ' جي ڀيٽ ۾ هڪ سنڌي ڪيئن اڳي سگهندو جنهن جي نيم شعوري زبان تہ آهي سنڌي، ۽ اعليٰ تعليم لاءِ اڙدو بنگالي يا انگريزي پڙهي ٿو نڪري؟ نہ سندس معلومات مڪمل هونديون نہ زبان، ۽ نہ وري سندس تندرستي نيڪ هوندي؛ ڇوتہ نئين درجي ابتدائيءَ کان پنهنجيءَ زبان سان سندس تعلق گهٽبو ويندو ۽ پيٽائيءَ جي فرمودي موجب:

ڏُريان ئي ڏاں جي وڏي وڻ جدا ڪِئا،
تن سُڪن ڪيهي سار تہ ڪي اُنا مينهن ملير ۾!

انهيءَ ٻار کي نہ پنهنجي زبان سان پيار رهندو نہ پنهنجي زبان جي جواهر پارن جي ڄاڻ هوندي. هوڏانهن، هڪ مجبوريءَ جي حالت ۾ حاصل ڪيل زبان، ماشا ئي ڦيرائي ڦٽا ڪيا هوندس: ويهن- ٻاويهن ورهين جي چمار ۾ اکين تي سٺ سالن جي پوڙهن وارا چشما لڳا پيا هوندس، ۽ لغڙيءَ جهڙو بدن، ٽيٽيهر جهڙين ٽنگن تي ڪنيو پيو هلندو. جڏهن بہ ڪنهن نوڪريءَ لاءِ ويندو تہ بالا آفيسر ڪيس ڏسي متعدي خطرو محسوس ڪندو تہ متان منجهانئس سلهہ نہ ٿي پويا ۽ "جاءِ خالي ڪانهي" جو جواب وٺي، گهر جو پنڌ وٺيندو فوجي ڀرتيءَ لاءِ ويندو تہ اتان ڪُتو جواب ملندس، ڇوتہ اتي بہ ڪمزورن ۽ اپاهجن جي جاءِ ڪانهي. باقي رهيون پٽيواليون، سي بہ يا نصيب! هَرَ ڪاهڻ جي همت، يا ڪنهن ٻئي بدني پورهئي جي قوت، 'قومي زبان' جي حوالي ڪيائين، نوڪريءَ ڪان جواب، تہ باقي رهيو پِنڻ يا لنگهڻ! سنڌ پاڪستان جو هڪ عضوو آهي، ۽ سنڌي فطرتاً وفادار گروهہ جا فرد آهن. پاڪستان سٺ لک سنڌين کي پنهنجي اعليٰ خدمتن کان پري نٿو رکي سگهي. تنهنڪري، هڪ تعليم جي ماهر جي حيثيت ۾، منهنجو پاڪستان سرڪار کي عرض آهي تہ ملڪ جي جان نثار سنڌين جي تعليم تي وڌيڪ توجهہ ڏيئي، انهن جي فطري صلاحيتن ۽ خدمتن مان پاڪستان جي ترقيءَ جو ڪم ورتو وڃي. اهو سيڪجهہ تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن سيني پاڪستانين کي سندن نيم شعوري زبان ۾ مڪمل تعليم ملندي پر، جيڪڏهن ڪن سياسي مصلحتن موجب ائين نٿو ٿي سگهي، تہ حڪومت قانون پاس ڪري ڇڏي تہ ڪابہ ماءُ پنهنجي ٻار سان نہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي، نہ پشتو ۾، نہ بلوچيءَ ۾... يا اڙدوءَ ۾ ڳالهائي، يا بنگاليءَ ۾، يا انگريزيءَ ۾! پاڪستان جي 'تعليمي ماهرن' جيڪا رپورٽ (1960ع ڌاري) ڇپرائي پڌري ڪئي آهي، تنهن موجب علاقائي زبانون تعليم جي ميدان ۾ بہ پٺتي اڇلايون ويون آهن ۽ نسبتاً 'قومي' زبان ۽ انگريزيءَ زبان کي نهايت گهڻي اهميت ڏني وئي آهي. اها اهميت سياسي پهلوءَ کان ڏسڻ وارن کي

شايد نهايت شاندار نظر ايندي هجي، پر ٻارن جي بدني ۽ ذهني ترقيءَ جي نقطء نظر سان ڏسڻ وارن کي اهڙي روشن نٿي ڏيکارجي- بلڪ سمجهجي ٿو تہ ڪجهہ وقت کان پوءِ اسان جي مدبرن کي انهيءَ فيصلي تي مجبوراً نظرثاني ڪرڻي پوندي.

اسان کي پنجابي، پشتو يا بلوچي زبانن جي صلاحيتن جي، يا سندن موجوده علمي ۽ ادبي ذخيرن جي پوري پوري ڄاڻ نہ آهي، ۽ نہ وري اسان کي اها بہ خبر آهي تہ انهن علائقن جي ٻارن جو اڙدو بنگالي ۽ انگريزي زبانن سان، اسڪول کان ٻاهر ڪيترو ۽ ڪهڙو واسطو ٿو رهي. البت، سنڌي زبان لاءِ اسين بنا هٻڪ جي چئي ٿا سگهون تہ اسان جي زبان ۾ هرهڪ تعليمي مضمون تي ڪتاب موجود آهن. اسان وٽ پنهنجو ادب آهي، اسان جي زبان هرهڪ موضوع تي هڪ معقول حد تائين خيالن جي اظهار ڪرڻ جي اهل بہ آهي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ اسان جي زبان ۾ ڪنهن بہ ٻيءَ زبان مان لفظن يا محاورن کي پنهنجو گوديلو ٻار ڪري قبول ڪرڻ جي لياقت بہ آهي. خبر نٿي پوي تہ اڌ ڪروڙ انسانن جي اهڙيءَ نيم شعوري زبان کي اسان جي مدبرن ڇو نظرانداز ڪيو آهي! ڇا، پاڪستان کي سنڌين مان ڪنهن جي بہ خدمت جي ضرورت نہ آهي؟ پاڪستان جي تعليمي ماهرن کي هيءَ تہ ضرور ڄاڻ هوندي تہ سنڌي ٻارن جي ڇوويهن ڪلاڪن جي زبان سنڌي آهي. جي ائين آهي، تہ اسين پڇڻ ٿا گهرون تہ ڪهڙي تعليمي نظريي هيٺ اسان جن ٻارن کي سندن فطري زبان ۾ مڪمل تعليم ملڻ کان محروم ڪيو ٿو وڃي؟

"تگرڪِ سبب ز روي شريعت ڪجا روا است؟"

ڪنهن ٽولي جي تعليمي زبان مقرر ڪرڻ لاءِ اسين ٻيو بہ هڪ تعليمي نظريو پيش ٿا ڪريون. جو پڻ نيم شعوري زبان جو تعليمي حق ثابت ڪري ٿو. ڪنهن بہ اسڪول يا ڪاليج جي ڪنهن بہ ڪلاس ۾ جڏهن ڪو ماستر صاحب يا پروفيسر صاحب سبق پاڙهي يا ليڪچر ڪري رهيو آهي، ۽ سندس زبان بہ شاگردن يا ٻڌندڙن جي ماحول جي زبان هوندي آهي، تہ بہ ٻڌندڙ انهيءَ ليڪچر جو فقط 33 سيڪڙو سمجهي ۽ قبول ڪري

سگهندا آهن، ڇو تہ ڳالهائڻ واري جي گفتگوءَ ۽ ٻڌندڙن جي فهم جي رفتار ۾ فرق ٿيندو آهي، پر جيڪڏهن ليڪچر واري جي زبان ٻڌندڙن جي ماحول جي زبان کان ڪا علحده زبان آهي، يعني سنڌي ٻڌندڙن جي اڳيان جيڪڏهن اردو يا انگريزيءَ ۾ ڪجھ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪبي، تہ فقط 8 سيڪڙو سنڌن دماغ ۾ رهي سگهندو. سو بہ تڏهن، جڏهن ڪين اردو يا انگريزي زبان ايندي هوندي، ۽ سندس فهم (intelligence quotient) اوسطاً هڪ سئو جي قريب هوندو. انهيءَ جو صاف مطلب هيءُ نڪتو تہ سنڌين کي سنڌيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو تعليمي مضمون پڙهائبو تہ 33 سيڪڙو سندن دماغ ۾ ويهندو. باقي ٻيءَ ڪنهن بہ زبان ۾ فقط 8 سيڪڙو. پوئينءَ حالت ۾ ماستر صاحب يا پروفيسر صاحب جو 92 سيڪڙو پورهيوئي پاڻيءَ ۾، تہ شاگردن جو ڏينهن ڪَريو. اهڙيءَ طرح جي ناقص تعليم وٺي ۽ پنهنجي تندرستي وڃائي، جڏهن اسان جا نوجوان اچي گريجوئيٽ ٿيا، تہ آخر ۾ وري بہ پاڪستان کي ڇيهو رسيو. ڇوتہ 'مجبورن' جا ٿولن جا ٿولا نڪرندا آيا، جي هوند ٻيءَ صورت ۾ ماهر ٿي ٻاهر نڪرن ها. پوءِ ڇو ڪين اجائي هٺ ڌرمي ختم ڪري، پنهنجن ٻارن کي سندن 'نيم شعوري زبان' ۾ تعليم ڏيئي، پاڪستان لاءِ جاننا خدمت ڪرڻ وارا پيدا ڪريون؟

هن وقت تائين اسان جي تعليمي ادارن جيڪي جنسون پيدا ڪيون آهن، تن مان اسان جا اڳوڻا ڏاريا حاڪم مطمئن هئا يا نہ، سا حقيقت هن ڳالهہ مان ظاهر آهي تہ 1920ع تائين اسان جي بهترين هستين کي بہ ڪنهن جوابدار عهدي تي اچڻ جو شرف حاصل ڪين ٿيو هو. بعد ۾ ملڪ جي آزاديءَ ۽ پاڪستان پيدا ٿيڻ کان پوءِ چاڪاڻ تہ 'ضرورت ايجاد جي ماءُ ٿيندي آهي'، اسان کي جيڪي ورثي ۾ مليا، تن کي ڪليڪٽريءَ کان گورنر جنرليءَ تائين ڪٽي وياسين، ۽ هن مغالطي ۾ رهياسين تہ پنهنجا حاڪم اڇي ٿا پنهنجي ملڪ ۾ کير ۽ ماکيءَ جون نهرون وهائين. پر، واقعي جيڪي ڪجھ ٿيو سو پاءُ اٽي ڪاٺڻ وارن کان ڳجهو نہ آهي. ڪن جزوي هستين کي ڇڏي (مستثنيات جو هئڻ ڪُليي کي ثابت ڪندو آهي)، باقيءَ جي لاءِ هن چوڻ ۾ اسين حق بجانب آهيون تہ اهو سمورو 'خشتِ

اول' جو ڪرشمو هو جنهن بنياد ڪان چوٽيءَ تائين عمارت کي ڏِنگو رکيو.

ڌارين حاڪمن، جن اسان تي هيءَ موجوده تعليم جو سرشتو مڙهيو هو تن تي ڏوهه نٿو رکي سگهجي، ڇوته انهن اهو تعليم جو سرشتو هڪ خاص منصوبي ماتحت سٿيو هو. اهو سرشتو لارڊ ميڪاليءَ جاري ڪرايو ۽ ماستر صاحبن کي ڪليل حڪم ڏنو هٿائين ته 'جي حضوري' (courtiers) قسم جا تعليم يافتا پيدا ڪريو جي حاڪمن جي اڳيان ذرڙن جو ڪم ڏين. ظاهر آهي ته هو انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿيا، ۽ دنيا ڏٺو ته اسان 'بابُو' پيدا ڪيا. پر هينئر ته حالتون نراليون آهن. اسان جن بزگن کي اکيون کولڻ گهرجن. صوبائي تعصب جا مهٽا ڏيئي اسان کي خاموش ته ڪري سگهبو پر قوم جي ٻچن کي آخر ڪيستائين پنهنجين صلاحيتن وڌائڻ ڪان محروم رکي سگهبو؟ ڪروڙين پاڪستانين جي مشترڪ ذهني سرمايي مان پورو پورو فائدو نه وٺڻ، قوم کي ذهني ڏيوالي ۾ وجهڻ جي برابر ٿيندو. اپاهج ۽ نيم خواندا نه ڪڏهن قوم کي مضبوط بڻائي سگهندا، نه ملڪ جي خوشحاليءَ ۾ ڪو دلگهريو حصو وٺي سگهندا. تنهنڪري، سرڪار کي گهرجي ته ملڪ جي تعليمي زبانن کي قومي زبانن ڪان علحدو وجود ڏئي، ۽ انهن جي مڪمل ترقيءَ جا وسيلا نهايت فراخدليءَ ۽ محبت سان مهيا ڪندي رهي- تان جو اسان جون علاقائي زبانون ٻين ترقي يافته ملڪن جي تعليمي زبانن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي پنهنجي جاءِ وٺي بيهن، ۽ اسين ڌارين جي ويڙهن ٻڌڻ ڪان ڇٽون. هينئر اغيار اسان تي ڇٽرون ڪري رهيا آهن ته پاڪستاني ٻارن جي 'گهر ۽ گهٽيءَ جي زبان' هڪ آهي، ته 'اسڪول ۽ ڪاليج جي زبان' ٻي: سوچين هڪ زبان ۾، ته پڙهن ٻيءَ زبان ۾. تفريح جي زبان ۾ ڪچهريون ڪن، ۽ مجبوريءَ جي زبان ۾ علم پرائين! 'تعليم' تي چوي ته "ٻارن کي علم اهڙن ذريعن سان ڏيو جو هو اسڪولي ڪم کي تفريح ڪري سمجهن، نه عذاب" ۽ علم پرائڻ جو وڏي ڪان وڏو ذريعو زبان آهي.

"مُئيءَ جو وس واڪا، ٻُڌڻ ڪم ٻروچ جو!"

(روزانه "مهراڻ" ڪراچي، جي سالگرهه نمبر، 1960ع تان، شڪريي سان ورتل)

# سنڌي لُغت- نويسيءَ جي تاريخ

سنڌي ٻوليءَ جون لغتون (Dictionaries) ڪڏهن کان وٺي تيار ڪيون ويون. هن مضمون ۾ ٿوري ۾ ان تي روشني وڌي ويئي آهي.

ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌ ۾ سنڌي لغتون چڱي تعداد ۾ شايع ٿيون آهن. ڪجهه ننڍيون لغتون، سنڌي ٻوليءَ جون ٻين ملڪن ۾ بہ ڇپيون آهن، جهڙوڪ: "جپاني- سنڌي ۽ سنڌي- جپاني گلاسري" اسڪولي شاگردن جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جون ڪجهه پاڪيٽ سائيز ڊڪشنريون بہ تيار ڪيون ويون آهن. اُنهن کي ڇڏي، باقي ٻين اهميت وارين سيني سنڌي لغتن جي جاچ حاصل ڪري هتي ڏني اٿم. ممڪن آهي تہ اڃا ڪن بابت مون کي معلومات حاصل نہ ٿي سگهي هجي، ۽ جيڪڏهن ڪي سڄڻ اُنهن بابت منهنجي علم ۾ اضافو ڪندا تہ مان سندن شڪرگذار رهندس.

**سنڌي لغتن جي شروعات:**

ڪنهن بہ ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ لاءِ اُنهيءَ جي وياڪرڻ (گرامر) ۽ لفظن جي معنيٰ، اصطلاحن، محاورن ۽ پهاڪن جي معنيٰ جو علم هئڻ ضروري آهي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي حڪومت واري دؤر ۾، مڪتبن ۽ مدرسن ۾ گهڻو ڪري فارسيءَ جي تعليم ڏيڻ تي زور ڏنو ويندو هو. سنڌي ٻولي، جيڪا مڪاني ماڻهن جي مادري زبان هئي، اُنهيءَ جي سيکارڻ لاءِ ڪوبہ جوڳو بندوبست نہ هو. اِهوئي سبب آهي، جو اُنهيءَ دؤر جا ڪنهن بہ ڏيهي عالم جا لکيل سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌي لغتون روشنيءَ ۾ نہ آيون آهن. اِنهيءَ ڏِس ۾ شروعاتي ڪوششون يورپي عالمن ڪيون هيون.

ميرن جي حڪومت واري دؤر جي آخري سالن ۾، انگريز سرڪار جي ڪن عملدارن سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو جنهن جو مکيہ ڪارڻ اِهو تہ نظر اچي ٿو تہ هُنن جي مراد سنڌ تي قبضو ڪرڻ جي هئي. هُنن سنڌ سان

واپار ڪرڻ لاءِ سنڌونديءَ رستي آمدرفت واسطي ميرن کان اجازت ورتي. اِن طرح هو سنڌ جو سماجي ۽ سياسي حالتن کان بہ واقف ٿيا. 1835ع ۾ جيمس پرنسيپ سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ انگريزيءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. (A Grammar of the Scindee Language, Bombay 1835) ٻئي سال 1836ع ۾ بمبئيءَ جي رهاڪو W.H. Wathen نالي عملدار سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ ۽ لفظن جو ننڍڙو ذخيرو (A Grammar of the Sindhi Language, Bombay: 1936) انگريزيءَ ۾ شايع ڪيو. هو بمبئيءَ جي گورنر سَر رابرٽ گرانٽ جو چيف سيڪريٽري هو. هن بمبئيءَ ۾ رهندڙ سنڌي واپارين کان سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو.

1843ع ۾ جڏهن سر چارلس نيپئر دوکي سان ميرن کي شڪست ڏيئي، سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ڪئي، اُنهيءَ سال انگريزن جي ٻن فوجي عملدارن ـ ڪئپٽن ايسٽوِڪ (J. B Eastwick) ۽ ليفٽيننٽ ليچ (R. Leech) سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا ننڍڙا ذخيرا رومن لپيءَ ۾ انگريزي معنيٰ سان ڇپائي پڌرا ڪيا. اِنهن جي چارڻ اسان کي رايل ايشياٽِڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪلڪتي پاران شايع ٿيندڙ مخزن جي پرچن مان مليو ٿي.

سر چارلس نيپئر، جنهن کي سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ڪيو ويو، تنهن ملڪي انتظام ۽ سماجي سڌارن طرف گهڻو ڌيان ڏنو. هُن جي ڏينهن ۾ ٿي ڪن يورپي عملدارن سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ ريتين رسمن وغيره جو چڱو اڀياس ڪيو جن ۾ رچرڊ برٽن ۽ ڪئپٽن جارج اِسٽئڪ مُکيہ هئا. ڪئپٽين اسٽئڪ حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو هو. کيس ٻولين جي اڀياس ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. سنڌ ۾ رهندي هُن سنڌي سکڻ واسطي ڪنهن سٺي اُستاد لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي، پر کيس ڪو اهڙو سنڌي نظر نہ آيو جيڪو انگريزي يا هنديءَ ذريعي سنڌي سيکاري سگهيس; ان ڪري هُن پنهنجي ليکي سنڌي سِکڻ جو اڀياس شروع ڪيو. 1847ع ۾ اِسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر انگريزيءَ ۾ تيار ڪري بمبئي سرڪار کي ڇپائڻ لاءِ ڏنو. اُنهيءَ کان پوءِ هو انگريزي ـ سنڌي ۽ سنڌي ـ انگريزي ڊڪشنريون تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هُن پنهنجي گرامر

جي مهاڳ ۾ لکيو آهي: "مون پنهنجي وياڪرڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ بابت جيڪي قاعدا ڏنا آهن، اُهي سموريءَ سنڌي ٻوليءَ سان لاڳو ٿين ٿا. جتي جتي اُپڀاشائن (Dialects) جا ڪجهه تفاوت آهن، اُتي اُتي اُنهن طرف فوٽ نوٽن ۾ ڌيان ڇڪايو اٿم. مون ڪي ڏيهي سنڌي عالمن جون اهڙيون ڪي ٻه تصنيفون هٿ نه اچي سگهيون آهن، جن تان مون ڪي ٿوري گهڻي ڄاڻ حاصل ٿئي. اِن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ بابت جيڪي قاعدا مون ڏنا آهن، اُهي سڀ مون پاڻ سنڌين جي گفتگو ٻڌي جوڙيا آهن. مون کي هڪ به اهڙو سنڌي نه مليو آهي، جنهن کي پنهنجي مادري زبان جي وياڪرڻي نيمن جي ذري به ڄاڻ هجي. مون ٿي سنڌين جو سندن مادري زبان سنڌيءَ جي خاصيتن طرف ڌيان پئي ڇڪايو آهي. تعليم حاصل ڪيل سنڌي پڻ پنهنجيءَ ٻوليءَ جي اڀياس طرف ڌيان نٿا ڏين. مسلمان عربي- فارسيءَ جي تعليم ٿا وٺن. ٻئي طرف سنڌي هندو وري فارسي يا پنجابيءَ (گرمکيءَ) ۽ هنديءَ جو اڀياس ٿا ڪن. اُها ٻولي، جيڪا هو پنهنجيءَ ماءُ جي ٿڃ پيئندي سکيا هئا، اُنهيءَ مادري زبان کي هو فقط مسخرن جي لائق ٿا سمجهن. اِنهيءَ هوندي پڻ مون کي پُوري خاطري آهي ته ٻوليءَ جي ماهرن لاءِ هندستان جي ٻين گهڻيُن ٿي ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس وڏيڪ دلچسپ ثابت ٿيندو."

**انگلش_ سنڌي ڊڪشنري:**

اسٽئڪ جا تيار ڪيل ٻه ڪتاب – سنڌي گرامر ۽ اِنگلش – سنڌي ڊڪشنري، بمبئي سرڪار 1849ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. اِسٽئڪ جي اِنهيءَ ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ٻارهن هزار انگريزي لفظن جون سنڌيءَ ۾ معنائون ڏنل آهن. اِن ڊڪشنريءَ سان گڏوگڏ هو سنڌي_ اِنگلش ڊڪشنري به جوڙي رهيو هو. اِن ۾ گهڻيئي جهونا جهونا سنڌي لفظ ڏنل آهن، جيڪي اڄڪلهه جي ٻوليءَ ۾ واهپي ۾ نٿا اچن. اِنهيءَ ڊڪشنريءَ ۾ حيدرآباد جا ٻه سنڌي عالمَ- پنڊت برهم سچدانند ۽ پنڊت جيشٽ برهم يا جيتارام سندس ٻانهن ٻيلي هئا.

ڪئپٽن اسٽئڪ انهن ڪتابن تيار ڪرڻ ۾ ايتري قدر جفاڪشي ڪئي، جو سندس صحت ڊهي پيئي. لاچار هو موڪل وٺي علاج لاءِ يورپ هليو ويو. تندرست ٿيڻ بعد وري جڏهن هندستان ۾ واپس آيو تہ سرڪار کيس ڪنهن ٿڌي ۽ موافق آبهوا واري علائقي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آڇ ڪئي، پر سنڌي ٻوليءَ تي فدا ٿيل هن عالم اهڙي آڇ قبولڻ کان ناڪار ڪئي. اِسٽئڪ انگريز سرڪار کي عرض ڪيو تہ کيس وري ساڳئي عهدي تي سنڌ ۾ مقرر ڪيو وڃي. اِن طرح هو وري حيدرآباد ۾ موٽي آيو ۽ ڊڪشنريءَ جي اڌ ۾ چڏيل ڪم کي جُنبي ويو. اِنهيءَ جا اجا 160 صفحا ڇپيا هئا، جو ڊسمبر 1853ع ۾ اسٽئڪ راهہ رباني وٺي رمندو رهيو. سنڌيـ انگلش ڊڪشنري رايل سائيز جي 437 صفحن جي آهي. اِنهيءَ جي ڇپائيءَ جو ڪم بٽرو ايچ. ايلس پنهنجي نگرانيءَ ۾ پورو ڪرايو. هو بارٽل فريئر جو زيردست هو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي هو. ايلس اها ڊڪشنري 1855ع ۾ بمبئيءَ مان سرڪار جي تعليم کاتي طرفان ڇپائي پڌري ڪئي، اِنهيءَ ۾ اٽڪل ويهہ هزار کن سنڌي لفظ ڏنل آهن.

ڪئپٽن اسٽئڪ ٽنهي ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي استعمال ڪئي آهي، جنهن جو سبب هُن صاف لفظن ۾ اهو ڄاڻايو آهي تہ

> "اِهي ڪتاب خاص طور اُنهن سرڪاري عملدارن لاءِ لکيا ويا آهن، جيڪي سنڌ ۾ سرڪاري عهدن تي مقرر ٿيل آهن. سرڪاري ذميوارين کي نڀائڻ لاءِ کين مڪاني ٻولي سنڌيءَ جو علم حاصل ڪرڻ لازمي آهي. جيئن تہ اُهي هندي، مراٺي وغيره ٻوليون ڄاڻڻ ڪري ديوناگري لِپي اڳ ۾ ئي ڄاڻن ٿا. اِنهيءَ ڪري هو انهن ڪتابن جي مدد سان سنڌي ٻولي جلد ئي سکي سگهندا."

ايلس سنڌي – انگلش ڊڪشنريءَ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ کيس ڪئپٽن اِسٽئڪ گهڻيئي دفعا چيو هو تہ اِنهن ڪتابن ۾ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئڻ ڪري، اڻين نہ سمجهڻ گهرجي تہ هُن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري اکرن اپنائڻ جي وڪالت ڪئي آهي; پر جيسيتائين

سنڌي ٻوليءَ لاءِ لکاوٽ مقرر ڪرڻ بابت سرڪار ڪو فيصلو ڪري، تيسيتائين سنڌيءَ ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم روڪي رکڻ سياڻپ جو قدم نه ٿيندو. ايلس پاڻ عربي- فارسي اکرن ۾ سُڌارا- واڌارا ڪري سنڌيءَ لاءِ لکاوٽ تيار ڪرڻ جي فائدي ۾ هو. 1853ع ۾ سندس صدارت هيٺ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي، جنهن عربي- سنڌي لپيءَ کي نئون روپُ ڏنو. سنڌي انگلش ڊڪشنريءَ جي مهاڳ ۾ هن صاف صاف لفظن ۾ لکيو آهي ته جيڪڏهن وٽس اُهي دستخط رکيا هجن ها ته پاڻ به سنڌيءَ لاءِ سرڪاري سطح تي لکاوٽ جي فيصلي ٿيڻ تائين نه ترسي ها. هو اِهي ڪتاب ديوناگريءَ ۾ ئي جلد ڇپائي پڌرا ڪري ها، ڇاڪاڻ ته آفيسرن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ اِنهن جي گهڻي ضرورت هئي.

سنڌيءَ جي مشهور عالم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تحقيق ۽ تصنيف ڪيل هڪ ڪتاب "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي"(1) نالي سان شايع ٿيو آهي. اِهو ڪتاب 1992ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اِن جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي ته:

> "انگريز حڪمرانن جي آفيسرن جي هڪ منظم گروهه ڪئپٽن اسٽئڪ جي اڳواٽيءَ هيٺ، صدين کان وٺي استعمال ٿيندڙ عربي- سنڌي رسم الخط کي ختم ڪري، اُنهيءَ جي جاءِ تي ديوناگري رسم الخط کي رائج ڪرڻ جو منصوبو سِٽيو هو. اِنهيءَ ارادي سان ڪئپٽن اِسٽئڪ جلدي جلدي سنڌي گرامر ۽ انگريزي- سنڌي توڙي سنڌي- انگريزي ڊڪشنريون تيار ڪري ڇپائي پڌريون ڪيون. اُنهن ۾ هن سنڌي ٻولي ديوناگري رسم الخط ۾ لکي، اِها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اِن لپيءَ ۾ سنڌي ٻولي لکڻ ۾ ڪابه ڏکيائي نه آهي."

منهنجي ويچار ۾ سنڌي ٻوليءَ جي خدمتگار ڪئپٽن اسٽئڪ جي نيڪ ارادن ۾ شڪ ظاهر ڪري ڊاڪٽر بلوچ هن عالم سان زيادتي ۽ بي انصافي ڪئي آهي. ڪئپٽن اسٽئڪ جي لکيتن مان هتي جيڪي حوالا

ڏنا ويا آهن، اُنهن مان صاف ظاهر آهي تہ هن عالم سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي جو استعمال ڪئي هئي. (2)

**سنڌي - فارسي لغت:**

"جواهر لغات سنڌي اڪيچار" پهرين سنڌي – فارسي لغت آهي، جيڪا روشنيءَ ۾ آئي آهي. اِنهيءَ جو جوڙيندڙ هو آخوند عبدالرحيم عباسي. هو ڪوهستان طرف جو رهاڪو هو ۽ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ رهيو هو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ چيل زباني روايتن جا ڪجھ قصا قلمبند ڪري، سنڌ جي تعليم کاتي کي ڏنا هئا، جيڪي سرڪار ڇپائي ظاهر ڪيا. هن پنهنجو تيار ڪيل سنڌي- فارسي لغت جو دستخط پڻ سرڪاري دفتر ۾ ڏنو هو پر اُهو شايع نہ ڪيو ويو. انگريز سرڪار سنہ 1851ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ڪاروبار ۾ لِک پڙھ لاءِ تسليم ڪيو هو،اِن ڪري شايد سندن سنڌي- فارسي لغت ڇپائڻ جي ضرورت ڪانہ سمجهي ويئي. حيدرآباد سنڌ جي 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' اِن لغات جو هٿ لکيل مسودو حاصل ڪري، 1992ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. آخوند عبدالرحيم اِها لغت ڪڏهن لکي تيار ڪئي هئي، انهيءَ جو سال ڏنل نہ آهي. پر اِنهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ هُن اِها لغات 1845ع کان 1851ع واري عرصي ۾ لکي تيار ڪئي هوندي. هن ۾ سنڌي لفظ اُنهيءَ جهوني عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهن، جيڪو آخوند پاڻ ناهيو هو. هو 1878ع ڏاري گذاري ويو هو.

**اڻويهين عيسوي صديءَ جون ٻيون لغتون:**

گذريل صديءَ ۾ جيڪي ٻيون سنڌي لغتون شايع ٿيون، اُهي هن ريت آهن:

(1) **اَکر ڌاتو:** پادري شرٽ هيءُ ننڍڙو ڪتاب تيار ڪري 1866ع ۾ ڇپايو. 44 صفحن جو هيءُ ڪتاب لِٿو ۾ ڇپيل آهي. اِنهيءَ ۾ اُنهن چوند سنڌي لفظن جا ڌاتو يعني بنياد ڏنل آهن، جيڪي سنسڪرت منجهان سنڌيءَ ۾ تَد ڀَوَ روپ ۾

بدلجي آيا آهن. هن ڪتاب جي ترتيب هيٺينءَ ريت چئن ڪالمن ۾ رکي ويئي آهي.
**ڏاتو سنسڪرت جو:** (i) سنڌي اکرن ۾ لکيل، (ii) ڏاتو انگريزي رسم الخط ۾ لکيل، (iii) معنيٰ ۽ (iv) سنڌي لفظ
مثال طور:
آ (a) معنيٰ 'نہ'. سنڌي لفظ: آڇاڻ. آڏن آمرُ. آياڳي. آڪٿُ
ڄَن (Jan) پيدا ٿيڻ. سنڌي لفظ: جات. جاتڪُ. جنم. ڄَنني، ڄڻيو. ڄَمُ. ڄَمارَ. ڄڻائڻُ. ڄَمَڻُ. ڄڻو. ڄَڻڻُ. ڄَڻي.

(2) **وئتپتي ڪوش:** جمهتمل نارومل وَسٽاڻي. هن صاحب پادري شرٽ واري ساڳيءَ طرز تي سنڌي ٻوليءَ جي اُنهن چونڊ لفظن جي وئتپتي (Etymology) هن لغت ۾ ڏني آهي، جيڪي سنسڪرت مان سنڌيءَ کي وراثت ۾ مليا آهن. هن لغت جو پهريون ڇاپو لِٿو ۾ 1886ع ۾ ڇپيو هو ۽ ٻيو ڇاپو 1904ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. هن جو ٽيون ڇاپو ورهاڱي بعد 1964ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ ڇپائي پڌرو ڪيو. پهرين ٻن ڇاپن ۾ مول (بنيادي) سنسڪرت لفظ ديوناگري لپيءَ ۾ ڏنل آهن، پر ٽئين ڇاپي ۾ اُهي عربي- سنڌي رسم الخط ۾ ڏنل آهن. ڇاڪاڻ تہ هاڻي سنڌ ۾ ديوناگري حرفن ۾ ڪمپوزنگ جي سهوليت ڪانہ آهي. مثال:
ڪام- عشق: ڪامُ، ڪامي، ڪامنا، نهڪام، نِشڪام، سَڪام، نهڪامي. ڪامِڻِ، ڪامِڻي.
ايڪش- ڏِسڻُ: ويکَڻُ، پرکڻ، پريکيا، پارکو پرک، پارکا، پرکائڻ، پرکائي.

(3) **انگريزي- سنڌي ڊڪشنري:** سنہ 1868ع ۾ مهاراشٽر جي هڪ عالم، لڪشمڻ وشٽو پرانجپي، هيءَ ڊڪشنري ڇپائي، جنهن جو حوالو گريئرسن جي "Linguistic Survey of India" ڪتاب جي جُلد اٺين ۾ ڏنل آهي.

(4) **سنڌي - انگلش ڊڪشنري:** سنڌ جي تعليم کاتي طرفان 1853ع ۾ جيڪا 'عربي – سنڌي الف. بي' ٺاهي ويئي هئي، اُنهيءَ لاءِ لوهي ٽائيپ تيار ڪرائي، ڪمپوزنگ ذريعي ڇپيل هيءَ پهرين ڊڪشنري آهي. ايها ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر جي پرنٽنگ پريس ۾ ڇپي ويئي هئي. ان ڊڪشنريءَ جا تيار ڪندڙ هئا: پادري شرٽ، اُڌارام ٿانورداس ۽ مرزا صادق علي بيگ. هن ڊڪشنريءَ کي تيار ڪرڻ ۾ 'جواهر لغات سنڌي آڪيچار' جو مُصنف، آخوند عبدالرحيم عباسي، ٽِنهي ايڊيٽرن جو چڱو مددگار هو. جيئن تہ هيءَ ڊڪشنري 1879ع جي ڇپيل آهي ۽ اُن جي مهاڳ ۾ آخوند عبدالرحيم جا شُڪرانا مڃيندي ڪيس "مرحوم" ڄاڻايو ويو آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ هو ڊڪشنري ڇپجي تيار ٿيڻ کان سال بہ اڳ گذاري ويو هو. هن لغات جي خاصيت اِها آهي تہ لفظن تي زيرون زبرون ڏنيئي، اُنهن جا صحيح اُچار لکڻ تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو آهي. ايڊيٽرن جارج اسٽئڪ جا بہ گهڻا شڪرانا مڃيا آهن، جنهن جي سنڌي – انگلش ڊڪشنريءَ تان هُنن گهڻي ۾ گهڻي مدد ورتي. هن لغت ۾ اٽڪل ٻاويهہ هزار سنڌي لفظ ڏنل آهن.

(5) سنڌ جي هڪ يورپي عملدار 'مُري' (J.A.Murray) جا تيار ڪيل بہ انگريزي ڪتاب 1881ع ۾ شايع ٿيا. اُنهن جا نالا آهن:

(1) Vertebrate Zoology of Sind
(2) Plants and Drugs of Sind

اِنهن ۾ سنڌ جي پسُن (جانورن)، پکيُن، جڙين ٻوٽين ۽ وڻن ٽِڻن جا نالا گڏ ڪري، رومن لپيءَ ۾ انگريزي معنيٰ سان ڏنل آهن.

(6) ليلارام وطنمل لالواڻي 'خاڪي'، انگريزيءَ ۾ شاهه عبداللطيف جي حياتيءَ ۽ ڪلام تي هڪ تحقيقي ڪتاب "The Life, Religion and Poetry of Shah Latif" نالي سان 1890ع ۾ شايع ڪيو. اِنهيءَ ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ شاهه جي رسالي جي اوکن لفظن جي معنيٰ انگريزيءَ ۾ ڏنل آهي. شاهه جي رسالي جي هيءَ پهرين لغت آهي.

**ويهين عيسوي صديءَ ۾ سنڌي لغت نويسي:** 1955 کان وٺي 1947ع تائين:

ويهين صديءَ جي پهرئين اَڌ ۾ ورهاڱي تائين، سنڌي لغت نويسيءَ ۾ چڱو ئي اَهم ۽ بنيادي ڪم ٿيو آهي. اِنهيءَ دور ۾ شايع ٿيل مُکيه ڊڪشنريون هن ريت آهن:

**ديوان ڪوڙومل چندنمل کِلناڻي:** هن سن 1904ع ۾ "**انگريزي- سنڌي ڊڪشنري**" ڇپائي. اُن کان پوءِ هن هڪ "**سنڌي- انگلش ڊڪشنري**" بہ شايع ڪئي، جنهن ۾ اهڙا سنڌي لفظ درج ڪيل آهن، جيڪي شرٽ – اُڏارام- مِرزا صادق علي واري ڊڪشنريءَ ۾ ڏنل نہ آهن.

**ڀيرومل مهرچند آڏواڻي:** هي صاحب شاهه جي رسالي جو اونهو اڀياس ڪندڙ هو. هن "**غريب اللغات**" نالي سان رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ جدا جدا جُلدن ۾ ڇپائڻ شروع ڪئي. پهريون ڀاڱو 1907ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي ظاهر ڪيائين. اِنهيءَ ۾ سُر ڪلياڻ، سُر يمن ڪلياڻ ۽ سُر ڪنيات جا ڏکيا لفظ ڏنل آهن. اهو ڀاڱو سَتِ صفحن ۾ آهي ۽ ڪيترن هنڌن تي لفظن جي ويُتپتي (Etymology) پڻ ڏنل آهي. اِن کان پوءِ لڳي ٿو تہ هو ٻيا ڀاڱا ڇپائي ظاهر ڪري نہ سگهيو.

**پرمانند ميوارام:** هن "**سنڌي- انگلش ڊڪشنري**" 1910ع ۾ حيدرآباد مان شايع ڪئي. اِنهيءَ لاءِ هن نہ فقط اڳيُن سنڌي ڊڪشنرين تان مدد ورتي، پر پنهنجي ليکي پڻ سنڌ جا جدا جدا ڳوٺ گهُمي، ڪميُن- ڪاسبيُن ۽ ڌنڌي وارن جا اصطلاح گڏ ڪري درج ڪيائين. جيتوڻيڪ هن جو سنڌاءُ اڄ ڪلهه

جي وگيانڪ (سائنسي) ڍنگ جو ناهي، تنهن هوندي بہ اَڄُ تائين اِها لغت سند طور استعمال ڪئي وڃي ٿي. اِن ۾ سنڌي لفظن جو تعداد اٽڪل پنجويهہ هزار آهي. پرمانند جي ٻي "**انگلش۔ سنڌي ڊڪشنري**"، سن 1933ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿي. هاڻي ويهين صدي ختم ٿي چُڪي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻيئي نوان لفظ ۽ اصطلاح جذب ٿي ويا آهن. اِنهيءَ ڪري اِنهن ڊڪشنرين ۾ اضافو ڪري ۽ ضروري سُڌارا آڻي، نيون جامع ڊڪشنريون تيار ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

**مرزا قليچ بيگ:** لغت نويسيءَ جي ڪيتر ۾ مرزا قليچ بيگ پڻ ٻين عالمن کان گهڻو اڳتي هو. هُن شاهہ جي رسالي جو نئون ڇاپو تيار ڪري ڇپائڻ سان گڏ سن 1913ع ۾ "**لغات لطيفي**" بہ شايع ڪئي. اُن ۾ سندس تيار ڪيل شاهہ جي رسالي جي ايڊيشن مطابق سُرن موجب ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي.

مرزا صاحب 1921ع ۾ انگريزيءَ ۾ هڪ ننڍڙو ڪتاب "Philological Curiosities" نالي بہ ڇپايو. انهيءَ ۾ هن سنڌي لفظن جي ٻين ٻولين سان ڀيٽ ڪئي آهي. انگريزي، عربي، فارسي لفظ ڪيئن سنڌيءَ ۾ بدلجي آيا آهن، اِن تي بہ روشني وڌل آهي.

مرزا قليچ بيگ جو ٽيون ڪتاب آهي "**لغات قديمي**"، جيڪو هُن 1923ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اُنهيءَ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام سان گڏ ٻين جهونن سنڌي شاعرن جي شعرن مان ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي. مرزا جو هڪ ڪتاب "باغ ۽ باغبانيءَ" بابت بہ ڇپيل آهي. اُن ۾ هُن اِنهيءَ فن سان واسطو رکندڙ گهڻيئي لفظ ڏنا آهن.

**ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ** "شاهہ جو رسالو" ٽن جلدن ۾ مرتب ڪيو. هرهڪ جلد جي آخر ۾ سمجهاڻيءَ واري حصي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ اُنهن جي ويُتپتي (Etymology) بہ ڏنل آهي. اِهو حصو جيڪڏهن الڳ ڪتاب جي صورت ۾ ترتيب ڏيئي ڇپائجي، تہ شاهہ جي رسالي جي لغت بڻجي پوندو.

هن دؤر ۾ اِسڪولي شاگردن جي ڏانءَ جون ٻه چڱيون ٺاهيون ڊڪشنريون شايع ٿيون آهن. اُنهن ۾ **آنندرام ٽي. شهاڻيءَ** جون **"انگلش-سنڌي"** ۽ **"سنڌي- انگلش ڊڪشنريون"** خاص طور ذڪر لائق آهن. هُن انگلش ڊڪشنريءَ ۾ انگريزي لفظن جا اُچار پڻ جدا ڪالم ۾ ڏنا آهن.

خاص موضوعن تي شايع ٿيل ڊڪشنرين ۾ **"فرهنگ جعفري"** (1935ع) قابلِ ذڪر آهي. اُن جو تيار ڪندڙ هو حيدرآباد سنڌ جو رهاڪو محمد حسن، جيڪو مشهور يوناني طبيب هو. هن اِن لغت ۾ جڙين- ٻوٽين، بيمارين ۽ اُنهن جي علاج جا ٽيڪنيڪي لفظ ڏنا آهن. اِنهيءَ جو نئون سُڌاريل ڇاپو نياز همايونيءَ ترتيب ڏنو جيڪو ٽن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهي.

**پهاڪن ۽ محاورن جا مجموعا:**

ٻوليءَ جي اڀياس جي خيال کان پهاڪن ۽ محاورن جي مجموعن کي به گهڻي اهميت آهي. انهيءَ ڏِس ۾ شروعات گذريل صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ ٿي هئي. ڪيوَلرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ، سن 1869ع ۾ **"گل شڪر"** نالي سان سنڌي پهاڪن جو مجموعو لِکي، سرڪار جي تعليم کاتي کي ڇپائڻ واسطي ڏنو هو. جيڪو ڪيترا سال دفتر جي ڪٻٽن ۾ دٻيو پيو هو. نيٺ 1905ع ۾ اُهو ڇپائي ظاهر ڪيو ويو. اِن ڪتاب ۾ ڪل 570 سنڌي پهاڪا سمجهاڻيءَ سميت ڏنل آهن. گذريل صديءَ ۾ ئي، ڪوڙيمل کِلناڻيءَ **"سنڌي پهاڪا"** نالي هڪ ننڍو مجموعو 1889ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. ان ۾ ٻارهن سؤ کن سنڌي پهاڪا ڏنل آهن، پر سمجهاڻي ڏنل نه آهي. ليکڪ جي لکڻ موجب، ائين ڪرڻ سان ڪتاب چڱو وڏو ٿي وڃي ها، جنهن ڪري غريب غربو يا ڇوڪر ٻاڪر وٺي نه سگهي ها. سنڌيءَ ۾ پهاڪن جو ڇپيل اِهو پهريون ڪتاب آهي. روچيرام گجومل ڪرپالاڻي، جيڪو انگريز عملدارن کي سنڌي پاڙهيندو هو تنهن اٺ سؤ کن سنڌي پهاڪا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري 1892ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. اِن ڪتاب جو نالو رکيائين. "A Hand Book of Sindhi Proverbs" اِهو ڪتاب عوام ۾ ايترو ته پسند پيو جو انهيءَ جا پوءِ چار ڇاپا ڇپيا هئا.

گهنشامداس رامنداس پڳت پهريون سنڌي عالم هو جنهن 1910ع ۾ "**سنڌي ٻوليءَ جي سونهن**" نالي سان سنڌي ورجيسن ۽ اصطلاحن جو پهريون مجموعو ڇپائي پڌرو ڪيو. اِن ڪتاب ۾ سوا ٻه هزار کن سنڌي محاورا معنيٰ ۽ جُملن ۾ پريوگ سان گڏ ڏنا ويا آهن.

مرزا قليچ بيگ 1925ع ۾ "**پهاڪن جي حڪمت**" نالي سان ننڍڙو ڪتاب ڇپايو جنهن ۾ سنڌي پهاڪن سان گڏ، جدا جدا ٻولين ۾ ملندڙ پهاڪا پڻ چونڊي الڳ الڳ بابن ۾ ڏنا ويا آهن. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو ننڍڙو ڪتاب "**پهاڪن جي پيڙهه**" به اُنهيءَ دؤر ۾ شايع ٿيو جنهن جي ڇپجڻ جو سال ڏنل نه آهي. انهيءَ ۾ ليڪڪ هڪ سؤ ٻائيتاليهه سنڌي پهاڪا سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنا آهن. پيرومل پوءِ 1928ع ڌاري "**گلقند**" نالي سان سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن جو مجموعو ڇپايو. اِن ۾ ٻه ڀاڱا آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ 1450 اصطلاح معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن. موهن لال جوتسنگهه شهاڻيءَ "Sindhi Idioms" نالي سان سنڌي اصطلاحن جو مجموعو ڇپايو. ڇپائيءَ جو سال ڏنل نه آهي. ان ۾ هڪ ڪالم ۾ سنڌي اصطلاح ۽ ٻئي ڪالم ۾ اُنهن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ يا هم معنيٰ انگريزي اِڊيم ڏنل آهن. ملڪ جي آزاديءَ کان اڳ ٻيا به ڪجهه سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن جا ننڍا ننڍا مجموعا شاگردن جي لاءِ ڇپيا هئا.

**1947ع کان پوءِ سنڌ ۾:**

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي لغت نويسيءَ ۾ گهٽي ۾ گهٽو ڪم سنڌ ۾ ٿيو آهي. اِنهيءَ ۾ پهرئين نمبر تي آهي "**جامع لغات سنڌي**"، جيڪا سنڌي ادبي بورڊ، پنجن جلدن ۾ شايع ڪئي آهي. (پهريون جلد 1960، ٻيو جُلد 1981، ٽيون جلد 1984، چوٿون جلد 1985 ۽ پنجون 1988 ۾) هن جو ايڊيٽر آهي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. (هن لغت جا سنڌي ادبي بورڊ پاران ٻه ڇاپا 1960ع ۽ 1970ع ۾ ڇپيا آهن، ۽ ساڳي لغت ٽن جلدن ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ 2004ع ۾ ڇپائي آهي).

"جامع لغات سنڌيءَ" جي تاريخ ڇڱي وڏي آهي. اِنهيءَ جي تيار ڪرڻ جي شروعات آزاديءَ کان اڳ 1940ع ۾ ڪئي ويئي هئي. سنڌ

سرڪار جي برپا ڪيل "سنڌي ساهت لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" طرفان سنڌي عالمن جي هڪ ڪميٽي 1940ع ۾ مقرر ڪئي ويئي هئي، جنهن کي هن لغات ٺاهڻ جي ذميواري سونپي ويئي. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ لالچند امرڏنومل جڳتياڻي اُن ڪميٽيءَ جا ميمبر هئا. اِنهيءَ لغات جو مسودو الف- بي جي پهرين چئن حرفن (ا، ب، ٻ، ڀ) تائين تيار ڪيو ويو هو تہ ورهاڱو ٿيو. لغات ٺاهڻ جو ڪم ڪجهہ سال ڏانواڏول ٿي ويو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌ سرڪار 1951ع ۾ (سنڌي ساهت لاءِ صلاحڪار بورڊ جي نئين سر جوڙجڪ ڪري) نئين سر "سنڌي ادبي بورڊ" برپا ڪيو. "جامع لغات سنڌي" جي رِٿا مڪمل ڪرڻ جو ڪم اِن اداري کي سونپيو ويو. ان جو دفتر سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، جي پراڻي ڪئمپس (جيڪو آزاديءَ کان اڳ نئُوديالہ هاءِ اسڪول هو) واري بلڊنگ جي هڪ ڪمري ۾ کوليو ويو. سنہ 1951ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي اِنهيءَ ڊڪشنريءَ جي رٿا مڪمل ڪرڻ جي ذميواري سونپي ويئي. ڊاڪٽر بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ 1952ع کان ڪم جي نئين سر شروعات ڪئي ويئي. سنڌ جي جدا جدا ايراضين مان ۽ سنڌي ادب جي ڇپيل ڪتابن مان توڙي جهونن دستخطن مان، لفظن جي گڏ ڪرڻ جو ڪم شروع ٿيو. اِن طرح گڏ ڪيل لفظن جي ذخيري جو پهريون مسودو 1954ع ۾ جوڙي تيار ڪيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ موجب، لغات جو پهريون جلد ڇپائي ظاهر ڪرڻ ۾ گهڻيئي رڪاوٽون درپيش آيون. نيٺ اهو جلد (جنهن ۾ ٽن حرفن سان شروع ٿيندڙ لفظ الف، ب، ٻ آهن) ڇهن سالن جي ڊگهي عرصي بعد، 1960ع ۾ شايع ٿيو. اِها نهايت ئي ساراهہ جوڳي ڳالهہ چئبي، جو اِن پهرئين جلد ۾ درج ڪيل سنڌي لفظن جو ذخيرو اٽڪل سورهن هزار آهي. پنجن ئي جلدن ۾ مڪيہ لفظن جون اٽڪل ڏيڍ لکُ داخلائون آهن. اِنهيءَ ڊڪشنريءَ جي پهرئين ايڊيشن ۾ تحقيقي لحاظ کان ڪجهہ گهٽتايون آهن. تنهن کان سواءِ، جڏهن زباني روايتن مان چاليهن جلدن ۾ سنڌي لوڪ ادب گڏ ڪري ڇپايو ويو تہ اُنهيءَ ۾ پڻ گهڻيئي نوان نوان سنڌي لفظ هٿ آيا، جيڪي لغات ۾ شامل ٿي نہ سگهيا هئا.

ان کان سواءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان گڏجي ٻہ ڊڪشنريون ڇپائي پڌريون ڪيون.

**سِنڌي- اردو لغت** (1959ع)، ٻيو ڇاپو (1979ع)

**اُردو- سنڌي لغت** (1960ع)

لغت نويسيءَ جي ڪيتر ۾ ڊاڪٽر **عبدالڪريم سنديلو** پڻ عالمن جي پهرين صف ۾ آهي. هن کي خاص طور لفظن جا اشتقاق ۽ ويُتپتيون (Etymologies) ڳولي ڪڍڻ جو گهڻو شوق هو. اِن ڪري سندس هر لغت ۾ سنڌي لفظن جي پيڙهہ (ڌاتو) ملي ٿي. سندس ڇپيل قابلِ ذڪر تصنيفون آهن:

**تحقيق لغات سنڌي** (پهريون ڇاپو- 1975ع)

**ذهن نامو** (ٻيو ڇاپو 1979ع)

**سامي ڌاتو ڪوش** (1978ع)

**سچل لغات** (1984ع)

سنڌ جو سينگار، وينجهار لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو (پي. ايچ. ڊيءَ جو مقالو) سنديلي جا لکيل ٻيا ڪتاب آهن، جن ۾ پڻ سنڌي لفظن جا اشتقاق ملن ٿا.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل خاص ذڪر لائق لغتون هن ريت آهن:

**ٻاروچي ٻولي** (ٻاڳو پهريون 1984ع)، سيد نجف علي شاهہ ڪُمتر نقوي

**جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري** (1987ع) شمس الدين تنيو

**لغات سنڌي مخففات** (1991ع) مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

**شاهہ جي رسالي جي ڏِسٽي** (1994ع) عبدالغفار گوهر دائودپوٽو

**سنڌي ڪنمپلزا** (اصطلاحات اصغر) (1956ع) غلام اصغر

**ٻهاڪن جي ٻاڙ** (1966ع) عبدالڪريم سنديلو.

**اصطلاحن جي اصليت** (1987ع) سنديلو.

**سنڌي زبان جي بنيادي لغت** (1986ع) سنڌي ادبي بورڊ

**لاڙ جي لغات** (1975ع)، عبدالجبار جوڻيجو

**هفت زباني لغت** (1974ع) مرڪزي اردو بورڊ، لاهور.

(هن لغات ۾ اردو بنگلا، بلوچي، پشتو پنجابي، سنڌي ۽ ڪشميري ٻولين جا هم معنيٰ لفظ آمهون سامهون ڏنل آهن.)

**سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت** (1996ع)، غلام قادر سومرو

**هڪ جلدي سنڌي لغت** (1998ع) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

**عربي- سنڌي لغت** (1988ع – 1990ع) ٽن جلدن ۾ غلام حسين جلباڻي

**اسان ڪي متان وساريو** (1999ع) گنگارام سمراٽ (اُنهن جهونن لفظن جي لغت جيڪي هاڻي واهپي مان نڪري ويا آهن)

زرعي لفظن جي لغت- سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ٽنڊوڄام.

**1947ع کان پوءِ ڀارت ۾:**

ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ پڻ سنڌي لغت نويسيءَ طرف ڇڱو ڌيان ڏنو ويو آهي. پرمانند ميوارام جون مرتب ڪيل ٻئي ڊڪشنريون ٻيهر شايع ڪيون ويون آهن. هن ڪيتر ۾ جيڪي نيون ۽ اهم تصنيفون شايع ٿيون آهن، اُهي هن ريت آهن:

1. **هندي- سنڌي شبدڪوش**- ڪيندريہ هندي نديشاليہ، دهلي.
2. **هندي- سنڌي- انگريزي شبدڪوش** (........)

اِنهن ٻنهي ڪوشن ۾ سنڌي لفظ عربي- سنڌي ۽ ديوناگري سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن. سنڌي لفظ ڳولي ميسر ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي مدد ڏني آهي.

3. **ڀارتيہ ويوهار ڪوش** (1961)، وِشوَناٿ دِنڪر نروٽي. (ڀارت جي جوڙجڪ (Constitution) ۾ شامل ڪيل ٻولين جو ڪوش، جن ۾ سنڌي بہ هڪ آهي.
4. **ڀارتيہ ڀاشا ڪوش** (ڪيندريہ هندي نديشاليہ، دهلي). (هن ۾ ڀارت جي جوڙجڪ ۾ شامل سيني ٻولين جا لفظ وشيہ

(موضوع) موجب ورهائي ڏنا ويا آهن. سنڌي لفظ ستيش روهڙا گڏ ڪري ڏنا آهن. نظرثاني مرليڌر جيٽيلي).

5. **تتسم شبدڪوش** ـ ڊاڪٽر نگيندر (هِن ۾ سنسڪرت لفظن جا سنڌيءَ ۾ بين هاٽوڪين ٻولين جا تتسم ۽ تديو روپ ڏنل آهن.)
6. **مراٺي ـ سنڌي شبدڪوش** (1991). لڇمڻ پرسرام هردواڻي
7. **سنڌي ـ مراٺي شبدڪوش** (1995). لڇمڻ پرسرام هردواڻي
8. **بنيادي سنڌي ـ هندي ڊڪشنري** (1995) ڪنهيالال ليکواڻي
9. **بنيادي سنڌي ـ هندي ـ انگريزي ڊڪشنري** (1996ع). ڪنهيالال ليکواڻي
10. **سنڌي ـ هندي ـ انگريزي سچتر شبدڪوش** (1998) ڪنهيالال ليکواڻي
11. **سنڌي ـ ڪڇي ـ سوڊڪي ـ جتڪي شبداولي**: پرسو گدواڻي.
12. **شاهه فرهنگ** (شاهه جي رسالي جو ڪوش) (1994) تيج قابل
13. **ڪڇي ـ گجراتي شبدڪوش** (1982) ڏليرايه ڪاراڻي
14. **ڪڇي شبداولي** (1966). شانتي ڀائي آچاريه.
15. **برهد ڪڇي شبدڪوش** (ٻه ڀاڱا 1988) پرتاب راءِ گوپالجي ترويدي
16. **انگريزي ـ هندي ـ سنڌي ڪوش** ـ پريداس برهمچاري ۽ ديپچندر تِلوڪچند.
17. **انگلش ـ سنڌي ڊڪشنري**، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (ٻيون ڇاپو)
18. **سنڌي شبد مهراڻ** (1999) پنڊت ڪشنچند جيٽلي. (ديوناگري سنڌيءَ ۾ جدا جدا موضوعن موجب لفظ ورهائي ورگن ۾ رکي هر ـ معنيٰ لفظ ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.)

**سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن جا ڪوش:**

1. **سنڌي اصطلاح** (ٻن ڀاڱن ۾ 1987) ليکراج ڪشنچند عزيز

2. **ڀاڪن جي ڀاڀوهه** (1973ع)، تيرٿ داس هاتيراماڻي
3. **ماڻڪ موتي** (ورجيسيون ۽ محاورا) (1982ع) سترامداس سائل
4. **ڏرن جي ڏيلي** (ڀهاڪا ۽ چوڻيون) (1982) سترامداس سائل
5. **سنڌي ڀهاڪا ۽ محاورا ڪوش** (1993ع) سنتداس ڪشناڻي. ايڊيٽر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. (هن ۾ اٽڪل ٻارهن هزار سنڌي ڀهاڪا ۽ اصطلاح معنيٰ سميت ڏنل آهن. اِن کان سواءِ مهاڳ جي روپ ۾ جيٽلي جو لکيل تنقيدي اڀياس بہ آهي.
6. **ڀارتيہ کهاوت ڪوش** (ٽن ڀاڱن ۾ 1978ع کان 1983ع). وشوَناٿ ڏِنگر نروَڻي. (هن ۾ اٽڪل ٻارهن سؤ سنڌي ڀهاڪا هِندي ۽ انگريزي ترجمي سان مُرليڌر جيٽلي گڏ ڪري ڏنا آهن، جن جي ڀيٽ ٻين ٻولين جي ڀهاڪن سان ڪيل آهي.

**سنڌي ساهتيہ جا ڪوش (ادب جون لغتون)**

سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي ڪتابن جون ٻِبيليوگرافيون ۽ سنڌي ليکڪن جون ڊائريڪٽريون تہ شايع ٿيون آهن، پر سنڌي ساهتيہ جو ڪوش شايع ڪرڻ ۾ پهل ڀارت ۾ ڪئي ويئي آهي. اهڙا ڪوش سنڌ ۾ ڇپيا هجن، تنهن جي معلومات مون کي اجا تائين ملي نہ سگهي آهي. هتي ڀارت ۾ شايع ٿيل ساهتيہ ڪوشن جو ذڪر ڪجي ٿو جن ۾ سنڌي ساهتيہ بہ شامل ٿيل آهي:

1. **ڀارتيہ ساهتيہ ڪوش** (1981ع)، نگيندر. هيءَ لغت هنديءَ ۾ آهي. اِن ۾ سنڌي ليکڪن ۽ ڪتابن بابت داخلائون ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جون ڏنل آهن.
2. **انٽرنيشنل اينسائيڪلوپيڊيا آف انڊين لٽريچر** (1991ع) گنگارام گرگ. هن جي اٺين ڀاڱي ۾ سنڌي ادب سنڌي ڪتابن ۽ ليکڪن بابت چارٽ ڏنل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي مهاڳ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو لکيل آهي.
3. **ڪمپينريئو انڊين لٽريچر** (ٻن ڀاڱن ۾ 1984 – 1985) ايڊيٽر ڪي. ايم. جارج (هن ۾ سنڌي ساهت جي جدا جدا روپن تي انگريزيءَ ۾ مضمون ڏنل آهن).

4. **اينسائيڪلوپيڊيا آف انڊين لٽريچر** (ڇهن ڀاڱن ۾ 1987 – 1994ع).
هيءَ ڪتاب مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ طرفان ڇپيل آهي. اِن ۾ ڀارت جي جوڙجڪ (Constitution) ۾ شامل ڪيل سڀني ٻولين جي ادب تي الف- ب وار داخلائون ڏنل آهن. سنڌيءَ جو ايڊيٽر پرم اٻيچنداڻي آهي. سنڌي ادب جي باري ۾ اٽڪل پنج سؤ داخلائون انگريزيءَ ۾ ڏنل آهن، جيڪي جدا جدا سنڌي عالمن لکي ڏنيون آهن.

5. **ڊڪشنري آف سنڌي لٽريچر** (1996ع) ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي.
انگريزيءَ ۾ ڇپيل هن ڪتاب ۾ انگريزي آئيوٽا وار سنڌي ليکڪن، سندن ڪتابن ۽ سنڌي ساهتيه بابت داخلائون ڏنل آهن. ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌ جي مکيه سنڌي ليکڪن ۽ سندن تخليقن بابت پڻ معلومات ڏنل آهي.

**ڀارت ۾ اڻ- ڇپيل يا ڇپائيءَ هيٺ سنڌي لغتون:**

**(الف)اڻڇپيل مسودا:** 1960ع ۾ ڊيڪن ڪاليج پوني جي پوسٽ گرئجيوئيٽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ مهاراشٽر سرڪار جي مالي مدد سان 'سنڌي ڀاشا وگيان شعبو" برپا ڪيو ويو جنهن جي شروعات ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ ۽ مرليڌر جيٽلي جي مقرريءَ سان ٿي ۽ وڏي سنڌي- هندي- انگريزي ڊڪشنري تيار ڪرڻ جي رٿا هٿ ۾ کنئي ويئي. اسان جي وڃڻ کان پوءِ ٻيا اسڪالر اِن ڪم تي مقرر ڪيا ويا. آخري ويهارو سال پرسو گدواڻي اِنهيءَ پراجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيو هو. اهو به رٽائرڊ ٿي ويو (۽ هاڻي گذاري به ويو آهي) چاليهن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌي داخلائون سلپن تي درج ڪيون ويون آهن، جيڪي ڪٻٽن ۾ بند آهن. اها خبر خدا کي ته ڊڪشنري ڇپجي ظاهر ٿيندي يا اِهي سلپون ڪٻٽن ۾ ئي سڙي وينديون!

**"تهجي ڪوش":** ماسٽر سهجرام ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ لکي تيار ڪيو هو. سندس پٽ پيتامبرداس کي اِهو مسودو ورثي ۾ مليو جيڪو ڪائنس ايڊيوڪيشن منسٽريءَ پنجويهه هزار رُپين ۾ خريد ڪيو پر ڇپائڻ

جو ٽيو پلو. هاڻي تہ اِهو مُدي خارج آهي، جو اڄوڪي زماني جون گهرجون اِن مان پوريون ٿي نہ سگهنديون.

ماستر هاسانند لالا جي **سنڌي۔ سنڌي لغت** جو دستخط تاراچند گاجرا وٽ هو. هن جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اُهو مون ٻلديو گاجرا وٽ ڏٺو هو. هن ڪوشش پئي ڪئي تہ سرڪار اُهو خريد ڪري ڇپائي، پر ان مقصد ۾ هو ڪامياب نہ ٿي سگهيو. خبر ناهي تہ اِهو دستخط اڃا تائين سلامت آهي يا اُڏوهيءَ جو کاڄُ ٿي ويو!

"**سنڌي۔ هندي۔ انگريزي ڊڪشنريءَ**" جي پراجيڪٽ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ شروع ڪيو هو. اُن جو ڪم ڊاڪٽر ستيش روهڙا کي سونپيو ويو. پر وقت اندر ڊڪشنري تيار نہ ٿي سگهي. انهيءَ جا ڪارڊ هن وقت آديپور جي انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ رکيل آهن ۽ اِهو پراجيڪٽ اڌ ۾ پيو آهي.

ممڪن آهي تہ ٻيون بہ ڪي لغتون اِن طرح دستخطن جي صورت ۾ ڪن سڃڻن وٽ پيل هجن، جيڪي سج جي روشني ڏسي نہ سگهيا آهن. ڀارت سرڪار طرفان سنڌيءَ ۾ "**ٽيڪنيڪي اصطلاحن**" (Technical Terms) جي تيار ڪرڻ جي رٿا شروع ڪئي ويئي هئي. جدا جدا موضوعن تي انگريزءَ ۽ هنديءَ جا هم – معنيٰ اصطلاح سنڌيءَ ۾ ڪارڊن تي درج ڪيا ويا. اِهو ڪمُ بہ گذريل 30 سالن کان وٺي رولي ۾ پيو آهي. مرڪزي سرڪار طرفان برپا ڪيل "نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي" کي گهرجي تہ اِهو پراجيڪٽ جلد بہ جلد مڪمل ڪرائي.

**(ب) ڇپائيءَ هيٺ سنڌي لغتون:**

گجرات سنڌي اڪادميءَ طرفان ٻہ لغتون شايع ٿيڻيون آهن. اِهي آهن **سنڌي۔ گجراتي شبدڪوش** ۽ **گُجراتي۔ سنڌي شبدڪوش**. اِنهن جو مکيہ ايڊيٽر آهي 'سترامداس "سائل"'. هن صاحب پنهنجي ليکي بہ هڪ **سنڌي۔ سنڌي ڊڪشنري** تيار ڪئي آهي، جيڪا ڇپجي چڪي آهي. ان جو ٻيو ڇاپو سنڌ ۾ (2009ع) ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد ڇپايو آهي.

**سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ وشو ڪوش** (Encyclopaedia):

اندين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان تازو هيءُ وشوڪوش شايع ٿيو آهي، جنهن جو مکيہ ايڊيٽر ڊاڪٽر ستيش روهڙا آهي. انهيءَ جي سمپادن ۾ پرم ابيچنداڻيءَ گهڻي مدد ڏني آهي. هن رڻا جو آڌار مکيہ طور مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان انگريزيءَ ۾ ڇپايل اينسائيڪلوپيڊيا ۾ ڏنل سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جون داخلائون آهن، جن ۾ اضافو ڪيل آهي.

**سنڌي ويُتپتي ڪوش:** ورهاڱي کان ڪجھ سال اڳ حيدرآباد سنڌ ۾ رهندڙ، پنڊت ڪشنچند جيٽلي "سنڌي ويُتپتي ڪوش" (Sindhi Etymological Dictionary) ناهڻ جو پراجيڪٽ شروع ڪيو هو. اُن تي ڪم هلي رهيو هو تہ ورهاڱو ٿيو. پنڊت ڪشنچند جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ٻون اِنهيءَ ۾ سُڌارا ۽ واڌارا ڪري ڪوش مڪمل ڪيو آهي. هن ۾ ويهہ هزار کن سنڌي لفظن جي ويُتپتي ۽ تاريخي اوسر ڏنل آهي. اِهو ويتپتي ڪوش جلد ئي شايع ڪيو ويندو.

ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ بنيادي گجراتي- **سنڌي تڪنيڪي شبدڪوش** جو مسودو تيار ڪيو آهي. ٻئي طرف ڪنهيا لال ليکواڻيءَ ويسٽرن ريجنل لئنگويج سينٽر طرفان اُنهن بنيادي سنڌي اصطلاحن جو ڪوش ناهيو آهي، جيڪي ٻارهين درجي تائين جدا جدا مضمونن جي درسي ڪتابن ۾ استعمال ٿين ٿا. اِهي ڪوش انگريزي – هندي- سنڌي ۽ سنڌي- هندي- انگريزيءَ ۾ آهن. اِنهن جو مسودو وٽن ڇپائيءَ لاءِ تيار پيو آهي. نيم سرڪاري ۽ سرڪاري ادارن کي گهرجي تہ اهڙين رٿائن کي مڪمل ڪرڻ ۾ ۽ ڇپائي ظاهر ۾ مالي مدد ڏين.

آخر ۾ هتي مان اِنهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا تائين گهڻن ئي ٽيڪنيڪي موضوعن تي لغتون نہ ناهيون ويون آهن، جيئن تہ سنڌي مهاپرشن ۽ تاريخي شخصن جو ڪوش، تاريخي جڳهين ۽ قديم ماڳن جي ڊڪشنري، ادب ۽ سائنس ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاح وغيره. سرڪاري ادارن کي گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ اهڙين رٿائن طرف وڌيڪ ڌيان ڏين.

# ’سنڌي ٻوليءَ جو مصدرن ۽ سندن اسم مفعول‘ جي صورتخطيءَ وارو معاملو

سنڌي ٻوليءَ ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪافي ڳالهيون اڃا سوڌو مونجهاري ۾ ورتل آهن. انهن جي ڪنهن اصول متعين ڪرڻ لاءِ بہ ڪافي رنڊڪون سامهون اچن ٿيون. خاص طور تي لهجاتي فرق! سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 ڊسمبر 1998ع تي درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون. ’سنڌي ٻئي ڪتاب‘ لاءِ ’گروپ ٽئين‘ ۾ جيڪي لفظن جون درست سفارشون ڏنل هيون، تن ۾ هت صرف هيٺ ڏنل هڪ لفظ يعني فعل جي ڪردنت (اسم مفعول) تي تنقيدي نظر رکڻ لاءِ ٻيهر نظر رکي ڇنڊڇاڻ جي ڪوشش ڪبي.

"سنڌي ٻيو ڪتاب (گروپ ٽيون): ڇڳل = ڇنل (صحيح)" (اتارتي، جنوري 1999ع: 73)

وچولي لهجي/ ساهتي پرڳڻي جي عام ٻوليءَ ۾ ذاتي مشاهدي موجب ٻئي لفظ استعمال ٿين ٿا. پر ’ڇنڻ‘ فعل مان ’ڇڳل‘ جو استعمال قدري وڌيڪ ٿئي ٿو. اهڙي قسم جا ننڍڙا مسئلا بہ بين الاقوامي تحقيق جي اصولن موجب ٿيڻ کپن! اصل مسئلو پڙهڻ پڙهائڻ وارن جو آهي، جنهن ۾ شاگرد ۽ استاد اچي وڃن ٿا. ان حوالي سان ڪم ٿئي ڪونہ ٿو آخرڪار مخصوص ماڻهن جي راءِ کي پوري ٻوليءَ تي مڙهيو ويندو آهي.

جاڻايل سفارش ۾ ’ڇنڻ‘ فعل مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ’ڇڳل‘ ۽ ’ڇنل‘ لفظن مان ’ڇنَل‘ لفظ کي وڌيڪ ترجيح ڏني وئي؛ ترجيح ڪهڙن اصولن يا بنيادن تي رکي وئي يا اهڙي ترجيح ۾ ذاتي راءِ کي

ٻہ اهميت آهي يا نہ! ان جو ڪوبہ تفصيل ڄاڻايل ڪونهي.* اهڙي قسم جي ترجيحن ڏيڻ کان اڳ 'سنڌي ٻوليءَ جي اڻاٽي' تي ٻہ فرض ٿئي ٿو تہ اهڙن ننڍڙن مسئلن کي بہ 'مذاڪري' جي بنيءَ مان گذاري ڪي اصول متعين ڪري.

ساڳئي مسئلي جي اهميت کي محسوس ڪندي ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ پڻ ڄاڻائي ٿي تہ: "اسان وٽ مختلف فعلن جا ڪردنت (participle) ناهڻ مهل محض رٽي يا يادگيريءَ تي ڀاڙيو وڃي ٿو. ڪي اصول طئي ڪري لساني يا صوتي (phonetic) سبب ڄاڻائي لفظن جي جوڙجڪ نئي سمجهائي وڃي." (فهميده، جنوري 2009ع: 27)

ڪا متعين جوڙجڪ نہ هجڻ واري ڳالهہ گريئرسن هن ريت ڪئي آهي تہ: "هرڪنهن ديسي آريائي ٻوليءَ ۾ بي قاعدي اسم مفعول جو ڪجهہ تعداد هوندو آهي، پر سنڌيءَ ۾ مشرق طرف جي ٻين ٻولين کان اهو تعداد وڌيڪ آهي." (گريئرسن، 2000ع: 117)

گريئرسن سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪافي لفظ 'امر' جي صورت ۾ فعل جي عنوان سان ۽ ان جون 'ماضي مطلق' واريون صورتون اسم مفعول جي عنوان سان ڊاڪٽر ٽرومپ جي آڌار تي ڏنيون آهن، جيڪي انگريزيءَ جي بي قاعدي فعلن (Irregular verbs) وانگر آهن، ليڪن انهن جو تعداد ڪوڙ ساترو ٿي وڃي ٿو.

گريئرسن لکي ٿو تہ جن ڌاتن جي پڇاڙيءَ ۾ 'ڻ' هجي، انهن جو اسم مفعول ناهڻ مهل اها 'ڻ' ڪڍي ڇڏبي آهي ۽ 'او' ملائبو آهي يا 'يو'. مثال طور:

شُڻ سُئو

* جيتوڻيڪ "ڇڄل" ۽ "ڇنل" لفظ ساڳي معنيٰ ۾ مروج آهن، پر انهن ۾ ٿورڙو معنوي فرق پڻ ڪيو ويندو آهي. "ڇڄڻ" ۽ "ڇنڻ" بہ ڌار مصدر آهن. هڪڙي مان لازمي تہ ٻئي مان متعدي فعل ٺهندا آهن. ڇڄڻ مان 'ڇڄ' ۽ ڇنڻ مان ڇن فعلي امر ٺهندا. "ڇڄڻ" مصدر مان "ڇڄل" ازخود ڇڄي ويل واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، جڏهن تہ "ڇنل" (ڪنهن طرفان ڇڪي) "ڇنڻ" جي مفهوم وارو ڪردنت آهي. (فهميده)

| | |
|---|---|
| هَڻ | هنيو |
| ڪَڻُ | ڪنيو |
| وِڪڻ | وڪيو |

پر جن ڌاتن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف علت هجي ته انهن ۾ 'تو' ملائبو آهي، جيئن:

| | |
|---|---|
| پِي | پيتو |
| لاءِ | لاتو |
| پُوءِ | پُوتو |

جن ڌاتن جي آخر ۾ 'ڇ' ۽ 'پ' هجن ته آخري حرف ڪيرائي، ان ۾ 'تو' ملائيندا آهن.

| | |
|---|---|
| پرچ | پرتو |
| رچ | رتو |
| ڪُپ | ڪُتو |
| ڪَپ | ڪَتو (فهميده، 2009ع: 27 ۽ 28) |

ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ ان مسئلي جي ماهيت تي لکي ٿي ته: "هاڻي جيڪڏهن اسان جي گرامر جي ڪتابن ۾ سمجهاڻيون ڪونہ هونديون ته مادري توڙي غيرمادري ٻوليءَ طور سنڌيءَ جي سکيا ۾ ايتري ڪاميابي ڪانہ ملندي، ڇاڪاڻ ته اسان جي گرامر جي ڪتابن ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي ۽ ٻار منجهي ٿا پون.

مثلاً:

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ڀَڄڻ | مان | ڀَڳو |
| | ڀُڄڻ | مان | ڀُڳو |
| ته وري | پِڄڻ | مان | پِنو |
| يا | ڪَڄڻ | مان | ڪنيو |
| ۽ ساڳيءَ طرح: | ڇنڻ | مان | ڇنو |
| | نيئڻ | مان | نيئو |
| ته پوءِ | پيئڻ | مان | پيتو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| وري | ڏيڻ | مان | ڏنو |
| | پَچڻ | مان | پڪو |
| | نچڻ | مان | نچيو |
| | رچڻ | مان | رتو |
| تہ وري | اچڻ | مان | آيو |
| | ڍاپڻ | مان | ڍائو يا ڍاپيو |
| | ڏائڻ | مان | ڏاتو |

آخر سيئي مختلف ڇو؟

(فهميده، 2009ع: 28 ۽ 29)

مٿين ڄاڻايل فعلن مان هڪ ننڍڙي ۽ غيرمتعلقہ ڳالهہ اها بہ محسوس ٿي تہ گريئرسن فعل کي 'امر' جي صورت ۾ لکيو آهي ۽ ماضي مطلق کي 'اسم مفعول' جو نالو ڏنو آهي. جڏهن تہ عام طور تي فعل جي صورت 'مصدر' سان پڙهائي ۽ ڄاتي ويندي آهي، جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور ماضي مطلق ۽ اسم مفعول جون صورتون الڳ الڳ پڙهايون ۽ ڀانيون وينديون آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب بہ گريئرسن جي نموني جيان 'فعل' کي 'امر' جي صورت ۾ لکيو آهي. (الانا، جنوري 1999ع: 24) ان اهڙي انگريزي طرز جي فعلي صورت کي بہ اسان جهڙو عام طالب علم هضم ڪري ڪونہ ٿو سگهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ اهڙن فعلن جي صورت کي 'مصدر' جي صورت ۾ ئي لکيو آهي جيڪو قبول عام بڻ آهي

هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'فعل'، انهن جون 'ماضي مطلق' ۽ 'اسم مفعول' واريون ڦرندڙ گهرندڙ صورتون ورهائي سامهون رکجن ٿيون تہ جيئن ان مسئلي تي ڪي اصول ناهڻ ۾ لسانيات جي ماهرن کي آساني ٿئي.

**'ڳ' آواز ۾ تبديلي:**

- ڀڄُ - ڀڄڻ - ڀڳو - ڀڳل.

## 'ڃ' آواز ۾ تبديلي:

'ڄ' جو آواز ٻي صورت ۾ 'ڃ' ۾ بہ مٽجي ٿو:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڀڄُ | ڀڄڻ | ڀڳو | ڀڳل | ڀڳل |
| ڊڄُ | ڊڄڻ | ڊنو | ڊنل | ڊڳل |
| ڀُڄُ | ڀڄڻ | ڀڳو | ڀڳل | ڀڳل |

- روءُ۔ رُوئڻ۔ رُنو۔ رُنل

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| روءُ | روئڻ | رُنو | رنل | رنل |
| ڏي | ڏيڻ | ڏِنو | ڏنل | ڏتل |

## 'ٿ' آواز ۾ تبديلي:

- کُھ۔ کُھڻ۔ کُٺو۔ کُٺل.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| کُھ | کُھڻ | کُٺو | کٺل | کُسيل |
| ڊھُ | ڊھڻ | ڊَٺو | ڊَٺل | ڊَھيل |
| سَھُ | سھڻ | سَٺو | سٺل | سھيَل |
| گھُ | گھڻ | گٺو | گٺل | گسيل |
| ويھُ | ويھڻ | ويٺو | ويٺل | ويھي ويل |
| پِيھُ | پيھڻ | پيٺو | پيٺل | پيھيَل |
| ٻيھُ | ٻيھڻ | ٻيٺو | ٻيٺل | ٻيھي ويل |

مٿين ڄاڻايل مصدر ۾ 'ھ' جو آواز 'ٺ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- وَسُ۔ وسڻ۔ وٺو۔ وُٺل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وَسُ | وَسڻ | وُٺو | وُٺل | وَسيلُ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| رُس | رُسڻ | رُنو/ رُسيو | رُنلُ | رُسيل |
| ڏِسُ | ڏسڻ | ڏٺو | ڏٺل | ڏسي ويل |

مٿين ڄاڻايل مصدر ۾ 'س' جو آواز 'ٺ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**'ي' وينجن ۾ تبديلي:**

- وڃڻ- ويو- ويل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وَڃُ | وڃڻ | ويو | وِيلُ | وڃيل |
| اَچُ | اچڻ | آيو | آيلُ | اچي ويل |
| هُڄُ | هجڻ | هيو | هُيَل/ هئل | هوندل |

مٿين ڄاڻايل مصدر ۾ 'ڄ'، 'ڃ' ۽ 'چ' جا آواز 'ي' وينجن ۾ تبديل ٿين ٿا.

- ڪر- ڪرڻ- ڪيو- ڪيل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪرِ/ ڪريو | ڪرڻ | ڪيو | ڪيل | - |

'ر' جو آوز 'ي' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- پِئُ- پوڻ- پيو- پيل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| پَئُ | پوڻ | پيو | پيَل | پئجي ويل |

'ء' جو آواز 'و' يا 'ي' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- 'ٻ. ر. ڙ س. ڳ. ل' جي صورت ۾ 'ي' جو اضافو ڪيو وڃي ٿو:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عامر صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| دَٻ | دَٻڻ | دٻيو | دٻيل | ؟ |
| نِسرُ | نسرڻ | نسريو | نسريل | نسري ويل |
| سَنجرُ | سَنجرڻ | سَنجريو | سنجريل | سنجر جي ويل |
| پُورِ | پورڻ | پوريو | پوريل | ؟ |
| سنپير | سنپيرڻ | سنپيريو | سنپيريل | ... |
| چوڙ | چوڙڻ | چوڙيو | چوڙيل | چڙيل؟ |
| ڪُسُ/ڪُسجُ | ڪُسڻ | ڪسيو | ڪُسيل | ڪُٺل/ڪسجيل؟ |
| ٽِڳُ | ٽِڳڻ | ٽِڳيو | ٽِڳيل | ؟ |
| آلُ | الڻ | اليو | اليل | ؟ |

## ’ڏ‘ آواز ۾ تبديلي:

- وِجهُ- وِجهڻ- وِڌو- وڌل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وِجهُ | وِجهڻ | وِڌو | وِڌل | وجهيل |
| رِيجهُ | ريجهڻ | ريڌو | ريڌل | ريجهل |
| مُنجهُ | مُنجهڻ | مُنڌو | مُنڌل | منجهيل |
| ٻَجهه | ٻَجهڻ | ٻڌو | ٻَڌل | ٻجهيل |

مٿين ڄاڻايل مصدر ۾ ’جهه‘ جو آواز ’ڌ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- ڏُهه- ڏُهڻ- ڏڌو- ڏڌل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڏُهُ | ڏُهڻ | ڏڌو | ڏڌل | ڏهيل |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| يهڻُ/ جَهه | يهڻ/ جهڻ | يڏو/ جڏو | يَڏل/ جڏل | ... |
| ڳنهه | ڳنهڻ | ڳڏو | ڳڏل | ڳنهيل |
| لَهه | لَهڻ | لڏو | لڏل | لهيل |

’هہ‘ جو آواز ’ڏ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو:

- ڪاءِ۔ ڪائڻ۔ ڪاڏو۔ ڪاڏل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪاءِ | ڪائڻ | ڪاڏو | ڪاڏل | ڪاچيل |

’ء‘ جو آواز ’ڏ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- رُنيڻ۔ رُڏو۔ رُڏل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| رُنبُ | رُنيڻ | رُڏو | رُڏل | رنيبل |

’ب‘ جو آواز ’ڏ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو:

**’ت‘ آواز ۾ تبديلي:**

- مَچُ۔ مَچڻ۔ مَتو۔ مَتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| مَچُ | مَچڻ | متو | متل | مچيل |
| پَرچُ | پرچڻ | پرتو | پرتل | پرچيل |
| پهچُ | پهچڻ | پهتو | پهتل | پهچيل/ پُتل |
| پِچُ | پچڻ | پِتو | پِتل | پچيَل |
| رَچُ | رَچڻ | رَتو | رتل | رچيل |

’چ‘ جو آواز ’ت‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو:

- وِهنج۔ وهنجڻ۔ وهنتو۔ وهنتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وِهنجُ | وهنجڻ | وهنتو | وهنتل | وهنجيل |

’ج‘ جو آواز ’ت‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو:

- کاپ_ کاپڻ_ کاتو_ کاتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| کاپ | کاپڻ | کاتو | کاتل | کاپيل |
| کُپُ | کُپجڻ* | کُتو | کُتل | کپيل |
| کَپُ | کپجڻ | کَتو | کَتل | کپيل |

’پ‘ جو آواز ’ت‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو:

- نِڪرُ_ نڪرڻ_ نڪتو_ نڪتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| نِڪرُ | نِڪرڻ | نڪتو | نڪتل | -- |

’ر‘ جو آواز ’ت‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- گهُس_ گهُسڻ_ گُتو_ گُتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| گهُس | گهسڻ* | گُتو | گُتل | گهُسِيل |

’س‘ جو آواز ’ت‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

---

* "کپُجڻ" ۽ "کپَجڻ" مان مجهول صورت ۾ فعل ٺهندا آهن. انهن جي ڦيرن تي ڌار نظر وجهڻ جي ضرورت آهي (فهميده)

* "گهُسڻ" لفظ جو استعمال اردوءِ مان آيل ٿو لڳي.

- سڃاڻڻ ـ سڃاتو ـ سُڃاتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| سُڃاڻ | سڃاڻڻ | سڃاتو | سُڃاتل | ـــ |

'ڻ' جو آواز 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- سُمُهه ـ سمهڻ ـ ستو ـ ستل

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| سُمُهه | سُمهڻ | ستو | ستل | سمهيل |

'هه' جو آواز 'ت' ۾ تبد يل ٿئي ٿو.

- ڌوءِ ـ ڌوئڻ ـ ڌوتو ـ ڌوتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڌوءِ | ڌوئڻ | ڌوتو | ڌوتل | ڌويل/ ڌَئل |
| پيءُ | پيئڻ | پيتو | پيتل | پيئل |

'ءِ ـ ءُ' جو آواز 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- وٺُ ـ وٺڻ ـ ورتو ـ ورتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وَٺُ | وٺڻ | ورتو | ورتل | وٺيل/ وتل/ ودل |

مذڪوره مصدر ۾ 'ٺ' جو آواز 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**'ٿ' آواز ۾ تبديلي:**

- ڦاسُ ـ ڦاسڻ ـ ڦاٿو ـ ڦاٿل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڦاسُ/ ڦاساءِ | ڦاسڻ/ ڦاسائڻ* | ڦاٿو | ڦاٿل | ڦاسيل |
| گُسُ | گُسڻ | گٿو | گٿل | گسيل |

’س‘ جو آواز ’ٿ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- ڏَهُ_ ڏَهڻ_ ڏٿو_ ڏَٿل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڏَهُ | ڏهڻ | ڏٿو | ڏٿل | ڏٿل |

’ه‘ جو آواز ’ٿ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**’ٿ‘ آواز ۾ تبديلي:**

- ڦاڙ_ ڦاڙڻ_ ڦاٿو_ ڦاٿل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڦاڙِ | ڦاڙڻ | ڦاٿو | ڦاٿل | ڦاڙيل |
| ٽوڙِ | ٽوڙڻ | ٽُٽو/ ٽوڙيو+ | ٽُٽَل | ٽوڙيل |

’ڙ‘ جو آواز ’ٿ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- ڏَهُ_ ڏَهڻ_ ڏٿو_ ڏَٿل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڇُٽُ | ڇُٽڻ | ڇُٽو | ڇُٽل | _ _ |

---

* ’ڦاسڻ‘ ۽ ’ڦاسائڻ‘ فعل متعدي ۽ متعدي بالواسطہ جا مثال آهن. انهن مان ڦيرا مختلف ٿيندا. ڦاٿو/ ڦاسايو ڦاٿل/ ڦاسايل (فهميده).

+ "ٽٽڻ" ۽ "ٽوڙڻ" ٻہ ڌار ڌار مصدر آهن. جن مان الڳ الڳ لازمي ۽ متعدي فعل "ٽٽو" ۽ "ٽوڙيو" ماضي مطلق ۾ ٺهندا ۽ باقي فعلن جو ڦيرو ان موجب ٿيندو (فهميده).

'ھ' جو آواز 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**'د' آواز ۾ تبديلي:**

- آڻ_ آڻڻ_ آندو_ آندل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| آڻ | آڻڻ | آندو | آندل | آڻيل |

'ڻ' جو آواز 'د' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**'ء' آواز ۾ تبديلي:**

- مرُ_ مرڻ_ مئو_ مئل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| مَرُ | مرڻ | مئو | مئل | __ |
| ڄَمُ | ڄمڻ | ڄائو | ڄاول | __ |

'ر' جو آواز 'ء' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**'ٽ' آواز ۾ تبديلي:**

- اڏام_ اڏامڻ_ اڏاٽو_ اڏاٽل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| اُڏامُ | اڏامڻ | اڏاٽو | اڏاٽل | اڏاميل |
| اُجهامُ | اجهامڻ | اجهاٽو | اجهاٽل | اجهاميل |
| وِڪامُ | وڪامجڻ♥ | وڪاٽو | وڪاٽل | وڪاميل |
| وسامِ | وسامجڻ | وساٽو | وساٽل | وساميل |

'م' جو آواز 'ٽ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

---

♥ 'وڪامجڻ' ۽ 'وسامجڻ' ۽ ج وارا ٻيا مصدر پڻ مجهول صورت ۾ آهن. جڏهن ته 'وڪامڻ' ۽ 'وسامڻ' معروف صورتون موجود آهن. (فهميده)

- اڏام_ اڏامڻ_ اڏاٽو_ اڏاٽل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪوماءِ | ڪومائجڻ | ڪوماٽو | ڪوماٽل | ڪومايل |
| ساماءِ | ساماڻجڻ | ساماٽو | ساماٽل | سامائيل |
| سماءِ | سمائجڻ | سماٽو | سماٽل | سمائيل |
| هپاءِ | هپائجڻ | هپاٽو | هپاٽل | هپائيل |

’ءِ‘ سر جو آواز ’ڻ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

ان کان علاوه ڪي مصدرون اهڙيون آهن جن ڪي ماضي مطلق ۽ اسم مفعول ۾ آٽڻ لاءِ ’او‘ ۽ ’ل‘ پڇاڙي لڳائي ويندي آهي، جيئن:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| لِڪُ | لِڪڻُ | لِڪو | لڪل | -- |
| سُڪ | سُڪڻ | سڪو | سڪل | -- |
| ٿَڪِج | ٿڪجڻ | ٿڪو | ٿڪل | -- |

يا وري ’يو‘ ۽ ’يل‘ پڇاڙي لڳائي ويندي آهي، جيئن:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ٻَرُ | ٻَرڻ | ٻَريو | ٻريل | -- |
| ڳَرِ | ڳَرڻ | ڳريو* | ڳريل | -- |
| ڪِرُ | ڪِرڻ | ڪِريو | ڪِريل | -- |
| ٺَرُ | ٺَرڻ | ٺَريو | ٺريل | -- |

* ’ڳرڻ‘ مصدر مان ماضي مطلق ’ڳريو‘ نہ پر ’ڳيو‘ ۽ اسم مفعول ’ڳيل‘ مستعمل آهي. جڏهن تہ ’ڳريو‘ اصل ۾ ’ڳر‘ فعلي امر مان ٺهيل جمع صورت آهي. (فهميده)

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٽِڙ | ٽِڙڻ | ٽِڙيو | ٽِڙيل | -- |
| ٽَڙ | ٽَڙڻ | ٽڙيو | ٽڙيل | -- |
| ڦِڙ | ڦِڙڻ | ڦِڙيو | ڦڙيل | -- |
| سُڏر | سُڏرڻ | سُڏريو | سُڏريل | -- |
| سَڙُ | سَڙڻ | سڙيو | سڙيل | -- |
| چِڙُ | چِڙڻ | چڙيو | چڙيل | -- |
| مُڙُ | مُڙڻ | مُڙيو | مُڙيل | -- |
| وِچڙ | وِچڙڻ | وچڙيو | وچڙيل | -- |
| گِڙ | گِڙڻ | گِڙيو | گڙيل | -- |

اهڙا 'امر' جن جي آخر ۾ 'ر' يا 'ڙ' جو آواز اچي ٿو تن کي ماضي مطلق ۽ اسم مفعول ۾ بدلائڻ لاءِ آخر ۾ 'يو' ۽ 'يل' پڇاڙي لڳائي ويندي آهي.

مذڪوره لفظن جي درست صورتخطيءَ ۾ به سنڌي ٻوليءَ جي مصدرن مان ماضي يا اسم مفعول جي ٺهڻ ۾ آوازن جي ردوبدل/ مٽاسٽا تي نظر رکڻي پوندي۽ اهڙي آوازن جي مٽاسٽا جي بنياد تي ئي ڪي اصول متعين ڪري سگهجن ٿا.

## حوالاتي ڪتاب:


1. فهميده حسين ڊاڪٽر (جنوري- مارچ 2009ع) سنڌي ٻولي، جرنل، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
2. الانا غلام علي ڊاڪٽر (جنوري- جون 1999ع) سنڌي ٻولي، جرنل- سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
3. گريئرسن جي اي- ترجمو: ڊاڪٽر فهميده حسين (2000ع)، برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.

# ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ ترجمي جو ڪردار

For ages an alliance sweet
Has bound the poets to each other

اليگزينڊر پُشڪن جا چيل اهي مشهور لفظ مڪمل طور تي نظم ۽ نثر جي مترجمن تي پورا لهن ٿا. ادب جو ترجمو ثقافتن جي وچ ۾ Mass Media جي بنيادي فارمس مان هڪ آهي. اهو فارم ايڏو بنيادي ۽ ايترو قديم آهي، جيترو خود ثقافتون. تنهنڪري ثقافت جي اُسرڻ سان ئي ترجمي جي ضرورت ٿيندي آهي. جهڙيءَ طرح ماڻهو اڪيلو جيئرو نٿو رهي سگهي، اهڙيءَ طرح ثقافت بہ اڪيلي سِر اُسري نٿي سگهي. 13 صديءَ جي آرمينيائي نامينلسٽ فيلسوف واگرام رَبُوهي (Vagram Rabuhi) لکيو هو: "آدم جو وجود تڏهن هو جڏهن سموري آدم ذات جو وجود بہ نہ هو." حقيقت ۾ خبر ناهي تہ آدم جو ڪو وجود بہ هو پر جيڪڏهن هو بہ ڪٿي تہ هُو اڪيلو رهي نہ سگهيو هوندو. انهيءَ جو ڪارڻ ناهي ڇا تہ مصنفن بائيبل جي آکاڻين ۾ آدم لاءِ حوا کي جنم ڏنو؟

ڪميونيڪيشن انسان جي سڀ کان اهم ۽ طاقتور ضرورتن مان هڪ آهي. اها سندس فطرت جو حصو آهي. سماج جي ترقي، ماڻهن ۽ ثقافتن وچ ۾ ڪميونيڪيشن جي گهرائيءَ ۾ پنهنجي اظهار جي راهہ ڳولي آهي. هن دؤر کي عام طور تي ٽيڪنالاجيءَ جو ترقي يافتہ دور چئجي ٿو. هن وقت تائين، طبيعات جي ماهرن ۽ گيتڪارن جي وچ ۾ بحث مباحثي جو ڪو سلسلو نہ ٿيو آهي. جيتوڻيڪ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي حقيقت ۾ هن موجوده دنيا ۾ ڏاڍي ترقي ڪئي آهي. 'ٽيڪنالاجيءَ جو دور' جي اصطلاح لاءِ Johannes Becher لکيو آهي تہ "اِهو هِن دور جي بنيادي تاريخي ڪردار

سان ميل نٿو کائي، تنهنڪري انهيءَ کي "انسان جو دور" چوڻ گهرجي. ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سان ڪلچر پنهنجي سِر زمين کان وانجهي نٿو وڃي، پر پاڻ اُن جي اهميت وڌيو وڃي. ڪلچر ماڻهن جي اخلاقي صورتحال آهي ۽ اسان کي سُڌ آهي تہ اخلاقيات ۽ ترقي يافتہ ٽيڪنالاجيءَ جو ميل ڪهڙا ڏکوئيندڙ نتيجا آڻيندو/ آڻي رهيو آهي.

مترجم نہ رڳو مختلف ٻولين جي ادب کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿو ۽ هڪ قوم جي ثقافت جي حاصلات کي ٻي قوم جي ثقافتي خزاني سان شناسائي ڪرائي ٿو ۽ پڙهندڙن تائين ادب جي رسائي ڪرائي ٿو بلڪ انسان جي خاطر جدوجهد ۾ انساني اخلاقيات کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ حصو وٺي ٿو. (Kornei Chukovsky) لکي ٿو تہ: "وار اينڊپيس" جي اپياس سان اکين جو رنگ نٿو بدلجي ۽ نہ ئي چپن جي بناوٽ ۾ فرق ٿو اچي، بلڪ ڪتابن جي اپياس سان خود انساني بناوت نئين سر ٺهي ٿي ۽ انساني رت ۾ مهانڊا بہ مٽجي ويندا آهن..."

اهي عنايتون مترجمن جي وسيلي سان حاصل ٿينديون آهن، جن جي ڪاوش سان "وار اينڊ پيس" جهڙا ڪتاب نہ رڳو هڪ ٻوليءَ ۾ هڪ قوم لاءِ آهن، بلڪ دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ آهن. ۽ اهو ٻڌائڻ ۾ ڪا شرم جي ڳالهہ ناهي تہ دنيا جي هر ادب ۾ هومر، دانتي، شيڪسپيئر، گوئٽي دوستو وسڪي، لوشون، نظامي، خيام ڪاليداس ۽ ٽئگور لاءِ جڳهہ آهي ۽ دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ الف ليليٰ دلچسپيءَ سان پڙهيو ويندو آهي. نہ رڳو اهڙن عالمي شاهڪارن لاءِ، بلڪ انهن تخليقي شاهڪارن لاءِ بہ جڳهہ آهي، جيڪي ادب ۽ ڏاهپ جا مثال آهن. اهي سولائيءَ سان ٻين ٻولين جي ادب ۾ جڳهہ پيدا ڪري وٺندا آهن ۽ اُتي جي اصلوڪي ادب جو حصو بنجي ويندا آهن. عمر خيام جون رباعيون انگريزيءَ ۾ فٽز جيرالڊ جي ترجمي سان ڄاتيون وينديون آهن. الف ليليٰ جو انگريزي ترجمو رچرڊ برٽن A Thousand and One Nights جي عنوان سان ڪيو آهي. ڪنهن کي انڪار ٿي سگهي ٿو تہ اهو انگريزيءَ جو اصلي شاهڪار ناهي. "ڊاڪٽر زُرواگو" جو ناول نگار نوبيل انعام يافتہ بورس

پيسترنڪ جڏهن حڪومت جي پابندين جي ڪري تخليقي ڪم نہ ڪري سگهيو تہ هن شيڪسپيئر جي ڊرامن جو روسيءَ ۾ ترجمو ڪيو جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اُهي پڙهي اصلوڪي هئڻ جو گمان ٿئي ٿو.

"شاعري، تاريخ کان وڌيڪ فيلسوفاڻي ۽ اهميت جوڳي آهي، ڇوتہ اها ڪائنات بلڪ ڪيترن ئي آسمانن تان پردو کڻي ٿي، جڏهن تہ تاريخ ماڻهن جي احوالن سان پري پيئي آهي."

ارسطوءَ جا اهي لفظ شاعريءَ جي باري ۾ آهن، پر اهي لفظ عام ادب تي پڻ پورا لهن ٿا. ادبي تخليق- شاعري، ناٽڪ ۽ ڪهاڻي، تاريخ کان انهيءَ ڪري وڌي حيثيت رکن ٿا، جو اهي تاريخ جا عڪس آهن ۽ مخصوص لفظن جي پيرائي ۾ هڪ اهڙي اُپٽار آهن، جيڪا انهن کي آفاقي بنائي ٿي.

شيڪسپيئر جو ناٽڪ "رچرڊ II" نہ رڳو انگلنڊ جي پنڌرهين صديءَ جي زندگيءَ جو هڪ ٽُڪرو آهي، جنهن ۾ انگلنڊ جي رسم رواج جو اولڙو آهي ۽ انهيءَ زماني جي ڏسندڙن لاءِ لکيو ويو هو بلڪ اِنهيءَ کان قطع نظر، اهو ناٽڪ، دنياءَ ۾ آيل ڪردار ۽ ڪردارن جي خواهشن جو اپياس آهي، جيڪي انسان جو بنياد آهن، پوءِ پلي کڻي اِهو ڪهڙي بہ دور يا ڪلچر سان واسطو ڇونہ رکندو هجي. "شاهنامو" بہ اهڙيءَ طرح هڪ جيئرو جاڳندو شاهڪار آهي، جيڪو اڄ بہ اوير توڙي اولهہ جي پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جو سبب آهي. انهيءَ جو ڪارڻ نہ اُن جي تاريخي واقعن جون پيچيدگيون آهن ۽ نہ ئي ايراني ڪلچر جو تفصيل ۽ وسيع بياني آهي، بلڪ فردوسيءَ جو شاعراڻو ڪمال آهي، جنهن رستم، سهراب ۽ ٻين سُورمن کي اسان لاءِ اڄ بہ زندگي ۽ معنيٰ بخشي آهي.

ادب جي انهيءَ صلاحيت کي آفاقيت (Universality) چئجي ٿو. آفاقي هئڻ جي ڪارڻ، ساوتريءَ ترجمو ڪندڙ ماهرن لاءِ ترجمو ڪرڻ تخليقي عمل مان گذرڻ جي برابر آهي. ڪن هالوُ چالوُ مترجمن جي اها بدنصيبي آهي تہ اُهي Copiest آهن. ۽ جيتوڻيڪ ترجمو ڪرڻ هميشہ تخليقي عمل رهيو آهي، جنهن جو دليل اهو ڏيڻو پوندو آهي تہ ترجمي جو

فن، تخليقي عمل جو هڪ مٿانهون فارم آهي.

ادبي ترجمي جو ڪم ڪيترين ئي ڳالهين جي اعتبار کان اهم آهي. انساني زندگيءَ جو گوناگون تجربن کي اخذ ڪرڻ، مختلف علائقن جي ثقافتي ماحول کي سمجهڻ ۽ پنهنجي ماحول ۾ انهن جي پسنديده ثقافتي قدرن کي جذب ڪرڻ، ٻين ٻولين جي اعليٰ ادبي صلاحيتن ۽ ساهتڪارن جي نقطءِ نظر کي پنهنجي زبان جي مزاج جي مطابقت سان قبول ڪرڻ، ادبي فڪر و نظر ۽ تخليقي لگن ۾ وڌيڪ گهرائي ۽ ڦُوڙاڻ پيدا ڪرڻ،ا دب سان دلچسپي رکندڙن کي مختلف زبانن ۽ مختلف ملڪن جي ادبي روايتن کان باخبر رکڻ ۽ زبان کي طرح طرح جي ادبي تجربن جي قابل بنائڻ ۾ ادبي ترجمن جي افاديت کان انڪار ممڪن ناهي ۽ انهيءَ لحاظ کان اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ ادب ۾ بيشمار ادبي ترجمن سان جيڪي واڌار ٿين ٿا، اُهي ڪافي حد تائين تخليقي ادب لاءِ سازگار ثابت ٿين ٿا.

ادبي ترجمي جو ڪم جيڏو اهم آهي، اُن کان گهڻو وڌيڪ ڏکيو بہ آهي: هڪ ٻوليءَ ڳالهائيندڙن جا فڪري لاڙا، ٻي ٻولي ڳالهائيندڙن جي اندازِ فڪر کان ڪافي حد تائين مختلف ٿيندا آهن ۽ نہ رڳو فڪري لاڙا مختلف ٿيندا آهن، بلڪ اندازِ بيان بہ مختلف هوندا آهن. اهڙي صورت ۾ مترجم کي ڪيترن ئي قسمن جي آزمائشن مان گذرڻو پوندو آهي.

Powel Toper جي هڪ مضمون ۾ تازي لترري انسائيڪلوپيڊيا جُلد 5 جي حوالي سان ترجمي جي جيڪا وصف بيان ڪئي ويئي آهي، اُها هيٺين آهي تہ:

A form of creative literary work in the process of which work existing in one language is recreated in another.

جهڙي طرح ترجمو هڪ تخليقي ڪم آهي ۽ مترجم هڪ تخليقڪار آهي، اهڙيءَ طرح هوُ پنهنجي قومي ثقافت ۾ هڪ سرگرمِ عمل ڪارڪن جي حيثيت رکي ٿو. مترجم پنهنجي قوم جي ثقافت کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو جيتوڻيڪ سندس ڪردار تخليق ڪار کان گهٽ محسوس ڪيو ويندو آهي. هڪ ڪتاب جيڪو شاهڪار

ثابت ٿئي ٿو ٻين زبانن ۾ ترجمو ڪيو وڃي ٿو تہ تخليق ڪار جي نالي کي شهرت ملي ٿي، جڏهن تہ مترجم هميشہ پنهنجي ادب جي دائري ۾ پسِ منظر ۾ رهي ٿو. سندس ڪردار ساڳيءَ طرح هڪ ٿي ٻوليءَ جي ادب تائين محدود رهي ٿو. پر ساڳئي وقت انهيءَ ڳالهہ کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي تہ مترجم جي مهربانيءَ سان دنيا جي ادب جي ترقي جاري آهي.

ڪن جو خيال آهي تہ مترجم تخليق ڪارن جي ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ ۾ پنهنجي ذهانت جي قوت وڃائين ٿا. آئون ائين چوندس تہ مترجم هڪ Blood doner وانگي هوندو آهي، جيڪو اصلي تخليقڪار کي خون donate ڪندو آهي، جنهن جو هو ترجمو ڪندو آهي. ۽ انهيءَ لحاظ کان ڪيس اهو حق حاصل آهي تہ هو اصلوڪي لکڻيءَ کان متاثر هجي ۽ اثر رکو تڏهن ئي نتيجہ خيز ثابت ٿيندا آهن، جڏهن ادبي حقيقت جي صورت ۾ سامهون ايندا آهن ۽ جڏهن اهي شڪل اختيار ڪندا آهن ۽ ڪڏهن بہ سچائي نٿا سگهجن، يا ڏاڍي ذڪيائيءَ سان سچاتا وڃن ٿا.

اصلوڪو فارم ڪيئن Recreate (ٻيهر تخليق) ڪيو وڃي، انهيءَ باري ۾ بہ انتهاپسندانہ نظريا آهن. ڪِن جو خيال آهي تہ اصلوڪي فارم کي اُن جي پنهنجي ادب جي مخصوص فارمس ۾ ادا ڪجي، جڏهن تہ ٻيا اصلوڪي فارم کي پنهنجي ادب جي فارمس ۾ منتقل ڪرڻ جا حامي آهن، پوءِ ڀلي اهو اصلوڪو فارم منتقل ڪرڻ جوڳو نہ هجي ۽ ترجمي جي زبان اٽڪي پوي.

ظاهر آهي تہ ٻنهي نظرين کي آخري تہ نٿو مڃي سگهجي، اها سڀني کي خبر آهي تہ فارم ڪنٽينٽ (مواد) کان جدا نٿو ٿي سگهي. اهو تہ صحيح ناهي تہ مترجم کي ٿهيل ٺُڪيل فارم ڏنو وڃي ۽ هو فقط ڪنٽينٽ ترجمو ڪري. اهو مترجم تي منحصر آهي تہ هو ڪيئن ابتدا ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو. اهي مترجم جن پنهنجي زبان کي نئين فارم سان روشناس ڪرايو آهي، اهي گهڻو ڪري سڀني کان بولڊ آهن. ٽالسٽاءِ جي راءِ مطابق: ترجما نئون اسٽائيل عطا ڪن ٿا. هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي:

I must translate something into Russian from a foreign language to develop my memory and style.

تخليقي يا ترجمو ڪيل شاهڪار انسان جي روحاني نظر جي گهرائيءَ جي لحاظ کان ٻن حصن ۾ ورهايل ناهن، جيئن عام خيال آهي. روحاني عمل ۾ سيڪنڊ ريٽ يا سيڪنڊ گريڊ جهڙي ڪا شيءِ نہ ٿيندي آهي. تخليقي ۽ ترجمو ڪيل ادب، روحاني عمل جا ٻہ دائرا آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن ۽ هڪ ٻئي ۾ جذب آهن.

ٽيهارو ورهيہ اڳ، روس جي انگريزي مخزن Soviet Literature جي ڪنهن شماري ۾ پڙهيو هئم تہ، شيڪسپيئر اڻ لک ماڻهن جي گذر سفر جو وسيلو آهي، جن ۾ تنقيدنگار، اداڪار، محقق ۽ مترجم شامل آهن. پر سنڌي يا اڻ سنڌي طرح ريبلائين سروانتيز ۽ ٽالسٽاءِ سان وابستہ، اُن کان بہ وڌيڪ هوندا. گذريل دور ۾ روس ۾ مترجمن کي خاص ترجمي جي فن جي تعليم ڏني ويندي هئي، مغرب جي سماجي زندگيءَ ۾ مترجم معاشي لحاظ کان خوشحال ترين طبقي سان تعلق رکي ٿو. جڏهن اسان اهو چئون ٿا تہ مترجم ادب کي مالامال ڪري ٿو تڏهن اسان کي اهو بہ سمجهڻو پوندو تہ سڀ کان ڀهرين مترجم کي عزت دار بنايون ۽ کيس مانيءَ ڳيي جي ڳڻتيءَ کان آجو ڪريون. جنهن ملڪ جي عام ماڻهوءَ جي اخلاقي ۽ روحاني سطح جيتري مٿانهين هوندي، سندس زندگيءَ ۾ ڪتابن جو دخل اوتروئي وڌيڪ هوندو. انهيءَ لحاظ کان هر زبان ۾ ادبي ترجمن کي خاص اهميت حاصل رهي آهي. ايذرا پائونڊ مطابق، "جيڪو دور تخليقي ادب جي لحاظ کان عظيم هوندو آهي، اهو ترجمن جي لحاظ کان بہ عظيم ٿئي ٿو." اها عظمت، سنڌي ادب جي موجوده تخليقي دور ۽ ادبي ترجمن جي دور تي لاڳو ٿئي ٿي يا نہ، انهيءَ تي بحث ناهي، پر جيتريقدر سنڌي ادب ۾ ترجمو ڪيل ادب جي واڌاري جو سوال آهي تہ آئون ٻنان هيڪ جي چئي سگهان ٿو تہ سنڌي ادب جي تخليقي دور کي وڏ کان وڏ ادبي صلاحيتون عطا ڪرڻ ۾ ادبي ترجمن جو وڏو هٿ آهي، جنهن جو ثبوت اهو آهي تہ اسان جي سنڌي ادب جي شروعات ئي ترجمن سان ٿي ۽ انهن ترجمن مان اُتساهہ وٺي اڄ اسان جو ادب اُتي بيٺو آهي، جنهن لاءِ اسان پنهنجي ادب کي دنيا جي وڏين ٻولين جي ادب سان ڀيٽ ڪرڻ جي همٿ ڪريون ٿا.

# ترجمي جو فن ۽ هنر

اخبارن کان وٺي زباني ڪلامي بحثا بحثي تائين اڄ ڪلهه اها عام جام شڪايت آهي تہ اسان جا سنڌيءَ ۾ لکيل تخليقي شاهڪار انگريزي زبان ۾ ڇو نٿا ترجمو ڪيا وڃن. اِها گهُر گهڻو ڪري فردن جي بدران علمي ۽ ادبي ادارن کان ڪئي وڃي ٿي. ڇو ته پاسي ادارا به انهيءَ ڪوشش ۾ رهندا آهن تہ پنهنجا تخليقي شاهڪار ڪيئن نہ ڪيئن ڪري انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائجن. پر هيستائين ڪو ڪڙتيل نہ نڪتو آهي. جي هڪ اڌ تخليقي شاهڪار انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي تہ اُهو پڙهي اندر ئي سڙيو ٿو وڃي تہ انهيءَ کان چڱو هو تہ ترجمو ئي نہ ڪيو وڃي ها. جانو جرمن ٿيڻ جي پلا ڪهڙي ضرورت آهي. خود مون پنهنجي ڪهاڻي "واٽون، راتيون ۽ رول" جو انگريزي ترجمو پڙهيو تہ ڀُوتاڙ جي ويس ۾ دل چيو تہ ويهي منهن مٿو پٽجي. اهڙن ترجمن کان تہ پيننگ پلي آهي. جن ٻين جو ٿورو گهڻو ترجمو ٿيو آهي، اُهي تہ مون کان فن ۾ ڳرا ملهه آهن.

ائين ڇو ٿو ٿئي؟ انهيءَ سوال جو جواب پڌرو پيو آهي. ٿورو رڳو ٻيءَ دنيا تي نظر ڌرڻي پوندي ۽ بين الاقوامي تخليقي ادب جو جائزو وٺبو. اڳي تہ الائي ڇا ٿيندو رهيو پر جي ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ جي تخليقي ادب جو جائزو وٺبو تہ اها ڳالهہ چٽڀجي پَڌرجي ظاهر ٿي ايندي تہ جيڪڏهن انگريزي زبان جو ڪو شاهڪار جرمن زبان ۾ ترجمو ٿيندو آهي تہ اُهو ترجمو انگريزي ڳالهائڻ وارو نہ، پر جرمن ڪندو. پلا جي جرمن ليکڪ گنٽر گراس جو ترجمو پولش زبان ۾ ٿئي ٿو تہ اهو ترجمو ڪو جرمن نہ، پر پولش ليکڪ ڪندو. جي پلا پولش ليکڪ مزلا مائلوسز جو ڪو شاهڪار انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيندو آهي تہ اهو ترجمو ڪو پولش نہ، پر انگريزيءَ وارو ترجمو ڪندو آهي. اهڙي ساڳئي طرح جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ نسيم کرل جون ڪهاڻيون انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿين تہ اهو ترجمو سنڌيءَ کي نہ، پر

ڪنهن انگريز يا آمريڪن يا آسٽريلين يا نيوزي لينڊر کي ڪرڻ کپي، جن جي مادري زبان انگريزي آهي. پر تنهن هوندي بہ هڪڙو رستو موجود آهي. جڏهن بہ ڪو روسي يا فرانسيسي يا پولش يا اسپينش زبان ۾ ڪو شاهڪار ڇپبو آهي تہ اُهو شاهڪار دنيا جي مُک 27 زبانن ۾ ترجمو ٿي ويندو آهي. اهو هڪ عجيب اتفاق آهي تہ انڊو پاڪ ۾ نہ هندي ۽ نہ ئي وري اردو انهن زبانن ۾ شامل آهي. جيڪي بيون ٻوليون انهن 27 ٻولين ۾ شمار ٿين ٿيون تہ اهي آهن تامل ۽ بنگالي يا وري پاڻ کي جيڪي ويجهيون ٻوليون آهن تہ اُهي آهن عربي ۽ فارسي، تنهن ڪري اسان جي ڪوشش هئڻ کپي تہ اسان جا سنڌي شاهڪار بنگالي يا فارسي يا عربي يا تامل زبان ۾ ترجمو هئڻ کپن. انهن چئني ٻولين مان ڪنهن بہ هڪ زبان ۾ اسان جو ڪو شاهڪار ترجمو ٿي ويو تہ پوءِ اهو باقي مُک ٻولين ۾ بہ اچي ويندو جن مان هڪ انگريزي زبان بہ آهي. ائين ئي اسان جو شاهڪار انگريزيءَ تائين پهچي ويندو. ڇاڪاڻ تہ انهن چئن ئي ٻولين جا ڄاڻو انگريزيءَ وارا موجود آهن ۽ بين ٻولين وارا بہ. جي بين ٻولين وارا نہ بہ هُجن تہ انگريزيءَ مان ترجمو ڪري وٺندا. اسان کي ويجهي ۾ ويجهيون ٻوليون بنگالي ۽ جديد فارسي آهن. پر وري بہ ساڳي ڳالهہ سامهون ٿي اچي تہ ڪو اهڙو ايراني يا بنگالي هجي، جنهن کي سنڌي زبان ايندي هجي.

هت بہ مثال بہ ڏيڻ ضروري آهن. آئون نٿو سمجهان تہ ننڍي کنڊ ۾ قرت العين حيدر جهڙو ڪو گوناگون ليکڪ يا ليکڪا موجود هجي. پاڻ انگريزي زبان جي بہ ماهر رهي آهي. پر جڏهن پاڻ ئي پنهنجي ناول "آگ کا درياء" جو انگريزي ترجمو ڪيائين تہ ڦهہ اچي هيٺ ڪيائين ۽ مغرب ۾ اُها مقبوليت ملي نہ سگهيس، جيڪا هتي آهي. مون خود اهو ترجمو "River of Fire" پڙهڻ شروع ڪيو تہ ڪجهہ صفحن کان اڳتي وڌي نہ سگهيس جو "آگ ڪا درياء" واري جهڙپ انگريزي ترجمي ۾ نظر نہ آئي. انهيءَ ڪري بهتر آهي تہ سڌو انگريزيءَ ۾ لکجي. ائين جيئن پنجابي زبان واري محمد حنيف "The Case of Exploding" جهڙو شاهڪار لکي دنيا ۾ ڌاڙهيا مچائي ڇڏيا آهن، يا بنگاليءَ واري اميتاو گهوش انگريزيءَ جي

مترجمن هئڻ جي باوجود سڌو انگريزيءَ ۾ "Glass Palace" ۽ "Sea of Popies" جهڙا شاهڪار لکيا آهن. اهو ئي حال ارون ڌتي راءِ، وڪرم سيٺ ۽ خوشونت سنگهه جو آهي، جن مادري زبانن جي بدران سڌو انگريزيءَ ۾ لکيو. مون، سنڌي مسعود لوهار ۽ پنهنجي نياٽي عائشه جوڻيجو جي سرجنڊڙ انگريزي ناولن جا ڪجهه حصا پڙهيا آهن، جن مان مون کي لڳي ٿو ته اهي هٽي وڃي هنڌ ڪندا ۽ بين الاقوامي شهرت حاصل ڪندا. پر سڌو انگريزيءَ ۾ لکڻ وارن جا جيڪي نالا ڳڻائي آيو آهيان، انهن ۾ به ايترو دم خم نٿو ڏسان جو هُو پنهنجي مادري زبانن جي شاهڪارن کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهن. جي ترجمو ڪندا ته قرت العين حيدر وارو حال ٿيندن.

تنهن ڪري سيني انگريزي ڄاڻندڙن کي کپي ته انگريزيءَ کي شاهوڪار زبان بڻائڻ جي بدران انگريزيءَ مان بين الاقوامي ادب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي سنڌي زبان کي شاهوڪار بڻائجي. سنڌي ٻوليءَ جي ائين ئي حق ادائي ٿيندي، رهي ڳالهه سنڌي زبان جي شاهڪارن کي 27 ٻولين تائين پهچائڻ جي ته وقت سان ڪو نه ڪو نه وڃايو اٿئون، اڳتي هلي ڪري ڄاڻايل 27 زبانن مان ڪنهن به هڪ زبان وارو ضرور سنڌي سکندو ۽ پوءِ ئي وڃي اسان جي اها گهُر به پوري ٿيندي. هت اهو به عرض ڪري ڇڏيان ته هن وقت انگريزيءَ ۾ ايترو گهڻو سنو تخليقي ڪم نٿو ٿئي، جيترو اوپر يورپ، عربن ۽ لئٽن آمريڪا ۾ يعني اسپينش ۾ ڪم ٿئي ٿو. پر انگريزيءَ وارا سيني کان اڳ انهن شاهڪارن کي ترجمو ڪري سڄيءَ دنيا تائين پهچايو ڇڏين. هن وقت جيڪڏهن انگريزي ٻولي سيني ٻولين کان وڏيڪ شاهوڪار ڪري ليکي وڃي ٿي ته انهن ترجمن جي ئي ڪري ليکي وڃي ٿي. اسان کي به جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي ترقي ڪرائڻي آهي ته ائين ئي ڪرڻ کپي. سنڌي ٻوليءَ جو پلو ان ئي ڳالهه ۾ آهي ته انگريزيءَ مان سڄي دنيا جو شاهڪار تخليقي ادب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريون.

هيستائين مون صرف نثر جو ذڪر ڪيو آهي. هاڻي اچون سنڌيءَ جي شاهڪار شاعريءَ تي. هڪ ڪتاب آهي "Writers At Work"، جيڪو

ڏهاڪو ڪن جلدن ۾ پکڙيل آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ بين الاقوامي حيثيت رکندڙ نثر نويسن ۽ شاعرن جا غير معمولي انٽرويو موجود آهن. انهن انٽرويوئن ۾ چليءَ جي شاعر پئبلو نيرودا ڪان وٺي پولش شاعره سزائم بورڪا تائين ۽ ميڪسيڪن شاعر اوڪتاويو پاز کان وٺي پولش شاعر سزلا مائلوسز تائين سڀني جي راءِ اها آهي تہ شاعريءَ جو ترجمو تقريباً ناممڪن آهي. تنهن هوندي بہ انگريزيءَ ۾ شاعريءَ جو ڦِٽوسِٽو ترجمو ٿيندو رهي ٿو. پر انهن ترجمن ۾ شاعريءَ جون مقامي جهڙپون نظر نٿيون اچن. مثلاً "ڪڪر منجهہ ڪپاهہ جهڙ نيٽئون نہ لهي." يا وري پاڳو پان جي هيءَ سِٽ تہ "سِر تنهنجو سلطان چڏيان ڪنن سان ڪائي" يا لطيف سائينءَ جا ڪجهہ سُرَ پلا ڪيئن ترجمو ٿي سگهندا. هلو سائين پنهنجيءَ شاعريءَ کي چڏيو اچو پئبلو نيرودا جي شاعريءَ تي. هت آئون سندس ڪجهہ تشبيهون ۽ استعارا ٿو ڏيان. مثلاً "زخمي لوهہ"، "مقتول ٽماٽا"، "لوڻ جون ڳلون" ۽ "آفيم جا پٽر تي ويل گُل" . توهان پاڻ ٻڌايو تہ اهڙن اوپرن استعارن ۽ تشبيهن کي پوريءَ سِٽ سميت سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڪيئن سگهبو. جي ڪجي بہ سهي تہ اهو اڌوگابرو ترجمو هوندو. باقي ٺُڙ ترجمو ناممڪن آهي. هيستائين مون لطيف سائينءَ جا جيڪي بہ انگريزيءَ ترجما ڏٺا آهن. اُهي اڌوگابرا آهن ۽ انهن ترجمن ۾ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جو ٺاهي جوڙي ٻيڙو ٻوڙيو ويو آهي. سو منهنجي صلاح آهي تہ شاعريءَ جي بدران نثر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو.

اهو هڪ اتفاق آهي تہ جيڪا جاگرافي انگريزي زبان کي مليل آهي، اهڙي ساڳئي جاگرافي، سنڌي ٻوليءَ کي مليل آهي، جنهن ۾ سمنڊ، رڻ پٽ، ٿر، جبل، درياهہ، جهنگ، فصل وارو علائقو ۽ شهري علائقا اچي وڃن ٿا. انهيءَ حساب سان سنڌي زبان خوشنصيب آهي، جو هر قسم جي علائقي جا لفظ سنڌيءَ ۾ اچي وڃن ٿا. رهي ٽيڪنالاجيءَ جي ٻولي چيو وڃي ٿو تہ هر هفتي ٽيڪنالاجيءَ جا پنج هزار اصطلاح انگريزيءَ ۾ شامل ٿين ٿا تہ انهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيئن ڪجي؟ انهيءَ سوال جو جواب سولو پيو آهي تہ اهي لفظ يا اصطلاح جيئن جو تيئن کڻنا پوندا ۽ سنڌيءَ جي لهجي ۾ آڻي لکبا.

دنيا جون ٻيون زبانون بہ ائين ڪن ٿيون. ننڍڙو مثال لفظ "ٽيليويزن" جو آهي. اهو ساڳيو لفظ عربيءَ ۾ "تيليويزن" آهي، ڇاڪاڻ تہ عربيءَ ۾ "ٽ" جو حرف ناهي، انهيءَ ڪري "ت" جو حرف استعمال ڪيو ويجي ٿو. پر لٽونين ٻوليءَ ۾ نہ تہ "ٽ" جو حرف آهي ۽ نہ وري "ت" جو حرف آهي. انهيءَ ڪري لٽونين ٻوليءَ ۾ "د" جو حرف استعمال ڪري "ديليويزن" لکيو ويجي ٿو. ائين فرق صرف لِپي ۽ حرفن جو آهي. خود سنڌي زبان ۾ پاڻ ڪان اڳ ۾ پنهنجن جي وڏن بہ "گلاس"، "پليٽ"، "ٽيشن" ۽ "ريل" وغيره جهڙا انگريزي لفظ ڪٺي سنڌي زبان جون ضرورتون پوريون ڪيون يا جيئن وري اسان خود "ڪمپيوٽر"، "انٽرنيٽ"، "موبائيل" ۽ "لائيٽر" وغيره جهڙا لفظ ڪٺي سنڌي زبان جون گهُرجون پوريون پيا ڪريون. اهڙن لفظن کي سنڌيءَ ۾ سمائڻ سان سنڌي زبان جو ڦيٽارو ڪو نہ ٿو ٿئي، پر واڌارو ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سنڌيءَ سميت دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ هر هفتي پنج هزار نوان لفظ ۽ اصطلاح ترجمو ڪرڻ وقت وجائڻ جي برابر آهي. اجا تہ اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن جو تعداد ۽ رفتار وڌندي سو جيڪڏهن ڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي ٿو تہ "منهنجي دل هن دنيا جي مارڪيٽ ۾ ڪرئش ٿي ويئي." تہ ايستائين تہ ٺيڪ آهي، پر جي ڪو ساڳيو تخليقي جملو هنن لفظن ۾ لکندو تہ "منهنجو دل دنيا جي هن مارڪيٽ ۾ ڪرش ٿي ويو." تہ اهو جملو سنڌي ٻوليءَ جي ڦيٽاري جو ڪارڻ بڻبو.

اچو ٻئي نڪتي تي:

جتي سنڌي ۽ انگريزيءَ کي ساڳئي قسم جا جاگرافيائي علائقا مليل آهن، اُتي سنڌي ٻوليءَ ۽ انگريزي ٻوليءَ جا گهاڙيٽا ڌار ڌار آهن. (1) تہ انگريزيءَ ٻوليءَ جا جملا وڏا ٿيندا آهن، جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جا جملا ننڍا ٿيندا آهن. (2) تہ انگريزيءَ جا جملا ورن وڪڙن وارا ٿيندا آهن، جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جا جملا سڌا سنوان ٿيندا آهن. (3) تہ ڪنهن بہ انگريزيءَ جي وڏي پيرا گراف ۾ جيڪي ڳالهيون ايندڙيون آهن، انهن جي ترتيب پنهنجي هوندي آهي، پر سنڌي ۾ اها ترتيب الڳ هوندي آهي.

انهي ڪري جڏهن بہ ڪنهن شاهڪار جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪجي تہ پهرئين پئراگراف يا ڊگهي جملي کي پڙهيءَ ذهن ۾ انهيءَ جو

تصور آڻجي. جڏهن ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ پوءِ انهيءَ پئراگراف يا ڪامپليڪس جملي کي ٽوڙي سنڌيءَ ۾ مزاج مطابق ننڍن جملن ۾ آڻجي. پر اهي ننڍا جملا ترجمو ڪرڻ وقت ٻنهي ٻولين جي گهاڙيٽي کي نظر ۾ رکي سنڌي ٻوليءَ جي مزاج موجب انگريزي جي هڪ ئي پئراگراف ۾ موجود ڳالهين کي هيٺ مٿي ڪرڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪا ڳالهہ انگريزيءَ ۾ سڀ کان هيٺ اچي ٿي، ٿي سگهي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ اها ڳالهہ مٿان ٺهندي هجي. ائين ئي انگريزي جملي جي ڳالهہ سنڌيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ هيٺين ڳالهہ مٿي يا وچ ۾ اچڻ کان پوءِ ئي ٺهي سگهي ٿي. جي انگريزيءَ جو ڪامپليڪس (پيچيدو) جملو سڌو جو سڌو ترتيب وار ترجمو ڪبو تہ سنڌيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ انگريزيءَ واري جملي کان بہ وڌيڪ ڏکيو بڻجي ويندو ۽ پڙهندڙ مونجهاري جو شڪار ٿي ويندو يا ڪن صورتن ۾ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ايندس. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندي وڏي ۾ وڏي غلطي اها ڪئي وڃي ٿي، جنهن جي ڪري انگريزيءَ وارو رس ۽ چس غائب ٿي ويندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان جو پڙهندڙ انهيءَ خوشفهميءَ جو شڪار ٿئي ٿو تہ اسان جو تخليقي ادب ٻين ٻولين جي تخليقي ادب کان مٿانهون آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ترجمن ۾ انهيءَ غلطيءَ جي ڪري اصلي رس ۽ چس گم ٿي ٿو وڃي. سو رڳو اسان کي لفظ ترجمو ڪرڻ نہ کپن، پر لفظن سان گڏوگڏ مزاج، رس ۽ چس کي بہ ترجمو ڪرڻ کپي. ٻيءَ صورت ۾ ترجمو ناڪامياب ٿي ويندو ۽ پڙهندڙ جي اڳيان شاهڪار جي اصليت اچي نہ سگهندي جڏهن تہ خود انگريزيءَ جا مترجم انهيءَ ڳالهہ جو گهڻو ڌيان رکندا آهن.

اچو سائين ٻنهي ٻولين جي ذخيري تي. انهيءَ حساب سان انگريزيءَ ٻولي سنڌي ٻوليءَ کان وڌيڪ سولي آهي. جڏهن بہ اوهان ترجمو ڪرڻ ٿا ويهو ۽ ڪنهن انگريزي لفظ تي اٽڪي بيهي ٿا رهو تہ انهيءَ کي سلڻ سولو آهي، ڇاڪاڻ تہ انگريزي کان انگريزيءَ جي شاهڪار ڊڪشنري اوهان وٽ موجود آهي. اوهان اهڙيءَ ڊڪشنريءَ کان ڪم وٺي جملي جي حساب سان معنيٰ تہ سمجهي سگهو ٿا. پر انهيءَ معنيٰ لاءِ اوهان کي تز

سنڌي لفظ ڪپي ٿو جيڪو ڳولڻ ڏکيو آهي. انهيءَ لاءِ اوهان وٽ انگريزيءَ کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جو ذخيرو هئڻ گهرجي. جي ڪنهن کي سنڌي گهٽ ٿي اچي ته انهيءَ لاءِ ترجمو وڌيڪ سولو آهي. ڇاڪاڻ ته اوهان کي رڳو لفظ جو ترجمو ڪرڻو ناهي، پر لفظ سان گڏوگڏ انگريزي لفظ جو مزاج به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻو هوندو آهي. جي اوهان انگريزيءَ کان سنڌيءَ واري ڊڪشنري استعمال ڪندؤ ته اوهان کي لفظ جي لفظي معنيٰ ته ملي ويندي، پر شايد لفظ جي مزاج سان ٺهڪندڙ سنڌي لفظ نه ملي سگهي. هونئن به ڊڪشنريون کڻي، انهن مان معنيٰ ڳولڻ ۾ اوهان جو گهڻو وقت ضايع ٿيندو پر جي اوهان وٽ انگريزيءَ کان انگريزيءَ واري اليڪٽرانڪ ڊڪشنري موجود هوندي ۽ اوهان کي سنڌي گهٽ ايندي هوندي ته ايترو وقت ضايع نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته تخليقي شاهڪار کي ترجمو ڪرڻ لاءِ مترجم وٽ تخليقي سگهه به هئڻ گهرجي. تخليقي سگهه وري اهڙي بلا آهي، جنهن کي هٿ ڪرڻ ڇئي سگهجي ٿو. انهيءَ ۾ پورهيو گهٽ ۽ دماغ جو جهٽ وڌيڪ هوندو آهي. تخليقي ڪم جو ترجمو ڪندڙ تخليق ڪار کي ايترو وقت مليل نه هوندو آهي، جيترو وقت محقق وٽ هوندو آهي. محقق ڪم ڪندي بيزار نه ٿيندو آهي پر مترجم تخليق ڪار ڪنهن وقت بيزار ٿي، ٻئي ڏينهن جو انتظار ڪندو آهي. انهيءَ ڪري اليڪٽرانڪ ڊڪشنري وڌيڪ ڪارائتي هوندي آهي، جيڪا تيزيءَ سان اوهان تائين معنيٰ پهچائي ٿي. ڪتاب واري ڊڪشنري بيزار ڪرڻ واري هوندي آهي.

رهيو اهو سوال ته ڪهڙا ڪهڙا تخليقي شاهڪار ترجمو ڪرڻ کپن ته اهو سڀ ڪجهه مترجم جي مائينڊ سيٽ تي ڇڏيل آهي ته ڪيس ڪهڙو شاهڪار وڌيڪ ڇڪي ٿو. تخليقي قسم جي مترجم کي ڊڪٽيشن ڏيئي نٿي سگهجي، باقي ڪنهن سان به صلاح ڪري سگهجي ٿي.

هن معاملي ۾ ڪو به ادارو مترجم تائين رسائي حاصل نه ڪري، پر خود مترجم کي اداري تائين رسائي ڪرڻي پوندي. پوءِ صلاح مصلحت سان ڪم ٿي ويندو. مون کي جيڪڏهن ڪو ادارو يا پبلشر اهو چوندو ته شيڪسپيئر ترجمو ڪري ڏئي ته اهو نه ڪندس. ڇاڪاڻ ته شيڪسپيئر

جو نثر منهنجي مزاج وٽان ناهي، پر جيڪڏهن ڪو چوندو تہ ٻي عظيم جنگ کان پوءِ جو ڪو اوڀر يورپ جو شاهڪار انگريزيءَ مان ترجمو ڪرڻو هوندو تہ پوءِ مون کي پاڻ کي اداري يا پبلشر وٽ ويٺو پوندو جو اهڙي قسم جو تخليقي نثر منهنجي مزاج وٽان آهي. اهڙي ساڳئي طرح آئون وليم خاڪنرتي جان اسٽيئن بيڪ کي يا جيرزي ڪوسنسڪيءَ کي ترجيح ڏيندس، چاڪاڻ تہ اهي ٻئي تخليق ڪار منهنجي مزاج وٽان آهن. سو هن معاملي ۾ جيڏانهن دل گهُري، اوڏانهن جو ڪم ڪرڻ کپي. باقي بي دليو ٿي ڪا تخليق ترجمو ڪبي تہ اهو ترجمو ڳسو رهجي ويندو.

# اِنڊيا آفيس لائبرري ۾ سنڌي ڪتاب

[برٽش لائبرري لنڊن جي تاريخ، ان ۾ موجود سنڌي ڪتابن ۽ انگريز دؤر ۾ بندش پيل ڪتابن، اخبارن وغيره بابت ٽن سنڌي اديبن: مدد علي سنڌي، لکمي کلاڻيءَ ۽ هيري ٺڪر جا مضمون ڇاپي رهيا آهيون، ته جيئن هي تاريخي مواد هڪ هنڌ محفوظ رهي، ۽ تحقيق ڪندڙن جي رهنمائي ٿي سگهي- ڊاڪٽر فهميده حسين]

نوٽ: جڏهن آءٌ جولاءِ 1978ع ۾ لنڊن ويو هوس، ته اُن وقت "اِنڊيا آفيس لائبرري"، لنڊن شهر ۾ ٿيمس نديءَ جي پرئين پر، "بليڪ فرئير روڊ" تي، "فرين اينڊ ڪامن ويلٿ بلڊنگ" ۾ واقع هئي. بعد ۾ آگسٽ 2000ع ۾ لنڊن ويس، ته اِنڊيا آفيس لائبرري مذڪوره بلڊنگ ۾ نه هئي. پوءِ خبر پئي ته اِنڊيا آفيس رڪارڊ کي برٽش لائبرريءَ جي نئينءَ عمارت ۾ رکيو اٿن. برٽش لائبرريءَ جي نئين عمارت سينٽرل لنڊن ۾ بوسٽن روڊ تي ڪنگڪراس ريلوي اسٽيشن ۽ بوسٽن انڊر گرائونڊ اسٽيشن جي وچ ۾ واقع آهي، جنهن کي برٽش سرڪار 6 ملين پائونڊن جي خرچ سان گوٿڪ طرز تي جوڙايو آهي. جون 1998ع ۾ انڊيا آفيس رڪارڊ آڻي اُنهيءَ عمارت ۾ رکيو اٿن. لائبرريءَ جي نئين عمارت ۾ ٽئين فلور تي اهو سمورو رڪارڊ "اورينٽل اينڊ انڊيا آفيس ڪليڪشن" جي نالي سان رکيل آهي. انڊيا آفيس لائبرريءَ جو رڪارڊ 14 ڪلوميٽر ڊگهن شيلفن ۾ مختلف جلدن (volumes)، فائيلن، انگريز عملدارن جي هٿ اکر لکيل نوٽن، ڏهن ۾ بند اٽڪل 70 هزار سرڪاري پبليڪيشن، هڪ لک 2 هزار مئن اِسڪرپٽس ۽ ڇپيل نقشن جي شڪل ۾ رکيل آهي. تنهن کان سواءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني (1858- 1600) جي بورڊ آف ڪنٽرول ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بورڊ آف ڪمشنرز فار آفيسرز آف انڊيا (1858- 1784) ۽ انڊيا آفيس (1947 - 1858) جو مواد سهيڙي رکيو اٿن. اورينٽل اينڊ انڊيا آفيس جو اهو سمورو ذخيرو ايسٽ انڊيا ڪمپني، انڊيا سِول سروس ۽

سمورو پوليٽيڪل رڪارڊ بايوگرافيڪل معلومات سان ٽمٽار آهي. انهيءَ سموري سانديل مواد کي ڏسي ماڻهو انگريزن جي قابليت جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهي.

لنڊن شهر ۾ ٿيمس نديءَ جي پرين پر بليڪ فريئرس روڊ تي هڪ بلڊنگ واقع آهي. ٻاهران بنهه شانت، پر اندران ڏاڍي وشال – ڄڻ هڪ وڏو عميق سمنڊ، جنهن ۾ جيڪو ويو اُهو ماڻڪ موتي لعل ٻاڻ سان کڻي آيو. سچ پچ تہ انهيءَ عميق بحر ڏي جيڪي بہ اُڄايل ويا آهن، تہ اُهي خالي ناهن موٽيا. علم ۽ ڄاڻ جو اهو اَکُٽ خزانو آهي تہ نندي ڪنڊ جي ماڻهن جي ملڪيت تي ٻڌل، پر 196 ورهين کان سانده انگريز اچن ٿا اُن کي سانديندا. واقعي اها ملڪيت سنيالي بہ انگريز ئي وينا آهن. املهہ ماڻڪن جو اهو انبار جيڪر هت هجي تہ هوند ڪٿو ڪٿو تي وڃي. هزارين قلمي دستخط پنو پنو تي وکري وڃن ۽ بي بها شيون داٿو داٿو تي ڳولئي بہ نہ لڀن. پنهنجي ديس ۾ پراڻن ڪتابن، اڻلڀ قلمي دستخطن پراڻي دور جي نقاشن جي قلمي ڪاوشن جو جيڪو حال ڏٺو اٿئون، تہ ٻانيون ٿا تہ چڱو آهي، جو اهو سڀ اُتي ئي رکيو هجي. هِتان جو تہ حال اهو آهي، جو "سائي کي سهي ڪونہ، سُڃي کي ڏئي ڪونہ!"

آڄا انهيءَ ڳالهہ کي بنهہ ڪو وڏو عرصو ناهي گذريو جو لنڊن جي انهيءَ ذخيري تي پاڪستان، هندستان ۽ انگلنڊ جي وچ ۾ تنازعو شروع ٿي ويو هو. چي: "اها اسان جي ملڪ آهي، اصل سڀ ٽپڙ ورهايو." پر ڏٺي خير ڪيو جو انهن قيمتي ڪتابن، دستاويزن، تصويرن ۽ قلمي نسخن جو تين وال نہ ٿي سگهيو ۽ "اِنڊيا آفيس لائبرري" ورهين کان علم، ڄاڻ ۽ تحقيق جي اُڃايلن جي اُڃ لاهيندي پئي آچي. ڪي ورهيہ اڳ مون جڏهن انڊيا آفيس لائبرريءَ ۾ ڪم پئي ڪيو تہ ڪيترن تاريخي دستاويزن جو اڀياس ڪندي اهو اچي خيال ٿيم، تہ آخر هيءَ هيڏي ساري "شاهي" لائبرري قائم ڪيئن ٿي، يا هن لائبرريءَ جو تاريخي پس منظر ڪهڙو آهي؟ اُهي ڪهڙا مڙس مٿير هئا، جن جي محنت جي پوک اَڄ ٻيا پيا لُڻن. پوءِ تہ يڪدم وڃي لائبرريءَ جي مدارالمهام سان ملاقات ڪيم، جنهن وري مون کي اسسٽنٽ

لائبريرين مسٽر سليم قريشيءَ جي حوالي ڪيو جنهن سان پوءِ دوستي ٿي وئي. ڪجهه ڏينهن جي محنت کان پوءِ آخرڪار ايترو مواد ضرور هٿ چڙهي ويو جنهن مان هي مضمون تيار ڪرڻ جهڙو ٿي ويس.

اصل ۾ پهرين پهرين لائبرري قائم ڪرڻ جو خيال 17 صدي عيسوي ڌاري "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ" جي هڪ ملازم مسٽر رابرٽ اورم جي دل ۾ پيدا ٿيو جنهن هندوستان ۾ سوين ڪتاب، قيمتي نوادرات قلمي نسخا برباد ٿيندي ڏٺا هئا. جيئن ته هن پاڻ هندستان ۾ ڪيترا ورهيه نوڪري ڪئي هئي، اُنهيءَ ڪري کيس اها ڄاڻ هئي ته هندستان جي راجائن، نوابن ۽ وڏ گهراڻن وٽ ڪيترو ئي علمي ۽ ادبي ذخيرو موجود آهي، جيڪو جيڪڏهن هڪ هنڌ گڏ ڪجي ته هوند انهيءَ مان گهڻا ماڻهو لاڀ پرائي سگهن. ساڳئي وقت اهو دؤر مغل شهنشاهيت جي زوال جي زماني وارو هو. وڏن وڏن نوابن ۽ راجائن جا پونير پنهنجا قيمتي نوادارات ۽ مخطوطا ڪتبخانن کي خاص طرح ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي گورن عملدارن کي خوش رکڻ لاءِ تحفي ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جتي به سوڀ ٿيندي هئي ته گورا سپاهي مال غنيمت ۾ هٿ آيل شيون ڪٺي ويندا هئا، جن مان ڪيترا ته اُهي شيون بنهه گُم ڪري ڇڏيندا هئا، ۽ ڪيترا وري اُنهن کي ڪٺي لنڊن ويندا هئا. لنڊن ۾ به ڄاڪاڻ ته اُنهيءَ وقت ڪو اهڙو هنڌ موجود ڪونه هو جنهن جي ڪري ڪيتريون شيون ضايع ٿي وينديون هيون. اها حالت ڏسي رابرٽ مئي 1798ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي هڪ رٿ لکي موڪلي، جنهن ۾ اُنهيءَ سموريءَ صورتحال جو دردناڪ منظر چٽيندي، ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن کي عرض ڪيائين ته ڄاڪاڻ ته ڪمپنيءَ جا ملازم انيڪ بيش بها نوادارات هتي ڪٺي اچي ڦٽو ڪري ٿا ڇڏين، جن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪمپنيءَ جي مرڪزي دفتر ۾ به ڪمرا مُهيا ڪري ڏنا وڃن، ته جيئن اهو املهه خزانو تباهه ٿيڻ کان بچي سگهي. رابرٽ جي اها رٿ ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن وٽ ويچار هيٺ هئي، ته ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ٻئي سڃاڻ ۽ علم جي پارکو عربي، فارسي، بنگالي ۽ سنسڪرت جي ڄاڻو چارلس ولڪنز نالي هڪ شخص کي ڪا

اها سُٽس پئجي وئي، سو هن ترت رابرٽ جي انهيءَ رٿ ۾ ڪي سڌارا ۽ واڌارا آڻي، هڪ نئون خاڪو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ڪي اماڻي موڪليو: "جيڪڏهن اهڙي قسم جي لائبرري، ميوزيم سميت قائم ٿئي ته هوند گهڻو ڪجهه لاپ پرائي سگهجي ٿو." چارلس ولڪنز پاڻ هڪ چست ۽ هوشيار شخص هو جنهن ورهين جا ورهيه ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي نوڪري ڪئي هئي، ۽ بنگال ۾ گهڻو عرصو گهاريو هئائين. هن 1758ع ۾ گورنر جنرل وارن هيسٽنگز جي چوڻ تي ڀڳوت گيتا جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو ۽ سنڌس ئي ڪوشش سان بنگالي، ناگري، سنسڪرت ۽ فارسي اکرن جي ٽائيپ تيار ٿي هئي، انهيءَ ڪري ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جو مٿس گهڻو ويساهه هو. ويتر هن جي رٿا ۾ لائبرريءَ سان گڏ ميوزيم جو به نقشو شامل هو سو ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن، 1801ع ۾ انهيءَ رٿ کي عملي جامو پهرائيندي، "اورينٽل ريپازيٽري" جي نالي سان لائبرري قائم ڪئي، ۽ چارلس ولڪنز کي 200 پائونڊ سالياني پگهار سان پهريون لائبريرين مقرر ڪيو. شروعات ۾ اها لائبرري ڪمپنيءَ جي مرڪزي آفيس ۾ ٻن ڪمرن اندر قائم ڪئي وئي، جيڪا لنڊن جي ليڊن هال اسٽريٽ ۾ واقع هئي. لائبرريءَ کي پهريون پهريون جيڪو املهه ڪتبخانو تحفي طور هٿ چڙهيو سو هئو رابرٽ جو. اهو سال 1802ع جو هو جڏهن لائبرريءَ کي قائم ٿئي هڪ سال مس ٿيو هو ۽ رابرٽ اُن سال چالاڻو ڪري ويو. چاڪاڻ ته مذڪوره لائبرري قائم ڪرڻ جو خواب ئي هن ڏٺو هو انهيءَ ڪري مرندي مرندي اها وصيعت ڪري ويو ته سنڌس قيمتي ڪتبخانو لائبرريءَ کي ڏنو وڃي. بلاشڪ سنڌس ڪتبخانو ڪيترن ئي قيمتي نوادرات ۽ انيڪ قلمي نسخن جو ڀنڊار هو. اهو ڪتبخانو لائبرريءَ کي ڇا حاصل ٿيو جڻ لائبرريءَ ۾ جان پئجي وئي. 1803ع ۾ وري هڪ ٻئي شخص نومب ول، بنا ڪنهن اجوري جي ڪين فارسي ملفوظات جو هڪ نادر ذخيرو پيٽا ڪيو. ساڳئي سال ڊيوٽي چيني ٻوليءَ جا ڪتاب ڏنا. پوءِ ته لائبرريءَ ۾ نادر قلمي نسخا، قديم ڪتاب، ناياب تصويرون وغير گڏ ٿينديون ويون، جڏهن ته خود ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن کي به اهي شيون حاصل ڪرڻ جو شوق ويو

وڌندو. سندن انهيءَ ڪم ۾ شوق جو اهو عالم هوندو هو جو جڏهن بہ ڪين اها ڄاڻ ملندي هئي، تہ هندستان ۾ ڪو ڪتبخانو لڌو آهي تہ هو فوري طور لکپڙهہ هلائيندا هئا تہ سمورا ڪتاب ۽ نوادارات فقط لنڊن ئي اُماڻيا وڃن. هوڏانهن هندستان ۾ بہ ڄاڪاڻ تہ رايل ايشاٽڪ سوسائٽي بنگال ۽ فورٽ وليم ڪاليج ڪلڪتي وارا بہ پنهنجيءَ پر ۾ ويا ٿي نوادرات ۽ ڪتاب گڏ ڪندا، انهيءَ لاءِ هندستان جي گورنر جنرل کي هو بار بار تاڪيد پيا ڪندا هئا. ان سلسلي جو هڪ اهڙو ئي خط 5 جون 1806ع تي هندستان جي گورنر جنرل سر جارج بارلو کي هن ريت لکي اماڻيو ويو:

"اوهان کي اها ڳالهہ بخوبي معلوم هوندي تہ اسان هتي هڪ لائبرري ۽ عجائب گهر قائم ڪيو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي سختيءَ سان تاڪيد ٿي ڪئي وڃي تہ آئينده سمورا ڪتاب، قلمي نسخا، پراڻا سڪا، تصويرون ۽ نوادرات، جيڪي بہ اوهان کي هٿ اچن، اُهي فقط لنڊن موڪليا وڃن. اسين اوهان جو ڌيان ٽيپو سلطان جي انهيءَ ڪتبخاني طرف پڻ ڇڪايون ٿا، جيڪو سرنگاپٽم جي فتح بعد اسان جي فوج کي هٿ آيو هو جنهن کي پڻ هيڏانهن موڪلڻ تمام ضروري آهي. اسان جو اهو رايو آهي تہ انهيءَ ڪتبخاني جي اصلوڪي جاءِ بہ ڪمپنيءَ جي لائبرري آهي. تعجب آهي تہ انهيءَ ڪتبخاني جي مڪمل لسٽ بہ اسان کي اجا نہ پهتي آهي. بهرحال اسان کي غيرسرڪاري طريقي سان ڪتبخاني جي لسٽ هٿ آئي آهي، جنهن موجب ڪتبخاني ۾ قرآن مجيد ۽ شاهنامي جا ڪجهہ قيمتي نسخا موجود آهن. ازان سواءِ مصوريءَ جا ڪجهہ جلد ٽيل نادر نمونا بہ شامل آهن، جن بابت اُميد اٿئون تہ اهو سڀڪجهہ محفوظ هنڌ تي رکيل هوندو. اوهان کي سختيءَ سان هدايت ڪجي ٿي تہ اهو سمورو ذخيرو وڏي خبرداريءَ سان، الڳ ڪري رکيو وڃي، ۽ اهو سڀڪجهہ پيتين ۾ بند ڪري سمنڊ رستي فوري طور تي هيڏانهن اماڻيو وڃي!"

انهيءَ خط بعد جيتوڻيڪ ترت ڪين اهو ڪتبخانو حاصل تہ نہ ٿيو پر ڪتابن جي ڳولا ۾ هو هر وقت سرگردان رهيا. انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪين ڪجهہ سِڪا ٿي مليا تہ ڪڏهن وري ڪين پراڻا بُت ٿي هٿ

آيا. جيڪي لائبريريءَ جي عجائب گهر ۾ تي رکيا ويا. انهيءَ وقت تائين لائبريريءَ جو اهو اصول هو تہ جيڪا شيءِ ڪين مفت هٿ چڙهي ٿي تہ اها محفوظ ٿي ڪيائون. باقي پيسن سان ڪابہ نوادرات وغيره هو بنهہ نہ ڳنهندا هئا. جنهن جي ڪري ڪيترين ئي شيون سندن هٿن کان نڪري ٿي ويون. انهيءَ ڳالهہ کي آڏو رکندي 1807ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پنهنجي ايڪٽ ۾ ڦيرڦار آڻي اهو فيصلو ڪيو تہ جيڪر آئينده ڪن شين لاءِ ڪا وڏي قيمت چڪائڻي پوي تہ انهيءَ ڳالهہ کان بنهہ ڪن لاتار نہ ڪئي وڃي.

انهيءَ فيصلي بعد جنهن شخص کان ٽن هزارن گِنين ۾ جيڪو آملهہ ڪتبخانو خريد ڪيو ويو هو اهو هو ڪمپنيءَ جو هڪ رٽائرڊ ملازم رچرڊ جانسن جو جيڪو پڻ هندستان ۾ 30 ورهيہ رهي آيو هو جانسن بہ ٻين وانگر 1770ع ۾ ڪلارڪ ٿي ڪلڪتي ويو هو ۽ ترقي ماڻيندو وڃي حيدرآباد دکن جي نظام وٽ ريزيڊنٽ ٿيو جتي هن کوڙ ڪتاب. قلمي نسخا ۽ مصوريءَ جا شاهڪار هٿ ڪيا هئا ۽ جڏهن هو انگلنڊ واپس وريو تہ وٽس فارسي ۽ عربيءَ جا 1100 ڪتاب ۽ 1300 رنگين تصويرون موجود هيون. جن کي هو پنهنجي ساهہ سان سانڊي رکندو هو. قدرت خدا جي. جو آخري چمار ۾ هو سخت بيمار ٿي پيو ۽ زماني جي حالتن هٿان اهڙو تہ ڪنگال ٿي پيو جو وٽس ڪائڻ لاءِ هڪ پيني بہ نہ هئي". پر اهو املهہ ڪتبخانو ضرور موجود هو جنهن تي لائبريريءَ وارن جي اکِي ئي اک هئي. بهرحال هن وڏي لاچاريءَ وچان تمام سستي اگهہ تي اهو سمورو ڪتبخانو لائبريريءَ کي وڪڻي ڇڏيو. جڏهن تہ انهيءَ ڪتبخاني جي ماليت ٽن هزار سونين گنين کان گهڻو وڌيڪ هئي.

1809ع ۾ هندستان جي اڳوڻي گورنر جنرل وارن هيسٽنگز بہ 800 پائونڊن ۾ پنهنجا سمورا ڪتاب لائبريريءَ کي وڪرو ڪري ڇڏيا. وارن هيسٽنگز بہ ڪلائيو وانگر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ملازمت ۾ ڪلارڪ ٿي گهڙيو هو. پهريائين هو هندستان ۾ 1750ع ۾ آيو. شروع ۾ هو پيجڪن جا نقل ڪندو هو ۽ پٽ جي ڪپڙي ۾ ململ تي نول ٻڌندو هو. 1757ع ۾ مير جعفر جي دربار ۾ انگريزن جو عيوضي ٿي ويو هو. 1760ع ۾ ڪلڪتي

ڪائونسل جو ميمبر ٿيو 1769ع ۾ مدراس ڪائونسل جو ميمبر ۽ 1774ع ۾ بنگال جو گورنر ٿيو. ساڳئي سال چاڪاڻ تہ برٽش پارليامينٽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا ٽپڙ ورهائي غلام هندستان کي سڌو پارليامينٽ جي انتظام هيٺ آڻي ڇڏيو هو انهيءَ ڪري هو هندستان جو پهريون گورنر جنرل مقرر ٿيو. 1758ع ۾ مٿس پڪارون ٿيڻ ڪري پارليامينٽ هڪ مقدمو ڪڙو ڪيو جنهن جي ڪري کيس نوڪري ڇڏڻي پيئي. برٽش اِنڊيا ۾ 35 ورهيہ لڳاتار رهڻ سبب هن بہ ڳچ ڪتاب هٿ ڪيا. جيئن تہ سندس دلچسپي فارسيءَ سان هوندي هئي، انهيءَ ڪري سندس گڏ ڪيل ڪتاب بہ گهڻو تڻو فارسيءَ ۾ هئا. 1788ع کان 1795ع تائين کيس هڪ ڪيس کي منهن ڏيڻو پئجي ويو جنهن ۾ هن جو سمورو ارڪو ترڪو چٽ ٿي ويو. ڳڻتين هٿي هن کي ڳاري وِڌو. وري بہ شڪر جو پڇاڙيءَ ۾ کيس بہ ڏوهي ٺهرايائون. انهيءَ ڪري هن پنهنجا سمورا فارسي ڪتاب لائبريريءَ کي وڪڻي ڇڏيا، جن مان گهڻا تڻا فارسي شاعريءَ جي مجموعن تي ٻڌل هئا.

1809ع ۾ هندستان جي هڪ مشهور رياست بڙودي جي راجا لائبريريءَ کي فارسي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جي ڪتابن جو هڪ وڏو تعداد تحفي طور اُماڻيو. سال 1819ع ۾ وري هينري ڪول بروڪ سنسڪرت ٻوليءَ جا اٽڪل ٻہ هزار ڪتاب لائبريريءَ کي پيشا ڪيا. اَڄ بہ لائبريريءَ ۾ جيڪڏهن سنسڪرت ٻوليءَ جي ڪتابن جو جهجهو تعداد موجود آهي تہ اهو هينري ڪول جو ئي ڏنل آهي. هينري ڪول بروڪ اصل ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جي صدر سر جارج ڪول بروڪ جو سڪيلڏو پٽ هو. هُو 1782ع ۾ ڪمپنيءَ جي ملازمت ۾ داخل ٿيو ۽ ساڳئي سال هندستان پهتو هو. پهرئين اڪائونٽنٽ ۽ پوءِ اسسٽنٽ ڪليڪٽر ۽ جج جا عهدا ماڻيندو 1800ع ۾ وڃي گورنر جنرل جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر بڻيو. اُتي هو سنسڪرت پڙ سِکيو جنهن ۾ هن ايڏي تہ مهارت حاصل ڪئي جو 1794ع ۾ گورنر جنرل جي حڪم تي هندو ڌرم شاستر جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ويهي ترجمو ڪيائين. چون ٿا تہ هن کي ويدن تي ايڏو تہ عبور حاصل هوندو هو جو سنسڪرت جا عالم بہ کيس وڏو نقاد ڪري

ليڪيندا هئا. هن ويدن تي جيڪا تنقيد لکي آهي، اُها اسلوب توڙي ڄاڻ جي لحاظ کان هڪ شاهڪار آهي. سنسڪرت کان سواءِ هن کي حيوانات، نباتات، رياضي ۽ معدنيات جي علمن جي بہ وڏي ڄاڻ حاصل هئي. هندستان ۾ 32 ورهيہ رهڻ بعد 1815ع ۾ انگلنڊ اچي هُن سنسڪرت ٻوليءَ جا ٻن هزارن کان بہ مٿي ڪتاب لائبرريءَ کي عطئي طور ڏئي ڇڏيا. نتيجي ۾ لائبرريءَ وارن بہ سندس هڪ عاليشان سنگمرمر جو مجمسو نهرائي لائبرريءَ جي اڱڻ ۾ يادگار طور هٽائي ڇڏيو.

1824ع ۾ لائبرريءَ وارن جان ليڊن نالي هڪ شخص جو ڪتبخانو 500 پائونڊن ۾ خريد ڪيو. جان ليڊن بہ 1803ع ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت سان مدراس ويو هو پر هندستان اچڻ کان پهريائين هن فارسي ۽ عربي سکي ۽ ان ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. ڏکڻ هندستان ۾ هن تيلگو ۽ مليالم ٻولين بہ سکي ورتيون. 1806ع ۾ هو فورٽ وليم ڪاليج ۾ اڙدو پڙهائڻ لڳو. اُتي هن سنسڪرت ۽ فارسيءَ جا ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا ۽ لسانيات جي هڪ وڏي ماهر جي حيثيت ۾ ناماچاري حاصل ڪئي. ڪابہ نئين ٻولي سکڻ هن لاءِ تمام آسان ڳالهہ هوندي هئي. بعد ۾ ڪلڪتي کان جاوا ۽ سماترا پهتو تہ اُتي بہ هن جاوي ٻولي سکي ورتي. بهرحال حياتيءَ وفا نہ ڪيس، جو 32 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. سندس وفات بعد سندس سمورا ڪتاب لائبرريءَ خريد ڪري ورتا.

1838ع ۾ آخرڪار لائبرريءَ ۾ ٽيپو سلطان وارو اُهو ڪتبخانو اچي لنڊن پهتو جيڪو 1799ع ۾ سرنگاپٽم واري لڙائيءَ کان پوءِ انگريز فوج کي هٿ آيو هو. اهو ڪتبخانو ورهين جا ورهيہ فورٽ وليم ڪاليج ڪلڪتي ۾ پيو هو، جنهن لاءِ ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن بار بار ٽي هندستان خط لکيا. انهيءَ ڪتبخاني ۾ ٻن هزارن کان بہ مٿي ڪتاب شامل هئا، جيڪي فورٽ وليم ڪاليج جي بند ٿيڻ جي نتيجي ۾ لائبرريءَ کي هٿ چڙهيا. ٽيپوءَ جي ڪتبخاني ۾ فارسي، ترڪي، عربي، هندي ۽ دکني ٻولين جا سوين ڪتاب شامل هئا. انهيءَ کان سواءِ ڪتبخاني ۾ شهيد ٽيپو سلطان جو خواب نامو بہ شامل هو. ڇوں تہ ٽيپو سلطان کي خوابن تي ڏاڍو

يقين هوندو هو. روز رات جو هو جيڪو سپنو ڏسندو هو اهو صبح جو هڪ وڏي رجسٽر ۾ لکي ڇڏيندو هو. اهو رجسٽر وري هو هڪ ڳجهي هنڌ تي لڪائي رکندو هو جنهن جي ڄاڻ فقط سندس هڪ خاص خدمتگار حبيب الله کي هوندي هئي. جڏهن ٽيپو سلطان شهيد ٿيو ته سندس خدمتگار انگريزن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪين انهيءَ رجسٽر جو ڏس ڏنو. سندس ئي ڏس تي انگريزي فوج جي عملدار ڪرنل ڪرڪ پيٽرڪ ڪتابن جي ڪيٽن مان اهو رجسٽر هٿ ڪري ورتو.

هوڏانهن لائبرريءَ ۾ ڪتاب ۽ نوادرات ويا وڌندا، ته خود لائبرريءَ ۾ ڪم ڪندڙن جي ذميوارين ۾ ويو اضافو ٿيندو. لائبررين چارلس وڪنز جو پگهار وڌائي 700 پائونڊ ساليانو مقرر ڪيو ويو ۽ لائبرريءَ جي اسٽاف ۾ ٻه ٽن ماڻهن جو اضافو ڪيو ويو. مئي 1825ع ۾ فرانس بڪانن کان ٻه سندس ڪتبخانو خريد ڪيو ويو جيڪو پڻ 1783ع کان 1815ع تائين هندستان ۾ رهيو هو ۽ وٽس ٻه ڪتابن جو چڱو چوکو ذخيرو موجود هو.

مئي 1836ع ۾ لائبرريءَ جو پهريون لائبريرين چارل وڪنز گذاري ويو. جنهن پنهنجي حياتيءَ جا 35 ورهيه هن لائبرريءَ کي ٺاهيندي ۽ وڌائيندي گذاري ڇڏيا هئا. سندس ئي محنتن جو ثمر هو جو لائبرريءَ ۾ هزارين ڪتاب ۽ نوادرات جمع ٿيا هئا. هو پاڻ عربي، فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو. انهن خدمتن جي مڃتا طور کيس "نائٽ هُڊ" جو به خطاب ڏنو ويو ازان سواءِ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ پڻ هن کي ڊاڪٽوريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني هئي. ولڪنز جي مرڻ بعد هن جي زال پنهنجي مڙس جا سمورا ڪتاب لائبرريءَ کي ڏئي ڇڏيا.

سر چارلس وڪنز جي وفات بعد پروفيسر هاريس ولسن کي لائبريرين مقرر ڪيو ويو. اهو نئون لائبريرين پڻ ذاتي طور تي عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جو وڏو ڄاڻو هو ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ڊاڪٽر ٿي هندستان ويو هو جتي هن پهريائين ڪاليداس جي ٻن ناٽڪن کي ايڊٽ ڪري ڇپرايو هو ۽ بعد ۾ 1819ع ۾ انگريزي ۽ سنسڪرت جي لغت مرتب ڪئي هئي. انڊيا آفيس لائبرريءَ ۾ لائبريرين ٿيڻ کان پهرين هو آڪسفورڊ

يونيورسٽيءَ ۾ سنسڪرت جو پروفيسر ٿي ڪم ڪري رهيو هو. سندس زماني ۾ ٻه لائبرريءَ ۾ سوين ڪتاب داخل ڪيا ويا.

1857ع ۾ هندستان ۾ انگريزن خلاف بغاوت جي ڀڙڪو ڀڙڪو کاڌو. وڳوڙن جي پڄاڻيءَ تي ته برٽش پارليامينٽ نئون "انڊيا ايڪٽ" پاس ڪيو جنهن پٽاندر هندستان جي حڪومت جون واڳون ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان وٺي پنهنجي هٿ ۾ ڪيون ويون. برٽش پارليامينٽ هندستان جي انتظام هلائڻ واسطي "انڊيا آفيس" جي نالي سان هڪ علحده دفتر قائم ڪري هڪ جدا "وزير هند" مقرر ڪيو ان طرح ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا سمورا معاملا هاڻي "اِنڊيا آفيس" وارن جي حوالي ٿيا. جنهن بعد انهيءَ لائبرريءَ جو نالو ڦري سڏجڻ لڳو "اِنڊيا آفيس لائبرري" لائبرريءَ کي ليڊن هال اسٽريٽ مان ڪٽي ڪينن روڊ جي هڪ گهر ۾ آندو ويو جتي جڳهه جي تنگيءَ سبب لائبرريءَ کان ميوزيم کي هميشه هميشه لاءِ علحده ڪيو ويو.

1865ع ۾ انڊيا آفيس لائبرريءَ کي 1857ع واري آزاديءَ جي جنگ وقت هٿ آيل مغلن جي ڪتبخاني جا ڪجهه ڪتاب هٿ چڙهيا. جن جو تعداد ڇهه هزار هو. مؤرخ لکن ٿا ته مغلن جو اهو ڪتبخانو شهنشاهه شاهجهان جي وقت ۾ 24 هزار ڪتابن تي مشتمل هو. اٽليءَ جو مشهور سياح "منوڪي" پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو ته شاهجهان جي ڪتبخاني ۾ 24 هزار ڪتاب شامل آهن. جن جي جلدن تي سون ۽ چاندي چڙهيل آهي. جيڪڏهن اُنهن جلندن تي چڙهيل سون ۽ چانديءَ جي قيمت جي ڪٿ ڪجي ته اُها لاڳت 64 لک 63 هزار 271 رپين تائين وڃي پهچي ٿي!

1870ع ۾ انڊين سِوِل سروس جي آرٿر برنل لائبرريءَ کي ساڍا ٽي سوَ سنسڪرت جا ڪتاب پيٽا ڪيا. آرٿر 1860ع ڌاري ويهن سالن جي ڄمار ۾ انڊين سِوِل سروس ۾ ڀرتي ٿي هندستان ويو هو ۽ پنهنجي ملازمت جو گهڻو تڻو حصو ڏکڻ هندستان ۾ بسر ڪيو هئائين. اُتي هن وڏي شوق سان سنسڪرت جا انتهائي ناياب نسخا خريد ڪيا. هن کي عربي، فارسي، تامل، اڙدو ۽ سنسڪرت تي به وڏو عبور حاصل هوندو هو. 1882ع ۾ هو

اوچتو 42 ورهين جي چمار ۾ گذاري ويو ته لائبرريءَ وارن سندس رهيل 300 ڪتاب به خريد ڪري ورتا.

1860ع ۾ پروفيسر هاريس ولسن گذاري ويو ته سندس جاءِ تي گورنمينٽ سنسڪرت ڪاليج بنارس جي پرنسيپال ڊاڪٽر جيمز بيلٽالن کي لائبريرين ڪري رکيو ويو. ڊاڪٽر جيمز پڻ سنسڪرت جو وڏو عالم هو ۽ 15 روهيه بنارس ڪاليج جو پرنسيپال تي ڪم ڪيو هئائين. سندس ئي ڪوشش سان بعد ۾ اهو ڪاليج وڃي يونيورسٽيءَ جي درجي تائين پهتو هو. هن سنسڪرت جا انيڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ناماچاري حاصل ڪئي هئي. انهيءَ کان سواءِ هن فارسي، سنسڪرت ۽ اڙدوءَ ۾ پڻ ڪيترا ڪتاب لکيا هئا. فيبروري 1864ع ۾ هن لاڏاڻو ڪيو اهڙيءَ ريت هو به فقط چار ورهيه انڊيا آفيس لائبرريءَ جي خدمت ڪري سگهيو. سندس وفات کان پوءِ بنارس ڪاليج جي اڙدو ۽ سنسڪرت جو پروفيسر فٽز ڊورڊ هال لائبريرين مقرر ٿيو پر هن 1869ع ۾ ڪن ذاتي مجبورين سبب استعيفا ڏئي ڇڏي 1870ع ۾ هڪ جرمن عالم ڊاڪٽر راٿن هولڊ روٽ لائبريرين مقرر ٿيو. ڊاڪٽر روٽ لاءِ چون ٿا ته هو اٽڪل 30 ٻولين تي عبور رکندو هو جن ۾ عربي، فارسي، هندي، اڙدو تامل، تيلگو تبتي ۽ چيني ٻوليون شامل هيون. ازان سواءِ هن ڪيترائي ڪتاب ايڊٽ ڪيا ۽ ڪيترا ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا هئا. هن لڳاتار 34 ورهيه انڊيا آفيس لائبرريءَ جي خدمت ڪئي. سندس ئي ڪوشش سان اهو آرڊيننس پاس ڪيو ويو ته آئينده جيڪو به ڪتاب هندستان ۾ شايع ٿئي ته انهيءَ جي هڪ ڪاپي انڊيا آفيس لنڊن کي ضرور اُماڻي وڃي. انهيءَ قانون جو نتيجو اهو نڪتو جو هندستان جي سمورين ٻولين جا هزارين چيچنڊڙ ڪتاب انڊيا آفيس لائبرريءَ ۾ پهچي ويا. اهو قانون 1947ع تائين لاڳو رهيو. ڊاڪٽر روٽ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ لائبرريءَ کي ڪينن روڊ مان ڪڍي وائيٽ هال جي عمارت ۾ آندو ويو. پر جيئن ته بدقسمتيءَ سان انڊيا آفيس لائبرريءَ جي تاريخي ميوزيم لاءِ انگلنڊ جي سرڪار ڪا عمارت فراهم نه ڪري سگهي، انهيءَ ڪري انڊيا آفيس لائبرريءَ جي ميوزيم جا سمورا

نوادرات لنڊن جي مختلف عجائب گهرن کي ورهائي ڏنا ويا. اج بہ لنڊن جي وڪٽوريا البرٽ ميوزيم، جيالوجيڪل ميوزيم ۽ سائنس ۽ نيچرل هسٽري ميوزيم ۾ جيڪي شيون اسان کي نظر اچن ٿيون، اهي سڀ انڊيا آفيس لائبرريءَ جي انهيءَ پراڻي ميوزيم جون ئي ملڪيت آهن، جيڪي 1806ع کان وٺي 1857ع تائين هندستان جي ڪنڊڪرڇ مان ڪٺي لنڊن آنديون ويون هيون.

1902ع ۾ پريزيڊنسي ڪاليج ڪلڪتي جو پرنسيپال پروفيسر چارلس، اِنڊيا آفيس لائبرريءَ جو لائبريرين مقرر ٿيو. 1903ع ۾ هن اِستعيفا ڏني، تہ سندس جاءِ تي ڊاڪٽر ايف. ڊبليو. ٿامس کي اڳتي آندو ويو. انهيءَ سموري دور ۾ لائبرريءَ ۾ مختلف ٻولين جا ڪتاب ۽ قلمي نسخا وڏي تعداد ۾ شامل ڪيا ويا.

"اِنڊيا آفيس لائبرريءَ" کي ڪنهن ڇا ڇا ڏنو اهو سمورو تفصيل لائبرريءَ جي "ڊي بوڪ" ۾ موجود آهي. جيڪڏهن هتي تفصيلي طور انهيءَ جو ذڪر ڪجي تہ هوند اهو وڏو مفصل احوال ٿي پوي، ان ڪري طوالت کان پاسو ڪندي رڳو اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ مجموعي طور 1806ع کان وٺي 1947ع تائين انگريز آفيسرن هن لائبرريءَ کي وڏيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ٺاهيو. هو جڏهن بہ رٽائر ٿي پنهنجي وطن ورندا هئا، تہ پاڻ سان آنيڪ دستاويز قلمي مسودا، سياسي احوال، نوادرات، پراڻي جُڳ جي مصورن جون روغني تصويرون، سڪا، مجسما وغيره ڪٺي اچي هن لائبرريءَ کي مالامال ڪندا هئا. پوءِ تہ خود "برٽش هندستان" جي سموري لکپڙهہ جا فائيل ۽ ڪاغذ بہ انڊيا آفيس جي حوالي ٿيا.

هن وقت لائبرريءَ ۾ جيڪي ڪتاب رکيل آهن، انهن جو تعداد "ڇئن لکن" تائين وڃي پهچي ٿو جڏهن تہ انهن کان سواءِ اج بہ دنيا جي ڪنڊڪرڇ مان لائبرريءَ کي تحفي طور ڪتاب ملندا رهن ٿا. لائبرريءَ ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت، سنڌي، هندي ڪشميري، گجراتي، بنگالي، اڙدو مراٺي، آسامي، تامل، تيلگو پنجابي، پشتو ترڪي، سنهالي، پالي، تبتي، چيني، سرائيڪي، وغيره جا ڇپيل ۽ اڻڇپيل مسودا ۽ ملفوظات

وڏي تعداد ۾ موجود آهن. ساڳئي وقت يورپي ٻولين جا به اٽڪل هڪ لک ڪتاب رکيا ويا آهن. جڏهن ته هزارين قلمي مسودا اُتي اُنهيءَ کان سواءِ آهن، جن جو تعداد ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهي.

مون کي اسسٽنٽ لائبريرين مسٽر سليم الدين قريشيءَ جي مهربانيءَ سان اهڙيون شيون ڏسڻ ۾ آيون، جن کي ڏسي اچرج ٿي وڪوڙي وئي. مثال طور ڪيترا مسودا وڻن جي چوڏن ۽ پنن تي ۽ ڪيترا وري سون جي پڙچن تي لکيل ڏسڻ ۾ آيا. ڪيترا پراڻا سنسڪرت جا نسخا عاج ۽ ڪاٺ جي ٽُڪرن تي لکيل هئا. ڪجهه وري جانورن جي کلن تي لکيل هئا. اهو سڄو تاريخي ورثو عجب سان پريل آهي!

انهن شين کان سواءِ لائبريريءَ ۾ اَج به تاريخي ۽ اڻلڀ تصويرن جو هڪ وڏو ذخيرو رکيل آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ خاص اجازت جي ضرورت هوندي آهي. انهيءَ خزاني ۾ مصوريءَ جا نادر نمونا موجود آهن. ننڍي کنڊ جي اصلوڪي ۽ چٽي پٽي تصوير انهن رنگين تصويرن کي ڏسڻ سان به اسان جي آڏو عيان ٿئي ٿي. اڪثر رنگين تصويرون مغل دور جون آهن. انهن تصويرن جو تعداد چار هزار کن آهي، جن کي ڏسڻ لاءِ وڏي وقت جي ضرورت آهي. انهيءَ نوادرات ۾ فوٽوگرافيءَ جا به نهايت اعليٰ ۽ اڻلڀ عڪس نظر اچن ٿا. مان سمجهان ٿو ته ننڍي کنڊ جي ماڻهن، شهرن ۽ جاين جا اوائلي فوٽوگراف به فقط اِنڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ موجود آهن.

اِنڊيا آفيس لائبريريءَ جو موجوده دفتر جيئن مون شروعات ۾ ذڪر ڪيو ته اهو ٿيمس نديءَ جي پرئين پر بليڪ فريئرس روڊ تي واقع آهي. لائبريريءَ جي موجوده عمارت اصل ۾ ڪامن ويلٿ جي آهي، جتي ٿينءَ ماڙ تي اهو اڻلڀ خزانو هر هڪ ايندڙ لاءِ پنهنجي وشال اونهائيءَ سان ٻئي ٻانهون کولي آجيان ڪندو ٿو رهي.

مون ڪوشش ڪئي ته .سنڌ" سان تعلق رکندڙ قيمتي مواد جون ڪي فوٽو اسٽيٽ هٿ ڪريان، پر مون کي ٻڌايو ويو ته انڊيا آفيس لائبريريءَ وارن کي سموري دنيا مان ايترا ته آرڊر اچن ٿا، جو فوٽو اسٽيٽ لاءِ به واري جو انتظار ڪندي ڇهه آٺ مهينا لڳي ٿا وڃن. منهنجي دلچسپي انهيءَ ڳالهه

سان هئي تہ 1832ع کان وٺي 1838ع تائين انگريزن جا ٽالپرن سان ڪيل سمورا عهدناما، ايسٽ اِنڊيا ڪمپنيءَ جا سنڌ سان ڪيل واپار جا تفصيل، 1839ع ۾ هندستان جي گورنر جنرل لارڊ آڪلن طرفان ڪيل انهيءَ لکپڙهہ جو احوال، جنهن ۾ ٽالپرن کي چيو ويو تہ سنڌونديءَ مان واپاري غورابن گذارڻ سان گڏوگڏ فوج ۽ جنگ جو ساز و سامان کي لنگهڻ ڏنو وڃي، 1841ع ۾ افغانستان ۾ وڳوڙ کان پوءِ سنڌ ۾ انگريز ريزيڊنٽ ميجر آئوٽرام جا سمورا خط جنهن ۾ هن وس وارن وٽ دانهن ڪئي تہ ميرن سان ٺهي هلو نہ تہ مير اسان جي هٿن مان نڪري ويندا. هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو طرفان 1843ع ۾ نيپئر کي سنڌ موڪلڻ وارو داستان، 12 فيبروري 1843ع ۾ نيپئر کي سنڌ موڪلڻ وارو داستان، 12 فيبروري 1843ع تي ميجر آئوٽرام جي موجودگيءَ ۾ حيدرآباد ۾ ٿيل آخري عهدنامو دبي ۽ مياڻيءَ جي لڙائيءَ جا وچور ٽالپرن کي ڪلڪتي جي هزاري باغ ۾ رکڻ جي لکپڙهہ، ميجر آئوٽرام جي برٽش سرڪار ڏانهن ڪيل لکپڙهہ (تہ "ميرن سان نسورو انڌير ٿيو آهي، ميرن کي سنڌ موٽائي ڏيو!") جواب ۾ انگريز حڪومت جو ڪتو جواب: "ميرن سان انڌير ٿيو آهي، اها ڳالهہ اسان مڃي، پر هينئر سنڌ کي موٽائي ڏبي تہ اهو وڏو انڌير ٿيندو!") 1857ع واري وڳوڙ جا وچور جن مان هڪ مکيہ ڪارڻ اهو بہ هو جو هند سرڪار جيڪي بنگالي سپاهي سنڌ ڏانهن اُماڻيا هئا، اُنهن کي واعدي موجب ڀتو نہ ڏنو ويو هو. 1857ع ۽ 1858ع دوران سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر طرفان بمبئي سرڪار سان ڪيل لکپڙهہ جا تفصيل (جنهن ۾ بار بار چيو ويو تہ سنڌ ۾ سياسي بدامنيءَ جو انديشو آهي، فوري طور تي پئرا مليٽري فورس جا جٿا سنڌ اُماڻيا وڃن، ٻيءَ صورت ۾ ڪوبہ مهي ولوڙو مڇي سگهي ٿو). سنڌ جي مختلف ڪمشنرن جون سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن بابت لکيل رپورٽون، آنيڪ پارليامينٽري پيپر (1908ع کان 1947ع). جن جو واسطو سنڌ سان آهي.

### سنڌي ڪتاب:

"اِنڊيا آفيس لائبريريءَ" ۾ ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جا قلمي

نسخا، شاھ جو رسالو سنڌ بابت نهايت ئي املھ تصويرون ۽ برٽش دور ۾ بندش پيل سنڌي ڪتابن جو تعداد پڻ موجود آهي. ان ڪان سواءِ ميرن ۽ برٽش حڪومت جي وچ ۾ ڪيل لکپڙھ، 1857ع واري بلوي وقت سنڌ جي ڪمشنر جي بمبئي حڪومت سان لکپڙھ جا اصل دستاويزات منهنجي نظرن مان گذريا. اهو سمورو مواد ايڏو تہ دلچسپ ۽ معلوماتي آهي، جو راقم صبح جو لائبرريءَ جي رڪارڊ روم ۾ داخل ٿيندو هو ۽ شام جي بند ٿيڻ تائين اُن جو مطالعو ڪندو رهندو هو. 1858ع جي دور جي لکپڙھ جا ڪاغذات بوسيده ٿي چڪا آهن. هٿ لائڻ سان ڪاغذ جي زرداڻ هٿن ۽ ڪپڙن تي ٿي لڳي وڃي. پر مجال آهي، جو اهو اصل ڪاغذ ڪٿان ڳري وڃي. مقصد تہ هڪ هڪ شيءِ جي حفاظت آهڙن جديد طريقن سان ڪئي ويئي آهي، جو ٻہ سئو چاليھ ورهيہ پراڻا ڪاغذ جيئن جو تيئن محفوظ ٿي ويا آهن.

لائبرريءَ ۾ برٽش دور حڪومت ۾ بندش هيٺ آيل هندستان جي سمورين ٻولين جا ڪتاب موجود آهن، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو تعداد اُٺويھ آهي، جيڪي برٽش اِنڊيا جي حڪومت مختلف سالن ۾ ضبط ڪيا. اُنهن اُٺويهن سنڌي ڪتابن جا نالا ۽ تفصيل هن ريت آهن:

(1) "ڪميونسٽ، اين پي"، سنڌ ڪميونسٽ آف هندستان، ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ماهوار رسالو شمارو پهريون، نمبر 2 ۽ 3، 5 مئي، 5 جون، 1940ع، (لائبرريءَ ۾ ڪئٽلاگ نمبر سنڌي پي. پي. 18_17). هن ڪتاب ۾ هندستان اندر ڪميونسٽ پارٽيءَ جي انقلابي سرگرمين جون خبرون ڏنل آهن. مذڪوره ڪتاب ڪي انهيءَ ڪري ضبط ڪيو ويو جو ان ۾ شامل مواد ذريعي ماڻهن کي برٽش حڪومت خلاف هٿياربند جدوجهد ڪرڻ جي ترغيب ڏني ويئي هئي.

(2) "آزاد نارائڻ داس جي قومي گيتن جو ڪتاب"، جيڪو 1931ع ڌاري ضبط ٿيو. اهو ڪتاب ميرپور خاص جي رهواسي آزاد نارائڻداس جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

ڪتاب جا صفحا 31 آهن. جڏهن ته اهو ڪتاب حيدرآباد جي هڪ ڇاپخاني "حيدرآباد پارٽ پريس" مان ڇپرايو ويو هو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. _9)

(3) "آلاپ آزادي" (شاعري). 24 صفحن جو هي ڪتابڙو سنڌي ٻوليءَ جي جڳ پڌري انقلابي شاعر هوندراج "دکايل" جي شاعريءَ جو ڳٽڪو آهي. جيڪو هن 1930ع ۾ لکيو هو ۽ ساڳئي سال ضبطيءَ هيٺ آيو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي. 13)

(4) "قاسي گيت مالا" (شاعري). ليکڪ هوندراج "دکايل شاعريءَ جي هن ڳٽڪي ۾ هوندراج دکايل پنهنجا نظم موتي لال نهرو، تلڪ، ميران ٻائي ۽ ٻين انقلابي ۽ قومي اڳواڻن جي نانءَ ڪيا آهن. انهيءَ ڪري مذڪوره ڪتاب کي 1930ع ۾ ضبط ڪيو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي 13)

(5) "گانڌي گيت". حيدرآباد جي قومي ساهتيہ پون پاران ڇپرايل هيءَ ڪتابڙو 1930ع ۾ ضبط ٿيو. ضبطيءَ جو ڪارڻ ڪتابڙي ۾ شامل گيت آهن. جيڪي مهاتما گانڌي ۽ سوديشي هلچل نالي ارپن ڪيل آهن. (ڪئٽلاگ نمبر سنڌي پي. پي. 3)

(6) "گانڌي گلشن" (شاعري). حيدرآباد جي موهن داس اُڏارام جي ڇپرايل اَٺن صفحن جي هيءَ ڇوپڙي 1930ع ۾ اعتراض جوڳي شاعريءَ سبب ضبطيءَ هيٺ آئي. (ڪئٽلاگ نمبر سنڌي پي. پي. 4)

(7) "من موهن پيچرن واري" (شاعري) ٿرمل. ايسرداس جي 30 صفحن جو هيءَ ڪتابڙو پڻ اعتراض جوڳي انقلابي شاعري ڪارڻ 1931ع ۾ ضبط ڪيو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي. 6)

(8) "مهاراج ڪاليداس" (شاعري) گانڌي مالا حيدرآباد طرفان

10 صفحن جي هيءَ چوپڙي 1930ع ۾ ضبط ڪئي ويئي. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 11)

(9) "سُوراج جو سنيهو" (شاعري). ڪراچيءَ جي لاڏڪرام ۽ خوشيرام جو ڇپرايل 41 صفحن جو هيءُ ڪتاب 1930ع ۾ ضبطيءَ هيٺ آيو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي. )

(10) "تلڪ يادگار" (شاعري). ڪوٽڙيءَ مان نڪتل ڪرپالداس جو هيءُ ڪتابڙو 8 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن کي 1926ع ۾ ضبط ڪيو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 14)

(11) "اَڄ ڪلهه جو سڌارو" (ناول). گجراتيءَ ۾ سناتن ڌرم پرچار پارٽ 14 جو سنڌي ترجمو جيڪو هرومل پريمچند شرما ڪراچيءَ ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. 198 صفحن جو هيءُ ڪتاب 1915ع ۾ ضبط ڪيو ويو جڏهن ته ڪتاب جي اصلوڪي ليکڪ جو نالو هو چترويج نارائڻ جي ويشن جي. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 1)

(12) "ڏاراسڻ ڪهاڻي" (مضمون). نارائڻداس ليکراج جو لکيل هيءُ ڪتاب 36 صفحن تي مشتمل آهي، جڏهن ته ڪتاب ۾ "ستيہ گرهہ" تحريڪ دوران پوليس جي ظلمن جي اپٽار ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب 1920ع ۾ ضبط ڪيو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 15)

(13) "انقلاب زنده باد" (مضمون) هيءُ ڪتاب دوارڪا پرشاد جو لکيل آهي، جنهن کي انقلابي مضمونن سبب 1932ع ۾ ضبطيءَ هيٺ آندو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 15)

(14) ماهوار "هندو" جو "تلڪ نمبر"، آگسٽ 1931ع. هن ۾ لوڪمانيہ بال گنگاڌر تلڪ جي حياتيءَ بابت مضمون شامل آهن. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 12)

(15) "هندو ستيہ" ماهوار رسالو سپيٽمبر، ....ع. سکر مان نڪتل

انهيءَ رسالي کي انهيءَ ڪري ضبط ڪيو ويو جو ان ۾ پنڊت چندر گپت جو مضمون "جناح کي جواب" شايع ٿيل هو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 20)

(16) "بندي جيون" ـ سنيل سچندرناٿ جي لکيل هن چوپڙيءَ ۾ 1915ع ۾ هلايل ستيہ گرهہ تحريڪ بابت مواد ڏنل هو ان ڪري هن کي 1930ع ۾ ضبط ڪيو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 8)

(17) "بندي جيون"، شمارو 2 (1930ع) ۾ شايع ٿيل انهيءَ ڪتاب ۾ ڀارت جي انقلابي اڳواڻن کي ڀيٽا ڪيل آهي. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 7)

(18) "خونين جو ڪوڪٽ". ليکڪ شاهنواز جمال الدين پيرزادو. 1940ع ۾ هن ڪتاب کي انهيءَ ڪري ضبط ڪيو ويو جو ڪتاب ۾ ليکڪ اهو ڄاڻايو هو تہ پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگريز جارج هئا. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 99)

(19) "ڏاراسڻ". 47 صفحن جو هي ڪتاب ستيہ گرهہ تحريڪ بابت لکيو ويو جنهن کي 1930ع ۾ اعتراض جوڳي مواد سبب ضبطيءَ هيٺ آندو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي. پي. 5)

انهيءَ کان سواءِ انڊيا آفيس لائبريءَ جي قيمتي ڪتبخاني ۾ انهن بندش هيٺ آيل ڪتابن کان سواءِ ڪيترا ضبط ڪيل سنڌي پوسٽر پڻ موجود آهن. جن مان هڪڙو پوسٽر "برٽش سلطنت برباد! اهڙي خوخوار جنگ ۾ حڪومت جي مدد ڪرڻ گويا ملڪ سان غداري ڪرڻ!" جي عنوان سان منهنجي نظر مان گذريو. اهو پوسٽر 1940ع ڌاري ٻي مهاڀاري لڙائي هلندي شايع ڪيو ويو جنهن کي ساڳئي سال ضبط ڪيو ويو. لائبريءَ ۾ رکيل انهيءَ پوسٽر جو ڪئٽلاگ نمبر پي. پي. سنڌي 139 ـ اي ـ 6 آهي.

"انڊيا آفيس لائبريءَ" جي ڪتبخاني ۾ سنڌي ٻوليءَ جا نهايت اڻلڀ قلمي نسخا پڻ موجود آهن. جيڪي سي 72 کان 87 نمبرن هيٺ رکيل آهن. ۽ انهن جي ترتيبوار فهرست هن ريت آهي:

سي 72: "شاهہ جو رسالو" (ڪيٽلاگ ايمر. ايس. ايس. سنڌي 3)
سي 73: "تفسير هاشمي". (ايمر. ايس. ايس. 1)
سي 74: "بياض اسلامر" (ايمر. ايس. ايس. 2)
سي 75 فاضل.
سي 76: محمد هاشمر جا ٻہ ورق.
سي 77: فرائض اسلامر.
سي 78: مطلب المومنين.
سي 79: حيات الدنيا.
سي 80: مطلب المونين.
سي 81: چار اسلامي نظمر.
سي 82: چار اسلامي نظمر
سي 83: حضرت محمد جن تي هڪ نظمر.
سي 84: ڪنزالعبرت.
سي 85: سورة ياسين.
سي 86: قصو حضرت يوسف زليخا.
سي 87: قصو حضرت يوسف زليجا.

انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو بہ ڪوڙ سارو قيمتي تاريخي مواد اُتي موجود آهي، پر سنڌ جي تاريخ، سياست ۽ ادب تي ڪمر ڪندڙ سنڌي محققن مان جن عالمن هن نادر ڪتبخاني مان استفادو حاصل ڪيو انهن ۾ فقط ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، جناب ايمر. ايڇ. پنهور ۽ محترمہ ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبہ شامل آهن. بقول منهنجي دوست ۽ انڊيا آفيس لائبرريءَ جي هلندڙ چرندڙ انسائيڪلوپيڊيا عاشق بٽالوي (هاڻي تازو گذاري ويو آهي!) جي تہ پاڪستان مان بنهہ گهٽ عالمر هتي لائبرريءَ مان مستفيض ٿيا آهن. بهرحال 1843ع کان وٺي 1947ع تائين سنڌ جي اقتصادي توڙي سياسي حالتن بابت "اِنڊيا آفيس لائبرريءَ" ۾ موجود قيمتي ۽ نادر دستاويزات جي پڙهڻ کان سواءِ سنڌ ۾ ويهي ڪتاب لکڻ هرگز ممڪن ڪونهي. سنڌ جو برٽش دور حڪومت وارو عرصو هڪ

عجيب ۽ ڪڏهن بہ نہ وسرندڙ حصو رهيو آهي. سنڌ جا ماڻهو 1843ع ۾ پنهنجي آزادي وڃائڻ کان پوءِ سمورو عرصو برٽش حڪومت کان نفرت ڪندا رهيا. تہ انگريزن بہ 1843ع کان وٺي 1947ع تائين سنڌ جي ماڻهن تي ڀروسو اعتبار نہ ڪيو ۽ شروع کان وٺي 1957ع جي جنگ آزاديءَ وقت بہ سنڌ کي "شورش زده" پرڳڻو سمجهندا رهيا. انهيءَ سلسلي ۾ ڪتبخاني ۾ موجود 1843ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ سر چارلس نيپئر جا لکيل خط توڙي سنڌ جي ڪمشنر پاران .سيڪريٽري ٽو گورنمينٽ آف انڊيا" کي 15 آڪٽوبر 1858ع تي ڪيل لکپڙهہ بہ پڙهڻ جي قابل آهي. آزاديءَ کان اڳ ۾ آزاديءَ واري هلچل ۾ سنڌ جي ڪيل مثالي خدمتن تي افسوس تہ سنڌ توڙي پارت ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪوئي جامع ۽ مستند ڪتاب نہ لکيو ويو آهي، جنهن جو هڪ ڪارڻ اهو بہ آهي تہ ڪنهن بہ محقق سنڌ جي سياسي تحريڪن بابت انڊيا آفيس لائبرريءَ جي ڪتبخاني تائين وڃڻ جي زحمت ئي گوارا نہ ڪئي آهي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ اسان وٽ اُهي وسيلا ئي ميسر ڪونهن، جو ست سمنڊ پار تحقيق ڪرڻ لاءِ لنڊن ڪهي وڃون. ان سلسلي ۾ سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٻيا ادارا مائڪرو فلمون پاڻ وٽ گهرائي رکن، تہ هوند سنڌ جي عالمن ۽ دانشورن لاءِ وڏي سهوليت حاصل ٿي سگهي. باقي لنڊن جهڙي مهانگي شهر ۾ ذاتي خرچ تي وڃي تحقيق ڪرڻ لاءِ نہ اسان جا مالي وسيلا اهڙي اجازت ٿا ڏين، نہ وري اسان وٽ ڪوئي اهڙو دولتمند ادارو ئي موجود آهي، جيڪو عالمن ۽ محققن کي اها سهوليت فراهم ڪري ڏئي.

## Books Referred:


1. "Catalogue of Portraits in the India Office Library and Records"_ by: Pauline Rohatgi.
2. "A Guide to India Office Library with a note on the Office Record"_ by: Scsutton.
3. "Day Book" from 1806 to 1910.
4. "The India Office Library_ A Historical Sketch" – byL A.j. Arberry.
5. "India Office Library and Records".

6. Indians Overseas: A guide to source material to the India Office Records for the study of Indian Immigration 1830_ 1930"_ by: Timothy N. Thomas.
7. "A General Guide to the India Office Records"_ by: Martin Moir.
8. "The Source of the British Library"_ by: Nicolas Barher.
9. "Indian Paintings in the British Library"_ by: J. B Losty.
10. "Hand list of Persian Manuscripts_ 1895_ F 166"_ by: G.M. Mere Dith_ Owens.
11. "Catalogue of the Library of the India Office" Vol. 2 (Oriental Languages).
12. "The Indian Mutiny" 1857_58_ A guide to source material in the India Office Library and Records"_ By: Rosemary Setoh.
13. "Annual Reports of the India Office Libarary and Records and Oriental Collections".
14. "Catalogue of the Punjabi and Sindhi Manuscripts in the India Office Library"_ By: Christopher Shackle.

(مهراڻ گولڊن جبلي نمبر 2006ع)

# لنڊن جي برٽش لائبرريءَ ۾ محفوظ سنڌي ڪتاب

انگلنڊ جي نئشنل لائبرري سن 1972ع ۾ برپا ڪئي وئي آهي، ۽ عام طور ان کي ”برٽش لائبرري“ سڏيو ٿو وڃي. لنڊن ۾ ان جون چار شاخون آهن. مکيہ شاخ رسيل اسٽريٽ ۾ برٽش ميوزم جو حصو آهي. ٻي شاخ ’ڊپارٽمينٽ آف اورينٽل مئنيوسڪرپٽ ائنڊ پرنٽيڊ بوڪس‘ (OMPB) ميوزم جي ويجهو ئي اسٽور اسٽريٽ ۾ آهي. هن ۾ ايشيائي ٻولين جا ناياب قلمي نسخا ۽ ڪتاب محفوظ رکيا ويا آهن.

برٽش لائبرريءَ جي ٽين شاخ ’انڊيا آفيس لائبرري ائنڊ رڪارڊس‘ (IOLR)، ٿيمس نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي بلئڪ فريئر روڊ تي آريٽ هائوس ۾ آهي. ورهاڱي کان اڳ هيءَ لائبرري هند سرڪار جي ملڪيت هئي. هند۔ پاڪ سرڪارن طرفان ڪنهن هڪ ناهہ تي نہ اچڻ سبب، هن لائبرريءَ جي مالڪي برٽش سرڪار هڙپ ڪري، ان کي برٽش لائبرريءَ ۾ جذب ڪري ڇڏيو. چوٿين شاخ ائڊلوِچ (پارٽ جي هاءِ ڪميشن ويجهو) بُش هائوس ۾ آهي. هن شاخ ۾ اخبارن ۽ مئگزنن جي لائبرري، رڪارڊ ۽ ريفرنس روم آهي.

برٽش لائبرري دنيا جي هڪ وڏي ۾ وڏي لائبرري آهي، جنهن ۾ هڪ ڪروڙ کان مٿي ڪتاب، 110 ميل ڊيگھہ وارن تاڪن تي رکيل آهن. سال بہ سال هن لائبرريءَ ۾ ڏهن لکن ڪتابن جو اضافو ٿئي ٿو. ساڍا اٺ لک پڙهندڙ هر سال هن لائبرريءَ جو فائدو وٺن ٿا.

برٽش ميوزم اندر 106 فوٽ اوچي ۽ 128 فوٽ قطر واري گول گنبذي ڇت واري لائبرريءَ ۾ هڪ هزار سنجيده پڙهندڙ سانتيڪائيءَ سان پنهنجي پنهنجي موضوع جي اڀياس ۾ رُڌل آهن. ڪارل مارڪس سالن جا

سال نورنچوئي هتي ئي 'داس ڪئپيٽال' ڪتاب لکيو. مارڪس کان سواءِ لينن، گبن، سروالٽر اسڪاٽ، مئڪالي، چارلس ڊڪنس، ڪار لائيل، ٿئڪري ٿامس هارڊي ۽ جارج برناڊشا، هن لائبرريءَ جا نيمائتا پڙهندڙ شماري سگهجن ٿا.

منهنجي درخواست داخل ڪرڻ بعد ترت لائبرريءَ جي اختياريءَ وارن منهنجي پاسپورٽ سان گڏ، منهنجي سنڌي ليکڪ ۽ "رچنا" مئگزن جي ايڊيٽر هئڻ جي تصديق ڪري، مون کي هڪ شناختي ڪارڊ منهنجي فوٽي سان گڏ تيار ڪري ڏنو. جنهن بعد هن پرواني سان برٽش لائبرريءَ جي ڇهني شاخن ۾ آءٌ بنا روڪ ٽوڪ جي اچي وڃي سگهيس ٿي، ڪوبہ ڪتاب، رڪارڊ، قلمي نسخو اُتلائي سگهيس ٿي يا ٽپال ذريعي گهر ويٺي گهرائي سگهيس ٿي. لائبرريءَ طرفان ميسر ڪيل ان سموري سهوليت لاءِ مون کي پنهنجي هڙان هڪ بہ پينس خرچڻ جي ضرورت نہ پئي.

در تي بيٺل پهريدار کي شان سان اهو رُقعو ڏيکارڻ بعد، پهريون پيرو هن گول گنبذ واري لائبرريءَ ۾ گهڙڻ شرط مون کي جيڪو رومانوي احساس ٿيو اهڙو بڪنگهام پئليس اندر گهڙڻ سان بہ نہ ٿئي ها. گول گهر جي مرڪزي گهيري ۾ فهرستي ڪارڊن جا ڪبوتر خانا (Pigeon holes) آهن ۽ مرڪز کان ٻاهرئين گهيري طرف ويندڙ آڏيون ترڇيون ميزون ڪرسيون وڇايل آهن، جن تي نمبر لکيل هئا. مون بہ پنهنجي لاءِ هڪ ميز محفوظ ڪري، فهرستي ڪارڊ ۾ سنڌ جي سِري هيٺ انگريزي ڪتاب ڳولڻ شروع ڪيا (سنڌي ڪتاب ٻين شاخن ۾ آهن).

راءِ بهادر ديوان بولچند (ڏيارام چيٺمل جو فرزند) جي لکيل 'سنڌ جي تاريخ'، سر رچرڊ برٽن جا لکيل سنڌ تي ڪتاب 'سنڌ ڏ ان هئپي وئلي'، 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسيل قومون'، 'سنڌ جو ٻيهر سفر'، 'سنڌو ماٿريءَ ۾ پکيءَ جي شڪار کيڏڻ جي راند' ۽ ٻيا پنج ڪتاب، جرمن ۽ فرينچ ٻولين ۾ سنڌ تي نظر اچن ٿا، جن جا نالا پنهنجي ڪاپيءَ ۾ اُتاري ورتم. سوچيم تہ ڪن سنڌي ليکڪن جا بہ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب هٿ هئڻ گهرجن. ساڌو واسواڻيءَ جو نالو ذهن تي تري آيو. ليڪن جي فهرست

۾ 'وي' هينان واسواڻي ڳوليم. هڪ ڪارڊ نظر آيو جنهن تي ڇپيل هو 'ڏسو ٿانورداس ليلارام' ۽ برابر 'ٿي' (T) هيٺ **ٿانورداس ليلارام** جا سڄا سارا ويهه ڪتاب نظر آيا، جن ۾ گهڻا سن 22۔ 1921ع جا مدراس ۾ ڇپيل هندو فلاسافيءَ سان واسطو رکندڙ هئا. مٿو ڪنهڻ سان ٻئي سنڌي ودوان **ڏيارام گدومل** جو نالو ذهن تي تري آيو. برابر 'ڊي' (D) اکر هيٺ هن جي نالي سان چوڏهن ڪتاب درج ٿيل آهن. سندس لکيل 'بهرام جي ملباريءَ جي جيوني (سوانح)' لنڊن مان انگريزيءَ ۾ سن 1888ع ۾ شايع ٿي آهي ۽ فرينچ ۾ سن 1898ع ۾ پئرس مان شايع ٿي آهي. 'هندستان ۾ عورت جو درجو' 'عورت خلاف ست گناهه'، 'هيرانند سِنڌ جو روح' سري مان سندس لکيل ساڌو هيرانند جي جيوني (سوانح) ۽ گرديال ملڪ جي لکيل سندس (ڏيارام گدومل جي) جيوني (سوانح) ڪتاب نظر آيا.

سنڌ بابت هيترا سارا ڪتاب ڏسڻ بعد اِرادو پڪو ٿيندو ويو ته هن ڪان پوءِ ريل ڇيل لنڊن جون بازارون، رستا ڪڇڻ ۽ ذهني لوفرپڻي ڪي تياڳي، پنهنجو ڌيان هنن ڪتابن تي مرڪوز ڪندس.

هيءَ لائبرري اسان جي رهائش گاهه کان صرف 20 – 15 منٽن جي فاصلي تي آهي. هن کان پوءِ فرصت جو وقت هٿ ئي اچي، هنن ڪتابن جي صحبت ۾ گهارڻ جو فيصلو ڪيم. پهريون ڪتاب **رچرڊ برٽن** جو 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسيل قومون' لنڊن مان 1851ع ۾ شايع ٿيل ڏٺم. ڪتاب جي صفحي 83 تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ جو مختصر احوال ڏنل آهي.

**ڏيارام گدومل** 'سگما' جي تخلص هيٺ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو هو. 'سمر ٽنگ ابائوٽ سنڌ'. 1882ع ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب ۾ سندس شاهه جي شاعريءَ جي اونهي پرک ڪرڻ وارو عالماڻو مضمون درج ٿيل آهي. ڪاش هيءُ مضمون ۽ سندس لکيل 'ساڌو هيرانند' جي جيوني ۽ گرديال ملڪ جي لکيل ڏيارام گدومل جي جيوني سنڌيءَ ۾ به ترجمو ٿي ڇپجن. ته جيئن ايندڙ پيڙهين کي به سنڌ جي هنن ٻن اعليٰ شخصيتن جي ڄاڻ پوي ۽ کين فخر جو احساس ٿئي.

هن لائبرريءَ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي گولڊن جوبلي تقريب (1887 ـ 1937ع) جي موقعي تي شايع ٿيل ۽ پروفيسر لالسنگ اجواڻيءَ جي مرتب ڪيل يادگار ۽ سنڌ تاريخي سوسائٽي ۽ سنڌ نئچرل هسٽريءَ جا بہ ڪي جلد نظر آيا.

**اسٽور اسٽريٽ واري لائبرري:**

برٽش ميوزم جي ويجهو ئي اسٽور اسٽريٽ جي هڪ عمارت جي ٻي منزل تي ڊپارٽمينٽ آف اورينٽل مئنيو اسڪرپٽ ائنڊ پرنٽيڊ بوڪس OMPB آهي، جنهن جي انچارج شريمتي گهوش نهايت ئي مهذب، وڻندڙ سڀاءَ واري، هروقت مرڪندڙ شخصيت جي مالڪڻ آهي. سندس ئي بنگالي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائي سگهڻ جي سهوليت ميسر هئڻ سبب، جلد ئي هن سان پنهنجائپ وارو رشتو ڳنڍجي ويڻ سڀاويڪ هو. هن سيڪشن جي لائبرري ننڍي آهي، جنهن ۾ ويهارو ڪن ايشيائي ٻولين تي تحقيق ڪندڙ ايراني، عرب، يهودي ۽ ڪي چيني، جاپاني، انڊونيشائي عالم قلمي نسخن ۾ اکيون کپائي ويٺا هئا. پنهنجي پنهنجي ٻولين جي ادب جي کوجنا ڪرڻ لاءِ پنهنجا گوڏا کوڙي ويٺل هنن عالمن فاضلن کي ڏسي، مون کي پنهنجي سطحي پڙهي ۽ کوکلي پڙهي تي شرم آيو. ڪرشن کٽواڻيءَ جي خط جي هنن لفظن مون تي چٽرون ڪيون. 'تون اِتي رهندي شاهہ جا ڪي اڻ چٽا يا اڻ ڇاتل پهلو ڇاڻي سگهين تہ ڪوشش ڪج. مثال طور سندس شخصي زندگي يا سندس پنهنجي شعر ڏانهن رُخ يا سندس گهومو زندگيءَ بابت سندس ڪي 'تاثرات'. ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ شاهہ جهڙي شاعر جي کوجنا ۾ ودوان سڄيون زندگيون گهارين ها.'

ها، هت واقعي شيڪسپيئر جي شاعريءَ ۽ ناٽڪن تي لکندي عالمن پنهنجون زندگيون ڳاري ڇڏيون آهن. شيلفن تي هزارين تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب اُن جي شاهدي ڏا ڏين. ليڪن مان بہ خود اُنهن سهوليت پسند ليکڪن جي صف مان آهيان، جيڪي بنا ڪنهن محنت ۽ جاکوڙ جي جلد بہ جلد شهرت ميڙڻ جا ڪوڏيا آهن. هت پنهنجي تحقيق لاءِ ڪو هڪ موضوع مقرر ڪرڻ بجاءِ مون صرف مٿاڇري نموني جهونن سنڌي

قلمي نسخن ۾ اوائلي ڇپيل ڪتابن جا پنا اُٿلايا ته جيئن انهن جا صرف نالا ڳڻائي، ادبي دنيا ۾ پاڻ کي سرخرو ڪري سگهان.

هن لائبرريءَ ۾ سنڌيءَ جا يارهن قلمي دستخط موجود آهن. جن ۾ سڀ کان اهم شاهه جي رسالي جو قلمي نسخو آهي. ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ شاهه جي رسالي جي ٻئي ۽ چوٿين جلد کي ترتيب ڏيڻ لاءِ هن برٽش ميوزم واري قلمي نسخي جي مدد ورتي هئي (هن صاحب 1926ع کان 1928ع واري عرصي ۾ لنڊن اچي "اٺويهين صديءَ جي انگريزي شاعريءَ ۾ تصوف" موضوع تي ٿيسز لکي، لنڊن يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪئي هئي. اها ٿيسز هن سال سنڌس ڌيءَ شريمتي گُلي ڪرپالاڻيءَ پوني مان ڇپائي آهي) شاهه جي رسالي جا پهريان ٻه جلد هن لنڊن اچڻ کان اڳ 1922 ـ 1925ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا هئا. ٽيون جلد 1931ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ چوٿون جلد اڄ تائين ڇاپي ۾ نه آيو آهي، اُن جو ماڳهين دستخط ئي گم ٿي ويو. شاهه جي رسالي جي ٽئين جلد جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ چيو ته 'هن ۾ اينڊڙ چوٿين جلد ۾ برٽش ميوزم لنڊن واري مشهور قلمي نسخي ۾ آيل پڙهٽيون ڏنيون ويون آهن. اهو نسخو ارڙهين عيسوي صديءَ جي آخر ڌاري شاهه صاحب جي وفات کان قريب چاليهه ورهيه پوءِ لکيو ويو هو جنهن ڪري سندس پڙهٽيون صحيح ۽ مستند آهن. ڌاريو ڪلام، جو رسالن جي رواجي نسخن ۾ گهڙي پيو آهي، تنهن جو ڪجھ حصو هن نسخي ۾ اصل آهي ئي ڪونه'

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به ڪجهه سال اڳ لنڊن اچي برٽش ميوزم ۽ انڊيا آفيس لائبرريءَ ۾ رکيل شاهه جي رسالن کي پيٽي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو ته 'غالباً هي ٻه ئي قلمي نسخا ڪڇ جي پاسي جا لکيل آهن. انهيءَ گمان جي تصديق پوءِ گل محمد جت (جيڪو اصل ڪڇ جو پر پاڪستان قائم ٿيڻ بعد سنڌ ۾ لڏي آيو) سان ڪچهري ڪندي پڻ ٿي، جو گل محمد فقير چيو ته 'عثمان راهمون. (ويڙل ڪوٽڙي مڙهه وارو تعلقو لکپت. رياست ڪڇ) وٽ هڪ قلمي رسالو مون ڏٺو هو. جنهن ۾ ليلان چنيسر جو سر ان ساڳيءَ بيت 'ڍڪڻ مٿي ڍول جا' سان ٿي شروع ٿيو. جيئن

هن رسالي ۾ آهي'.

ڊاڪٽر بلوچ جي مٿئين انومان جي صحيح هئڻ جي هڪ ٻي ثابتي اها بہ ڏئي سگهجي ٿي تہ برٽش لائبرريءَ جا هي قلمي دستخط بہ ڪڇ جي ڀنيءَ پاسي کان هٿ ڪيا ويا آهن ۽ ڪن دستخطن هيٺان ڪاتبن پنهنجا نالا ميان حفيظ شاهہ ۽ علي محمد سومرو يج (ڪڇ) ڄاڻايا آهن. ان مان اهو بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪڇ جا ڳوٺ اڄ بہ سنڌي ادب جي کوجنا ڪندڙن لاءِ بهترين شڪار گاهہ ثابت ٿي سگهن ٿا.

برٽش ميوزم واري هن 'شاهہ جي رسالي' جي قلمي نسخي کي موجوده صورتخطيءَ ۾ مرتب ڪري، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز پٽ شاهہ طرفان سنڌ ۾ شايع ڪيو ويو آهي، اهو دستخط هوندئن اڌپورو آهي، جو اُن ۾ 28 سُر آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ طرفان جرمنيءَ جي ليپزگ شهر مان سن 1866ع ۾ ڇپايل رسالي ۾ 25 سُر ڏنل آهن. پئسي جي کوٽ سبب ٻيا ڪيترائي سُر، سُر مارئيءَ سميت هن جلد ۾ ڪونہ آيا آهن (مقدمہ لطيفي). قاضي ابراهيم طرفان 1867ع ۾ مرتب ڪيل بمبئيءَ واري ڇاپي ۾ 36 سُر آهن. حيدرآباد مان سن 1900 تاراچند شوقيرام طرفان ڇپايل رسالي ۾ 27 سُر آهن. ڪلياڻ آڏواڻيءَ طرفان مرتب ڪيل رسالي ۾ ٽيهہ سُر آهن.

برٽش ميزم خواه انديا آفيس لائبرريءَ وارا قلمي نسخا سُر سَسئيءَ سان شروع ٿين ٿا، ڀنهي جو پهريون بيت:

پرتوو پنهونءَ جو جهڙ جئن جهالا ڏئي،
آءُ تنهن آريءَ کي، وٺيو راهہ رئان گهٽو'.

ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مرتب ڪيل رسالي ۾ سُر ڪوهياريءَ جي داستان چوٿين ۾ آيل يارهون بيت آهي.

ٻيا جيڪي بہ قلمي نسخا مٿين ڀنهي لائبررين ۾ موجود آهن، اُهي سڀ اسلامي مذهبي ڪتاب آهن. سڀ عربي فارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهن. انهن ۾ مکيہ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو لکيل 'فرائض الاسلام' آهي، جنهن ۾ اسلام جا 1272 فرض ڄاڻايل آهن. اهو 21ـ 1720ع ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي. هڪ دستخط ۾ امام حسن ۽ حسين رضہ جي

شهادت جو احوال ۽ شاه جا ست بيت درج ٿيل آهن. هڪ دستخط مذهبي آيتن جو خوجڪي سنڌيءَ ۾ پر گجراتي صورتخطيءَ ۾ موجود آهي، جيڪو 53_ 1852ع ۾ ڏهيسر نالي ڪاتب، عبدالله رامجيءَ جي گذارش تي قلمبند ڪيو آهي.

**سنڌي نثر جي شروعات:**

هر ٻوليءَ جي ادب جي شروعات شعر سان ٿي آهي. پيڙهي در پيڙهي زباني روايت موجب شعر قائم رهي ٿو ۽ اُن کي ياد ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي، ان ڪري ئي شروعاتي شعر ڳائڻ لاءِ ڇند وديا تي ٻڌل، موزون شاعريءَ ۾ رچيو ويو آهي.

صورتخطيءَ جي ايجاد ٿيڻ بعد ئي هر ٻوليءَ ۾ نثر جو آغاز ٿيو. سنڌيءَ جي موجوده نئين سر تشڪيل ڏنل آئيوٽا سن 1853ع ۾ بحال ٿي ۽ لڳ ڀڳ اُن وقت کان ئي نثر جي شروعات ليکجي ٿي.

سنڌيءَ ۾ سڀ کان اول "**بائيبل**" جو ئي ترجمو ٿيو آهي. 1819ع ۾ شري رامپور (بنگال) مشن طرفان بائيبل جو ملتاني ٻوليءَ ۽ ديوناگري (هٽ واڻڪن اکرن جي ملاوت واري) صورتخطيءَ ۾ ڇپيل هٿ موجود آهي.

ان کان پوءِ سڄا سارا يارهن انجيل متي (مٿئيوز)، يوجن (سينٽ جان)، لوقا (لوڪس)، مرقس (سينٽ مارڪ) جا سنڌي زبان ۾ پر ديوناگري، عربي ۽ گرمکي لپيءَ ۾ 1850ع کان 1890ع واري عرصي ۾ لنڊن، بمبئيءَ ۽ ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. اهي سڀ هن اورينٽل لائبرريءَ ۾ موجود آهن.

سن 1850ع ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ طرفان بمبئيءَ مان ديوناگريءَ ۾ ڇپايل انجيل مان ٻه پڙهٽيون هت ڏجن ٿيون:

'سرير جي جوت اک آهي، تنهنڪري جي تنهنجي اک صاف هوندي ته تنهنجو سڄو سرير جوت ڀريل رهندو پر جي تنهنجي اک بڇڙي هوندي ته تنهنجو سڄو سرير اونده ڀريل ٿيندو.'

'ڪوئي ماڻهو ٻن ڌڻين جي نوڪري ڪري نٿو سگهي. جو هڪڙي سان وير رکندو ۽ ٻئي سان پريت ڪندو هڪ جو آدر ڪندو ٻئي کي

ڪين ليکيندو تيئن اوهين خدا ۽ مايا جي نوڪري ڪري نٿا سگهو.'

ڪئپٽن اسٽيڪ جي ئي لکيل سنڌي گرامر پنيان ضميمي ۾ ڏنل "آڪاٽي راءِ ڏياچ" جي، جيڪا ديوناگري اکرن ۾ سن 1849ع ۾ ڇپي آهي، سا اڄ تائين سڀ کان آڳاٽي هٿ آيل سنڌي لکٽي مڃي وڃي ٿي.

هن لائبرريءَ ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جا لِٿو تي ڇپايل اٽڪل پنجاهہ کن ڪتاب موجود آهن. اهي سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر بي. ايچ. ايلس صاحب بهادر جي حڪم سان منشي ننديرام ميراڻي، منشي اُڌارام ٿانورداس، سيد ميران محمد شاهہ، مٽياريءَ واري، غلام حسين ولد محمد قاسم ٻين ٻولين تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن. ديوان ڪوڙي مل چندن مل ٻين ڇاپڻ لاءِ انهن کي سڌاري ڇپارايو. پنڊت ڪرشن دت ٻنسي ڌر جا هيٺيان ڪتاب، هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن: 'پنيي زميندار جي ڳالهہ' مترجم سيد ميران محمد شاهہ 1856ع، 'سدا توري ڪدا توري جي ڳالهہ' (1861ع)، مترجم سيد ميران محمد شاهہ ۽ "سنساري نروار (1861ع) مترجم نندیرام ميراڻي.

سنڌي نثر جي ان اوائلي دؤر ۾ گھڻي کان گھڻا ڪتاب منشي اُڌارام ٿانورداس قلمبند ڪيا آهن. سنڌي پهريون ۽ ٻيون ڪتاب، سنڌي گرامر، ايسپ جون آکاڻيون، انهن جا ست ست ڇاپا موجود آهن. تنهن کان سواءِ سندس ڪيترائي ترجمو ڪيل خواه دليان جوڙيل ڪتاب آهن: 'وهئين ۽ وِلهيي جي آکاڻي' (1860ع)، 'سنڌي طوطي نامو' (1862ع)، 'دلپسند آکاڻيون' (1869ع)، 'قصو مهر منير ۽ بدر منير جو' (1871ع)، 'قصو ڪام سين ۽ ڪامروپ جو'، 'ڳالهہ دودي چنيسر جي'، ٻہ ئي شعر ۾ (1881ع) ۽ نولراءِ شوقيرام آڏواڻيءَ سان گڏ جانسن جي ڪتاب 'راسيلاس' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو (1881ع).

انهيءَ ئي دور جا ٻيا ڪتاب آهن، منشي نندیرام ميراڻيءَ جا ترجمو ڪيل ڪتاب "بابنامو" سنڌي پرائيمر (1854ع)، 'سڪائتو نروار' (1860ع)، ڪوڙي مل چندن مل جا "ڪولنبس جي تاريخ" (1862ع)، 'پڪو پهہ' (1879ع)، 'اُپديش' (1871ع)، راءِ صاحب

نارائڻ راءِ ڄڳننات، سنڌ جي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جو ’سنڌ جو نروار‘ (1868ع)، ديوان ڪيولرام سلامترا آڏواڻيءَ جو ’سوڪڙي ڳالهين جي‘ (1865ع)، پريتمداس حڪومتراءِ جو ’عجيب پيٽ‘ (1873ع)، گرداس مل ٿانورداس جو ’بيتال پچيسي‘ (1875ع)، جهٺمل نارومل جو ’سنڌي وئتپتي ڪوش‘ (1886ع)، احمد خان جو ’چار درويش‘ (1893ع)، روچيرام گجومل جو ’سنڌي پهاڪا‘ (1895ع).

سيد ميران محمد شاهه طرفان هنديءَ مان ترجمو ڪيل ’مفيد الصبيان‘ (1861ع) ۾ ڏنل هڪ آکاڻي هن ريت آهي:

’پنجن ستن سپاهين ڪنهن جاءِ ۾ ويٺي پاڻ ۾ ٺٺاڪ هنئين. ڪنهن ٿي چيو تہ مون چار گهاءَ کاڌا آهن ۽ ڪنهن چيو تہ مون پنج. اٿين سڀ ڪنهن پنهنجي وڙهڻ ۽ ڦٽجڻ جون ڳالهيون ٿي ڪيون. انهن وٽ هڪ پوڙهو چرچائي ويٺو هو. چوڻ لڳو تہ 'يارو! جوانيءَ ۾ اسان سوين ويڙهون ڪيون ۽ سهسين ڌڪ کاڌا. اٿين جو بُت ۾ تر جيتري جاءِ ڪٽي ڪانہ بچي. اسان اڳيان هاٿي ڪو چا وڙهندو ۽ چا ڦٽبو.‘

ايتري ڳالهہ ٻڌندي ٿي اُن مان هڪ جوان ڏمرجي چيو تہ ’پريا مڙس، ڪپڙا لاهہ تہ اسين بہ ڏسون تہ اوهان ڪهڙا ڌڪ کاڌا آهن‘. اُن ڪلي چيو تہ ’ميان ڳيوڙ هينئر نہ اُهو زمانو رهيو، نہ اُهي ڏينهن رهيا، نہ اُها جواني رهي، نہ اُها ڦڙتي رهي، نہ اُهو بت رهيو هينئر چا ڏسندا؟‘ ايترو چئي ماٺ ڪيائين.

**سنڌي شعر جا ڪتاب:**

هن لائبرريءَ ۾ هيٺان سنڌي شعر جا ڪتاب نظر اچن ٿا:

خليفي گل محمد ”گل“ جو ’ديوان گل‘ (1859ع)، جنهن جو شعر: ’دور دنيا جي مٿي اي دل! ڪئين آيا ويا‘ نهايت مشهور آهي.

آخوند محمد قاسم ولد نعمت الله جو ’ديوان قاسم‘ (1878ع)، فاضل

شاهہ ولد حيدرشاهہ طرفان گڏ ڪيل ڪافين جو ڪتاب (1883ع). ۽ سندس ئي لکيل 'ميزان شعر' (1883ع) جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏوهيڙن جوڙڻ جي ريت ٻڌائي وئي آهي. انهن کان سواءِ لعلو ڀڳت جو 'ڪامسين ۽ ڪامروپ جو قصو (1869ع). آخوند عبدالرحمان جو 'سسئي پنهون' (1874ع) خليفي نبي بخش جو سرائيڪيءَ ۾ 'سسئي پنهون' (1876ع). آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جو 'عمر مارئيءَ جو قصو' (1871ع). ميان عبدالله جو شهادت جو قصو ۽ عمر جو قصو (1872ع)

**ٻيا ناياب ڪتاب:**

سن 1958ع ۾ جرمن عالم پادري ارنيسٽ ٽرمپ لنڊن مان ٻن صورتخطين ۾ هڪ 'سنڌي ريڊر' نالي ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. ساڄي طرف کان 'عربي' صورتخطيءَ ۾ ڪي سنڌي آکاڻيون ۽ مينگهي ڀڳت جا ڏوهيڙا ڏنل آهن. انهن مان هڪ نموني طور هت ڏجي ٿو.

جڏهن خوديءَ جو ٿئي خيال، هيئاهون حليم ٿيءُ،
هن خوديءَ سڀ خراب ڪيا، اٿئي ڪينو وڏو ڪال،
نئڙت منجهہ نهال، تون البت ٿيندين آدمي.

هن ڪتاب جي کابي طرف کان 'ديوناگري' صورتخطيءَ ۾ پهريان چاليهہ صفحا بائيبل جون ساکيون ۽ پوءِ سورٺ جا ڏوهيڙا ڏنل آهن. انهن مان هڪ مثال طور هت ڏجي ٿو:

'نالو سورٺ نڱيو تنهن جو ڀڳوَن رکج ڀرم،
راجا سنڌي روح ۾، ڪو جو گوندر غم،
اُتي هوند هڇا نہ ڪري، جنهن جي من اندر ڀرم،
داناءَ هٽي دم، ڪڙم قبيلو ڪونيو.'

سرڪار طرفان سنڌيءَ جي نئين عربي صورتخطي بحال ٿيڻ بعد پهريون ڪتاب 'قصو سسئي ۽ ڄام پنهونءَ جو' لنڊن جي پريس مان 1862ع ۾ هڪ طرف سنڌيءَ ۾ ۽ ٻئي طرف ان جو ترجمو انگريزيءَ ۾ سر ايف. جي. گولسمٿ (F.J.G) ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ اهو ڪتاب بمبئيءَ جي گورنر سربارٽل فريئر کي منسوب ڪيائين.

1881ع ۾ ٽي هارٽ ڊيوس 'سنڌي بئلڊس' نالي انگريزيءَ ۾ ڪتاب بمبئيءَ مان ڇپايو جنهن ۾ هن عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مومل راڻي جا چار قصا درج ڪيا آهن. جرمن پادري ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 1866ع ۾ جرمنيءَ جي لپزگ شهر مان 'شاهه جو رسالو' عربي- سنڌيءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. البت هن رسالي ۾ ڪتب آيل آئيوينا ارنيسٽ ٽرمپ جي پنهنجي تجويز ڪيل آهي. رسالي جي منڍ ۾ سندس سنڌي ٻولي ۽ شاهه جي شعر ۽ شخصيت تي هڪ نهايت ئي عالماڻو ليک انگريزيءَ ۾ درج ٿيل آهي. هن ڪتاب جو پهريون اصلوڪو ڇاپو آديپور جي سنڌالاجيءَ جي لائبرري ۾ گڏ ڪيل ناياب ڪتابن جي سونهن ۽ اُن جو مکيه اسم آهي.

سنه 1867ع ۾ 'شاهه جي رسالي' جو قاضي ابراهيم طرفان مرتب ٿيل بمبئي ڇاپو شايع ٿيو. 1883ع ۾ قاضي حاجي احمد 'منتخب' رسالي جي سري سان شاهه جو رسالو ڊاڪٽر ٽرمپ واري ۽ ٻين ٽن قلمي رسالن تان چونڊي تيار ڪيو جيڪو ڪراچيءَ جي تعليم کاتي ڇپارايو. 1889ع ۾ ليلارام وطن مل لعلواڻيءَ انگريزيءَ ۾ 'رليجن اينڊ پوئٽري آف شاهه عبداللطيف' ڇپايو. (هن جو به اصلوڪو پهريون ٽائيپ ٿيل دستخط سنڌالاجي آديپور ۾ موجود آهي).

سن 1955ع ۾ حيدرآباد مان تاراچند شوقيرام جو 'شاهه جو رسالو' شايع ٿيو.

'سگما' جي تخلص هيٺ ڏيارام گدومل جو 1882ع ۾ انگريزيءَ ۾ ڇپيل ڪتاب 'سمر ٽنگ اباوٽ سنڌ' جو مٿي ذڪر ڪري چُڪو آهيان، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي هڪ عالماڻو ليک درج آهي.

اُڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ جيڪي به ڪتاب شايع ٿيا آهن، اُهي گهڻو ڪري ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيل تعليم کاتي طرف ڇپايل، درسي ڪتابن جي ڏانوَ جا هئا. اصلوڪا دليان جوڙيل ڪتاب ڪي ڳاڻ ڳڻيا نظر اچن ٿا. جن ۾ ڪوڙي مل چندن مل جو زناني تعليم جي پنيرائيءَ ۾ 'پڪو پهه' (1869ع) ۽ 'اُپديش' (1871ع)، نولراءِ شوقيرام جو 'هندو ڌرم

شاستر' (1869ع) ۽ 'شرع محمدي' (1874ع) ۽ 1870ع ڌاري ڪيولرام سلامتراءِ اڏواڻيءَ جا ٽي اصلوڪا ڪتاب 'سوکڙي'، 'گلقند' ۽ 'گل شڪر' قابل ذڪر آهن.

پڇاڙيءَ ۾ جرمن اسڪالر مئڊم اينمري شميل جي انگريزيءَ ۾ لکيل ۽ جرمنيءَ ۾ ڇپيل، 'هسٽري آف سنڌي لٽريچر' جا پنا اُٿلائي، هن لائبرريءَ کي الوداع ڪيم ۽ ٿيمس نديءَ جي ٻيءَ پر، انڊيا آفيس لائبرريءَ ڏانهن رُخ ڪيم.

**انڊيا آفيس لائبرري:**

هيءَ لائبرري ٿيمس نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي، واٽرلو اسٽيشن جي ويجهو بلئڪ فريئر روڊ تي، آربٽ هائوس ۾ قائم ٿيل آهي. واندڪائيءَ جا ٽي چار ڪلاڪ، هت سنڌي ڪتابن سان روح رهاڻ ڪرڻ لاءِ، زير زمين ريلوي 'ٽيوب' ذريعي ريجينٽ پارڪ کان واٽرلو اسٽيشن پهچڻ لاءِ منٿلي پاس ٺهرائي ڇڏيم.

رسيپشن تي رکيل رجسٽر ۾ پنهنجو نالو ائڊريس درج ڪرڻ جو اهو جهونو رواج هن لائبرريءَ ۾ اجا هلندو ٿو اچي. صحي ڪرڻ لاءِ رکيل قلم جي چيلهه ۾ موٽي لوهي زنجير ٻڌل ٿي نظر اچي. قلم نه ٿيو 1857ع جي بغاوت جو سپاهي ٿيو جنهن جي ڇنائي ڀڄڻ يا مٿن حملي ڪرڻ جو ڪين ڊپ ٿو ٿئي.

هن انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ پين يا بال پين استعمال ڪرڻ جي به منع آهي. پينسل سان نوٽ وٺڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي. ليڪن سمورا اعتراض ٻوڙن ڪنن تي ٿا پون. چون ٿا ته توهان هندوستاني (۽ پاڪستاني) قيمتي ڪتابن ۽ رڪارڊن تي مس سان ليڪا ٿا پايو يا حاشيي تي رمارڪ ٿا لکي ڇڏيو. پنهنجيءَ هن جاگير اندر ڌارين جهڙو اهو ورتاءُ اسان کي آزاري ٿو.

هن لائبرريءَ ۾ ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ڇپيل جملي سنڌي ڪتابن جي ياداشت (Bibliography) ڏسي، دل کي بيحد سڪون حاصل ٿيو. 1867ع کان شروع ٿيل اها ڪتابن جي ياداشت پهرين بمبئي پريزيڊنسي سرڪار طرفان ۽ 1937ع کان پوءِ بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ بعد سنڌ سرڪار

طرفان ڇپايل آهي. ورهاڱي بعد گذريل 38 سالن ۾ هند ۾ ڇپيل سنڌي ڪتابن جي مڪمل ياداشت تيار ڪرڻ طرف نه مرڪزي سرڪار ۽ نه ئي ڪنهن صوبائي سرڪار جو ڌيان ويو آهي ۽ نه ئي اسان جي ليکڪن ۽ عالمن ئي ان لاءِ ڪا هاءِ گهوڙا مچائي آهي.

**ويهين صديءَ جا شروعاتي سنڌي ڪتاب:**

ويهين صديءَ جي شروع ٿيڻ سان سنڌي ادب جو چوڏسي ڦهلاءُ ٿيو. عقل ۽ علم جا نوان نوان در دريون کلي ويا. تعليم جي واڌاري ٿيڻ سبب عوام ۾ جاڳرتا آئي، ماڻهن ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. انگريزي، هندي، اُردو ۽ بنگالي ٻولين مان ترجمو ٿيڻ سان گڏ ڪيئي اصلوڪا ڪتاب به ظاهر ٿيڻ لڳا.

(1) **جيون چرتر** (سوانح حيات):

'مهاتما سقراط جو جيون چرتر' (1915ع) لکندڙ ڏيارام هيمراج تيجواڻي، انهيءَ ڪتاب جي پيش لفظ ۾ چوي ٿو: سنڌ جا سڀ ڪنهن حالت يعني ڌرمي، پنگتي، ۽ نيتيءَ جي ڳالهين ۾ پارت ورش (آريه ورش) جي ٻين سيني ملڪن کان پوئتي رهجي ويئي آهي، تنهن جو مول ڪارڻ هيءُ آهي جو اجا سوڌو پنهنجي مادري ٻولي (سنڌيءَ) ۾ ڪي اهڙا ڪتاب ڇپجي پڌرا نه ٿيا آهن، جن جي پڙهڻ سان ماڻهن جي هِردي ۾ سچائيءَ جو جوش پيدا ٿئي. انهيءَ ڪميءَ کي محسوس ڪري سنڌي ليکڪن دنيا جي مدبر هستين جا جيون چرتر ۽ سندن لکڻين کي جهجهي انداز ۾ سنڌيءَ ۾ آڻڻ شروع ڪيو جيئن سندن نئين سوچ ويچار جا اسان جي ذهن ۾ پڙاڏا ڪن ۽ ڪجهه پنهنجي سر نئون سوچڻ لاءِ اسان کي آماده ڪن.'

مذڪوره ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي ته سقراط تي ڪئين تهمتون لڳائي، مٿس مقدمو هلايو ويو ته هو نوجوانن کي پنهنجي سکيا سان بگاڙي ٿو. سقراط پنهنجي بچاءَ ۾ چيو ته اهي ڳالهيون بي بنياد آهن. آخر ڪيس زهر جو پيالو ڏنو ويو جيڪو هو خوشيءَ سان پي ويو.

ٺهلرام ليلارام شِوداساڻيءَ جو لکيل "ساڌو هيرانند جو جيون چرتر" (1915ع) ۽ شيوارام نرسنگهداس جو" راج رشي ڏيارام گدومل جو

جيون چوتر" سچو پڙهي ورتم. هي ٻئيَ سنڌ جا مدبر اسان جي نوجوان ٽهيءَ لاءِ روشن مينار آهن. ڪاش، اسين ڪين پنهنجي زندگيءَ جو آدرش مڃي، انهن جي ڏيکاريل راهہ تي اڳيرو ٿي، پوءِ پنهنجي راهہ پاڻ ٺئي ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ گهربل اخلاقي سگهہ ۽ همت پيدا ڪريون.

انهن ڪان سواءِ مون ٻيون هيٺيون جيونيون (سوانح) اُٿلايون. ڏيئومل پارومل سيوهاڻيءَ جي لکيل "منصور جي حياتي" (1915ع)، محمد صالح محمد ابراهيم هالائيءَ جو 'منصور حلاج' (1917ع). حسين بن منصور حلاج ايران جو نائين صديءَ جو صوفي درويش هو. وجد ۽ بيخوديءَ جي حالت ۾ 'اناالحق' جو نعرو هڻندو هو. مُلن مولوين فتويٰ ڏني تہ هو ڪفر ٿو ٻولي. سندس هٿ پير ڪپي، ڪيس سوريءَ تي چاڙهيو ويو هو.

ان بعد لعلچند امرڏني مل جو 'دلوراءِ دُشٽ' (1916ع)، جهامنداس ڀاٽيا جو 'ديوان ڪوڙومل ڌرماتما' (1917ع)، سنڌين جي هڪ پاپ آتما ۽ ٻي پڻيہ آتما. ويرومل بيگراج 'دادا ڀائي نوروزجيءَ جو جيون چرتر' (1917ع) ۾ لکيو: 'ديوان ڏيارام ڇيتمل جو جيون چرتر' هڪ گمنام ليکڪ لکيو ۽ ان جو مهاڳ کانچند پرتابراءِ. ديوان ڇيتمل جي نالي ڪراچيءَ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج قائم ٿيل هو. مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ لاءِ بمبئيءَ ويل ڀهرين چوڪرن مان هُو بہ هڪ هو. هن جا ٻيا ٽي ساٿي هئا: ڪوڙومل چندن مل، نولراءِ شوقيرام ۽ ٽيون چوهڙمل پنجابي. امتحان ۾ رڳو چوهڙمل پاس ٿيو.

ڏيارام ڇيتمل غريبيءَ مان اُسري، سنڌ جو وڏي ۾ وڏو بئريسٽر ٿيو. هن هميشہ سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ جي واٽ ورتي. لکين روپيا ڪمايائين، پر سڀ غريبن جي ڀلي لاءِ خرچ ڪيائين.'

آوتراءِ روپچند منچنديا (لعلچند امرڏني مل جو فرضي نالو) جو لکيل 'برونو' (1917ع) اٽليءَ جي فيلسوف جي جيوني (سوانح) آهي. مسيحت جي پادرين هن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو هو. هو پنهنجي انجيل خلاف ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا. هيل تائين ارسطوءَ جيڪي ڪجهہ ڪين سيکاريو هو اُن تي ڳنڍ ٻڌي هئائون. برونو اٽليءَ کان پوءِ فرانس، انگلنڊ، جرمني ۽ پراگ ويو پر ڪٿي بہ سچ جو مقابلو ڪرڻ وارو ڪيس نہ مليو. آخر

دوکي سان کيس وينس وٺي ويا. جتي "ڏرم پرک سڀا" (مذهبي امتحاني جماعت) جي سامهون بيهاري کيس ڦاسي ڏنائون.

ليلارام پريمچند ۽ ڄيٺمل پرسرام صوفي مت جو بنياد وجهندڙ ابو سعيد الخوازميءَ جي جيوني (سوانح) (192ع ۾ لکي، جيڪو 1907ع ۾ خراسان شهر ۾ ڄائو هو.

چوئٿرام وليچا "ديس پريمي پمنداس جو احوال" (1921ع) لکيو. حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ 'ابوالفضل ۽ فيضيءَ جي جيوني (سوانح)' (1922ع) لکي، جيڪي اڪبر بادشاهه جا ٻه نامور سنڌي وزير هئا. مرزا قليچ بيگ جو 'قديم سنڌ جا ستارا' (1923ع)، جنهن ۾ آڳاٽي سنڌ جي مسلمان شاعرن ۽ اوليائن جو احوال درج آهي. عبدالرزاق عبدالسلام وري مشهور جرمن شاعر ۽ ڊراما نويس 'گوئٽي جي جيوني (سوانح)' (1929ع) قلمبند ڪئي آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ لکيو آهي. ڄيٺمل پرسرام گوئٽي جي ناٽڪ 'فائوسٽ' (1929ع) جي ترجمي سان گڏ سندس حياتيءَ جو احوال به ڏنو آهي.

مٿين ڪتابن کان سواءِ 'اربندو گهوش جي جيوني (سوانح)'، ۽ 'جيون ويدارٿ'، ڪيشب چندرسين جو پنهنجي واتان بيان ڪيل جيون چرتر به نظر اچن ٿا.

**پنگتي ساهت** (سماجي ادب):

سماج سڌار لاءِ نصيحت آميز اخلاقي ادب سان گڏ عورتن جي سکيا کي زور وٺائڻ ۽ انسان جي پنهنجي روحاني ترقيءَ لاءِ به ويهين صديءَ جي شروعاتي دؤر ۾ ڪافي ادب سرجيو ويو.

پيرومل مهرچند جو ڏيتي ليتي تي ليڪچر 'ڏي وٺ' (1914ع)، هنسراج هريسنگهه جو 'ڏيتي ليتيءَ جا قهر'، پهلاجراءِ ليلارام واسواڻيءَ (ساڌو واسواڻيءَ جي پاءُ) جو 'اسان جون پنگتي اوڻايون' (1921ع)، منوهرداس ڪوڙيمل جو 'اڇوتن اُڌار' (1924ع) ۽ ٻيو هڪ 'اڀلائن انڌير' (1924ع) ڪتاب اِن ڏس ۾ قابل ذڪر آهن.

عورتن جي سکيا تي زور ڏيندڙ هيٺيان ڪتاب هت موجود

آهن: 'استري اُتم اپديش' (1912ع)، 'استري سکيا' (1919ع)، ٿهلرام آسودي مل جو 'استري ڏرم' (1912ع)، واڌومل هوتچند جو 'استري سڌارڪ' (1922ع)، ويرومل هيمون مل ملاڻيءَ جو 'استري سماج شيوا' (1922ع).

انسان جي روحاني ترقيءَ تي به ڪي ڪتاب نظر مان ڪڍيم: پهلاجراءِ ليلارام واسواڻيءَ جو 'سچو سک ڪيئن ملي' (1915ع) Allens Jones جو 'Poverty to Power' جو ترجمو آهي. ان مان هڪ حوالو هت ڏجي ٿو:

> 'سرڳ ۽ نرڪ (بهشت ۽ دوزخ) اندر جون حالتون آهن. جيڪڏهن تون آپي ۽ ترشنائن جي ٻنڌڻن ۾ ڦاسنديَن ته سچ پچ نرڪ واسي ٿينديَن. پر جيڪڏهن تون آپي کي تجي، اها چيتنا پراپت ڪنديَن، جنهن ۾ آپو ۽ سوارٿ پٽيءَ ڪونهي ته تون بيشڪ سرڳ جو ڀاڳي ڀائي ٿينديَن. آپو انڌو آهي. نه اُن مان جُڙيل وويڪ، نه ان ۾ ڪو سچو گيان رهي ٿو. نيڪ سمجهه ۽ پورو وويڪ ۽ سچو گيان انهن جو سنٻنڌ آتما سان آهي ۽ جيتري قدر توکي انهيءَ پوتر چيتنا جو ٻوڌ ملندو اوتري قدر توکي سچي خوشيءَ جو انڀوَ پراپت ٿيندو. جيستائين تون پنهنجي آپي کي پالي رکڻ لاءِ خوشي پيو ڳوليندين ته خوشي توکان ويندي پري ڀڄندي ۽ تون پنهنجي لاءِ دک روپي ٻج پوکيندين ۽ وري جيتري قدر تون ٻين جي ڀلي خاطر پاڻ گنوائيندين، اوتري قدر توکي خوشي نصيب ٿيندي ۽ تون آنند روپي ٻارِ (ٻني) لڻندين'.

ڄڳتراءِ ايسرداس شوِداساڻيءَ جي لکيل 'ماتا' (1921ع) جي مهاڳ ۾ ليلارام پريمچند چوي ٿو:

> 'ڏهن اُپاڌين کان هڪ آچاريه وڏو آهي. سؤ آچارين کان هڪ پتا وڏو آهي. هزار پتائن کان هڪ ماتا وڏي آهي. ان

ڪري ماءُ جي خدمت وڏي ۾ وڏو تپ ڪري لکيو اٿن. ماءُ
جو نرادر ڪرڻ وڏي ۾ وڏو پاپ ڪري ڇاتو اٿن.'

ليڪڪ بہ چوي ٿو ماءُ جو پيار سيني پيارن ۾ اعليٰ درجي جو آهي. ٻيا ڪنهن نہ ڪنهن مطلب سان ٿا پيار ڪن. ماءُ جي محبت ڪنهن بہ غرض کان پالهي آهي. ٻيا ٿورو ئي ڪو ٿورو ڪندا تہ جڳ کي ٻيا شاهدي ڏيندا. ماءُ ڪڏهن بہ زبان تي نٿي آڻي تہ مان پنهنجي ٻار لاءِ هيترو ٿي ڪريان. ماءُ جي محبت پنهنجي ٻار مٿان هر مصيبت ۾ ڇٽ. هن جي سنڀال ٿي ڪري، اهڙي ماءُ لاءِ جيڪر سڀ ڪجهہ گهوري قربان ڪجي، پر افسوس اڄ سنڌين وٽ پنهنجي ماءُ جو قدر ڪونهي.

روچيرام گنگارام سڌاڻيءَ جو 'انسان ۽ انسانيت' (1920ع) ۽ هاسانند پمناڻيءَ جو 'من جيتي جڳ جيت'، سنڌي ادب جا ٻہ نهايت ئي قيمتي تحفا آهن. پوئين ڪتاب مان هڪ حوالو هت ڏجي ٿو:

'انسان جو من نهايت چنچل آهي. هو گهڙيءَ ماسو آهي
تہ گهڙيءَ تولو هروقت هرڻيءَ جيان پيو ٽپا ڏئي. هن
سنسار ۾ سک آنند ماڻڻو آهي تہ پنهنجي من کي وس ۾
ڪرڻ جي ضرورت آهي. من پنهنجي سر صاف شفاف
ٿئي ٿو. ان تي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ اهنڪار جو ميل
چڙهي ٿو وڃي. انسان کي آهستي آهستي انهن وڪارن
کان پاڻ کي آجو ڪرڻو آهي. هڪ دفعو آئيني تان اهو
ميل (ميرُ) دور ٿي ويو تہ پوءِ کيس پنهنجي صورت صاف
چٽي نظر ايندي، سندس من بہ شانت ٿي ويندو. کيس
آنند ئي آنند پڙ پوندو.'

**(3) ناول ۽ ڪهاڻيون:**

پيرومل مهرچند جو ناول 'آنند سندريڪا' (1916ع) ۾ چپيل' مئري ڪئرولي جي 'مرڊر آف ڊيلسا' تي آڌارت آهي ۽ 'موهني ٻائي' (1917ع) تي سگهي ٿو تہ سندس اصلوڪو ناول هجي.

'نوورنيءَ جو خون ۽ ٻيون آکاڻيون' (1923ع) لعلچند امرڏني مل ۽

چيتمل پرسرام جوين قلمبند ڪيل آهن. بنڪم چندر جو ناول ’آنند مٺ‘ (1922ع)، مهاراج هوندراج پارومل شرما ترجمو ڪيو آهي. ’مغل جي مصيبت‘ (1924ع) نانڪرام ڌرمداس جو لکيل آهي.

**(4) ناٽڪ:**

خانچند شامداس درياڻيءَ سنڌيءَ ۾ گهٽي ڪان گهٽا ته فصلا ناٽڪ لکيا ۽ ٻين ٻولين تان اُلٽو ڪيا آهن. هن جو پهريون ناٽڪ هو ’گلاب جو گل‘ يا ’ديويءَ جو پرتاب‘ (1920ع)، ٻيو ناٽڪ ’موتئي جي مکڙي عرف سندريءَ جو آنند‘ (1923ع). هن ناٽڪ جي ديباچي ۾ درياڻي چوي ٿو:

> ’ڇهه مهينا ٿيندا ته ڏيتي ليتيءَ جي وشيه تي ’گلاب جو گل‘ نالي ناٽڪ لکيم. اهو ڪتاب منهنجي پهرين ڪوشش هو. من ۾ ڏاڍو ڊپ هوم ته اڳهامندو ئي ڪين. البت نڪتچيني به جهجهي ٿي ته علم جي ڪوڏين ۽ پنگتي سڌارڪن اوٺاين جي ڪن ٿار ڪري مون کي چڱو همٿايو جو سيئي جلد ٿوري عرصي اندر کپي ويا. وري ناٽڪ تي به انبوهه ماڻهن جا مڙيا. ٻه راتيون ڪراچيءَ ۾ ۽ چار راتيون حيدرآباد ۾ ناٽڪ ڪري ڏيکاريوسين ته به ماڻهن کي ڍؤ ڪونه ٿيو. تڏهن منهنجو من به وڌيو. چيم ته ٻيو به ڏيتي ليتيءَ جو ناٽڪ ٺاهيان. اڳئين ناٽڪ ۾ ويچاري ستايل ننهن نيٺ گهر ڇڏي وڃي سرن درياهه ٿي، پر هن ناٽڪ ۾ چيم پل سس کي سبق سيکارجي. سسون آهن ته اڳ ئي مون تي ڏمريل. ڇي: مئو ڪريو آهي. اسان جون ننهر اڳيئي ٿيڙيل، تن کي هٿ وٺي ٿو نبتر ڪري هاٽي ته آڻي باقي پاٽيءَ کان ٻاهر ويندڀون. پر مون ته ماٽ ڪري جهول جهلي آهي. ڀلا جيڪي اُڪرين ۾ مٿا وجهندا، سي مهرين جي ڏکن ڪيئن ڏجندا؟
>
> سو هي ڪتاب هٿ ۾ ڪنيو هيم. پر ان وچ ۾ ڪاليج جي

ٻارهن ماسي جلسي جي واسطي 'مومل ۽ مينڌرو' ۽
رويندر ناٿ ناٽڪ منڊلي واسطي 'سورداس' جو ترجمو ۽
ڪنيا مهاوديالیہ واسطي 'پدمڻي يا مالڪ شيوا' ناٽڪ
ناهڻا پيم ۽ هيءُ 'موتئي جي مڪڙي' پلتي رهجي ويئي.
مٿان ڦڳڻ ڦولارجي آيو ۽ موتئي جون مڪڙيون جت ڪٿ
ٽڙي بيٺيون. مون بہ خيال ڪيو تہ مند پوري ٿيڻ کان اڳ
ئي هيءُ مڪڙي پيش ڪريان. اُميد تہ عامل نوجوان ۽ سنڌ
ورقي شوقين 'گلاب جو گل' جيان هن 'موتئي جي
مڪڙي' کي بہ انگيڪار ڪندا. مان متر لعلچند امرڏني
مل ۽ متر هيرانند بي. آڏواڻي، پروفيسر جي. وي لکاڻيءَ
جو شڪرگذار آهيان، جن مون کي هن ناٽڪ ناهڻ ۾
چڱي مدد ڏني آهي.' (ڪراچي 15 جون 1922ع)

هن لائبرريءَ ۾ سندس ٻيو ناٽڪ "پدمڻي يا مالڪ جي شيوا" (1922ع) بہ موجود آهي، جنهن جو موضوع "هندو مسلم ايڪتا" آهي. پدمڻي شهزادي حسن بانوءَ جي هڪ نوڪرياڻي آهي. وزير ٿهر مان بادشاهہ جو قتل ڪري ڏوهہ حسن بانوءَ جي مڱيندي شهريار مٿان ٿو مڙهي. پدمڻي سچي خونيءَ جو پتو ٿي ڪڍي ۽ حسن بانوءَ جي سار ٿي لهي ۽ ائين پنهنجي ڪاڏل نمڪ جو ثبوت ٿي ڏئي.

خانچند درياڻي جا لکيل/ اُلٿو ڪيل ڪي ناٽڪ آهن:

'گلاب جو گل' (1920ع)، 'مومل ۽ مينڌرو' (1923ع)، 'سورداس پدمڻي' (1923ع) 'موتئي جي مڪڙي' (1923ع)، 'ملڪ جا مدبر'، ابسين جي 'بلڊرس آف سوسائٽيءَ' جو اُلٿو (1923ع)، 'رتنا' (1924ع)، 'غلط فهمي' (1924ع)، 'عجيب انسان يا مت هيڻ ماري' (1925ع)، 'ديس صدقي' (1927ع)، 'زمينداري ظلم' (1927ع)، جنهن جو مهاڳ مرزا قليچ بيگ لکيو آهي. 'زماني جي لهر' (1929ع)، 'مايا جو انڌ' (1930ع)، 'ٻک جو شڪار' (1932ع) ۽ 'پريم پريڪشا'، 'جيئري تي جيئري'، 'انسان ڪين شيطان'، 'راءِ ڏياچ'. ان دؤر جا ٻيا مکيہ ناٽڪ آهن. ويرومل بيگراج

جو 'پهلاج ليلا' (1914ع)، ٿهلرام ڪيئارام چانڊواڻيءَ جو 'سورداس عرف بلوامنگل' (1918ع)، نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻيءَ جو 'پتي شيوا ۽ پريم ڀڳتي' (1922ع)، ڪيولرام ٻيامل جو 'ڏيتي ليتي ناٽڪ' (1923ع)، وسڻمل ڪشنچند جو 'خدا آبادي عامل' يا 'سيٺ ڪي ويٺ'، چوني لعل باشومل ڀاٽيا جو 'اپلائن انڊير' (1924ع)، نانڪرام ڏرمداس جو 'ليلاوتي عرف چالو زمانو' (1926ع)، آسودي مل ٽيڪچند گدواڻيءَ جو "رگهونش" ۽ جيٺمل پرسرام جو "هئمليٽ".

**(5) قومي ادب:**

مهاتما گانڌيءَ جي ڏکڻ آفريڪا کان 1915ع ۾ واپسي ۽ 1919ع ۾ جليان والا باغ ۾ ٽيل قتل عام سڄي ديس ۾ بجليءَ جي لهر ٻڌجي، آزاديءَ جي هلچل کي عروج تي پهچائي ڇڏيو. سڀني ٻولين جي ادب جو سفر اچانڪ سماجي مان بدلجي قومي ٻڌجي ويو. سنڌي ادب به ان ڏس ۾ پٺتي نه رهيو. جيٺمل پرسرام ڊاڪٽر ائني بيسنٽ جي شروع ڪيل هوم ليگ جون شاخون سنڌ ۾ قائم ڪري ڇڏيون. حيدرآباد ۾ بلوٽئسڪي پريس مان هن ڪيتريون ئي ائني بيسنٽ جون لکيل چوٽپڙيون شايع ڪيون 'سوراج' (هوم رول لاءِ هڪ سبب)، 'هندوستان ڇا ٿو گهري؟ سوراج!' (1917ع)، 'هندوستان لاءِ سوراج' (1917ع)، 'جاڳ يارت جاڳ'، 'نئشنل ڪانفرنس ڇاهي؟' 'سوراج ڇا جي واسطي'؟ ۽ ڊاڪٽر ائني بيسنٽ جي ڪانگريس جي صدر طور عالماڻي تقرير جو ترجمو 'سوراج ساگر' (1918ع).

مسلمان ليکڪن مان شمس الدين بلبل هوم رول بابت پنهنجو مؤقف پيش ڪيو. 'مسلمان ۽ هوم رول' (1918ع) ۽ 'مسلمانن جي سرڪار کي اپيل' (1918ع).

هن 1916ع کان 1920ع واري پهرينءَ سڄاڳيءَ واري دؤر ۾ ڇپيل قومي ادب جيڪو هن لائبرريءَ ۾ نظر آيو ان جا ڪي تفصيل ڏجن ٿا: گرڌني مل ٿهل سنگهه جي 'نوجوانن کي استدعا' (1916ع)، 'منهنجي جيل جو انيو' ـ لوڪرام شرما (1917ع)، سوامي ستيه ديو جو لکيل ۽ گهني مل هرچند مل جو ترجمو ڪيل 'انساني حق' (1917ع) جنهن ۾ ڏنل هيٺيان

نُڪتا ويچار جوڳا آهن:

- ’ماڻهن کي پنهنجي ڪم ڪرڻ جي آزادگي هجي. پنهنجي مرضيءَ جي برخلاف ڪم ڪرڻ هڪ بوجهو آهي، جيڪا وڏي ۾ وڏي سزا ماڻهوءَ کي ملي ٿي، اُها ان جي ڪم جي آزادگي کسڻ آهي.
- اسان جي هندو ڌرم پنهنجي ٻن ڌرمي سکيائن سان اسان کي نڪمو نپوسنڪ بڻائي ڇڏيو آهي.

(1) جيڪو ڪجهه هن سنسار ۾ ٿئي ٿو اهو ڪرم جو ڦل آهي.

(2) هي سنسار سپنو آهي، مايا، مٿيا، پر آهي. اسين پنهنجو وقت پورو ڪري آيا آهيون.

اسان ان ڪري ظلم خلاف ڪونه لڙيا آهيون. پنهنجي انساني حقن کي ڪونه سڃاتو آهي.‘

’منوهر مرلي عرف قومي گيت‘ فتحچند بچاسنگهه ياوناڻيءَ جا گڏ ڪيل (1920ع)، ’سرڪار سان لڙائي‘ (ڪائونٽ ٽالسٽاءِ جو خط) ترجمو گهنشام جيٺانند (1921ع). ٽالسٽاءِ عدم تعاون تحريڪ تي پنهنجي ويچار ظاهر ڪندي چوي ٿو ته:

> جيڪي اسين سمجهون ته برابر آهي، سو سانت ۽ قوت اراديءَ سان ڪندا اچون ۽ انهيءَ ۾ نه رڳو سرڪار کان موڪل نه وٺون، پر ڇاڪاڻ واڻي سرڪار سان شامل ڪرڻ کان پاسو ڪريون! سرڪار ۾ گهڙڻ يا سرڪار سان ڪنهن به قسم جو سهڪار ڪرڻ آهي گپ ۾ گهڙڻ. ڪنهن کي گپ مان ڪڍڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته ڪڍندڙ پاڻ سُڪيءَ تي هجي. پر جيڪڏهن ٻين کي چڱيءَ طرح مدد ڪرڻ جي اُميد مان اوهان پاڻ گپ ۾ ويندا ته پوءِ ٻين کي ڪڍڻ بجاءِ اُٽلندو پاڻ انهيءَ گپ ۾ پورجندا.

سؤمان بنا ماڻهن جو سرڪار سان سامهون پوڻ مشڪل
آهي. سرڪار کي ان ڳالهہ جي پوري پروڙ آهي تہ ماڻهن
مان انساني شان يا سؤمان آهستي آهستي ڪري ڪڍي
وڃان. سرڪار کي خبر آهي تہ اهڙن ماڻهن کي خريد
ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن زر سان نہ تہ خطابن سان.
اهڙن ماڻهن مان سرڪار جي سامهون ٿيڻ جي اخلاقي
همت ختم ٿيو وڃي.'

مهاديو هري ڀائي ڊيسائيءَ جو 'هندوستان ڪيئن پائمال
ٿيو' مترجم اُتمچند جيون سنگهہ گدواڻي (1921ع)، لعلچند ڄڳتياڻيءَ
جو 'بلوو' (1921ع)، چوئٿرام ولڀچا جو لکيل 'ديس پريمي
پمنداس' (1921ع). سکر جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ سامهون جڏهن
پمنداس کي قلم 108 هيٺ 22 جون 1921ع تي پيش ڪيو ويو تہ هو جج
سامهون پنهنجو بيان ڏيندي چوي ٿو:

'جيڪو ماڻهو ساڳئي وقت فريادي بہ آهي تہ جج بہ آهي،
تنهن وٽان انصاف جي اُميد رکڻ اجائي آهي. اهو تہ
تنهنڪري صفا پيو آهي تہ مان ڏوهي اٽپچو ٺهرايو
ويندس..... توهان مون تي بغاوت جي تهمت ڌري آهي،
پر مون کي فقط ايترو چوڻو آهي تہ مان ان تهمت جو
دوشي بہ آهيان ۽ نہ بہ آهيان....'

'هندو سوراج' ليکڪ ايم. ڪي. گهوش، ترجمو نارائڻداس رتنمل
ملڪاڻي ۽ اُتمچند گدواڻي، 'سرڪار سان لڙائي' گهنشيامداس جيٺانند
(1921ع)، 'شهيد جليانا والا جي روحن جو اظهار' (شعر ۾) لعلچند
گيانسنگهہ ميرچنداڻيءَ جو تيار ڪيل (1922ع)، هيرانند ڪرمچند
جو 'وندي ماترم' (1922ع).

احمد آباد ڪانگريس جو فرمان پتر، اسهڪاري آندولن (عدم
تعاون) جو ٺهراءُ، گانڌيءَ ۽ ٻين جون تقريرون، 14 جنوري 1922ع، 17
فبروري 1922ع، قاضي عبدالرحمان سيڪريٽري سنڌ صوبائي ڪانگريس

ڪاميٽيءَ طرفان جاري ڪيل، ان کان سواءِ مهاراج شنيورام پرسرام جو لکيل 'حڪومت جو شعلو' (1923ع) جنهن ۾ هڪ راجا جا عوام طرف کهڙا فرض آهن، ان جي اُپٽار ڪيل آهي. راجا کي ڇئن ڳالهين مان چار گڻ سکڻ گهرجن:

1- ڌرتيءَ کان بردباري،
2- موت کان بي دردي،
3- چنڊ کان هر دلعزيزي ۽
4- سورج کان ڏِل وصولي،'

هن ڪتاب ۾ انگريزي سرڪار تي سندن جليان والا باغ جي ناحق تي سخت جلهه ڪئي ويئي آهي.

**(6) گانڌي ساهت:**

مهاتما گانڌي پهريون دفعو سنڌ ۾ 1916ع ۾ آيو. ان کان اڳ ئي وشنو شرما سندس حياتيءَ ۽ ڪمن بابت هڪ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپائي چُڪو هو. ان بعد مهاتما گانڌيءَ جي جيون تي ايسرداس واڌومل رائسنگهاڻيءَ جو ڪتاب (1918ع) نظر اچي ٿو. هريسنگهه ۽ سندس ڀِڙبازار سکر وارن عربي- سنڌي ۾ گرمکي اکرن ۾ ڪيئي شعرن جون چوپڙيون ڇپايون. 'مهاتما گانڌيءَ جو نياپو/ ٽوپي، چرخو' 1922ع ۾ شايع ٿيل آهي.

ان کان سواءِ مرزا غلام دستگير جو لکيل 'مهاتما گانڌي' (1921ع)، ويرومل بيگراج جو 'مهاتما گانڌيءَ جي باغ جو ميوو' (1922ع)، وشنو شرما جو ترجمو ڪيل 'مهاتما گانڌيءَ جو جيل ۾ تجربو' (1929ع) ۽ ان کان سواءِ ٻه گانڌي ساهت، سنڌي عوام ۾ ٻه قومي ويچار ڌارا جو ڦهلاءُ ڪري آزاديءَ جي هلچل کي هٿي ڏني.

**ضبط ٿيل ڪتاب:**

انڊيا آفيس لائبرريءَ ۾ انگريز سرڪار طرفان ضبط ٿيل سنڌي ڪتابن جي وڏي فهرست نظر اچي ٿي. اهو ڏسي خوشي ٿي ٿئي ته سنڌيءَ ٻه ٻين ٻولين سنئون پاڻ موکيو آهي. آزاديءَ جي هلچل دوران انگريز سرڪار سنڌيءَ جي اٺويهن ڪتابن ۽ اخبارن جي شمارن کي اعتراض جوڳو ٺهرائي ضبط ڪيو هو مون

اهي سڀ ڪتاب پنهنجي ٽيبل تي گهرائي اُنهن جو مطالعو ڪيو. هنن ضبط ٿيل ڪتابن ۾ مکيہ آهن:

هوندراج ليلارام 'دُکايل' جي قومي گيتن جو مجموعو 'آلاپ آزادي' (1931ع) ۽ 'ڦاسي گيت' (1931ع). پهرئين ڪتاب جي پوش تي جواهر لعل نهرو گهوڙي تي سوار آهي. ٻئي ڪتاب تي اڳيان شهيد ڀڳت سنگهہ جو فوٽو ۽ پٺيان مهاتما گانڌيءَ جي تصوير ڏنل آهي.

'پرڀات ڦيرين' ۾ دکايل جي گيتن ئي سنڌي نوجوانن اندر سرڪار جا جيل ڀرڻ جو جوش اُمنگ جاڳايو هوندو.

گيتن اندر ڀريل بغاوت جا سُر ۽ انگريزن کي تڙي ڪيڻ لاءِ للڪار:

ملڪ سڄي جو رايو
هيءَ ڏاري حڪومت ڏاهيو
ٻهشڪار جا گولا ڇوڙي
ڇڏيو ظلم جو راج اُکوڙي

ظالم سامهون سينو ساهي بيهڻ جي همٿ:

جليانا والا باغ جي اندر
ماريا سؤ هزار
ظالم نہ گهرجي.
نہ گهرجي، نہ گهرجي سرڪار.

دکايل کي قومي شاعر جو درجو عطا ڪيو ويو آهي.دکايل سان گڏ ٻين سنڌي شاعرن بہ وارو وڄايو آهي ۽ انگريز راڄ خلاف، سوديشيءَ جو پرچار ڪندي، تلڪ، گانڌيءَ ۽ نهروءَ جي وڏائيءَ ۾ گيت رچيا آهن.

مهاراج ڪرپالداس شرما جو ڇاهيل 'تلڪ يادگيري' (1924ع)، چتر ڀڄ لڇيرام جو ڇاپايل 'گانڌي گيت' (1930ع)، مها راج ڪاليداس جو تيار ڪيل 'گانڌي مالها' (1930ع)، جيرام مولچنداڻيءَ جو 'سوراج جو سنيهو' (1930ع)، چيتن ديو ورما جو 'من موهن پڇناولي'، ڀائي نارائڻداس آزاد جي 'آزاد پڇناولي' (1931ع) ۾ آيل شعرن کان انگريز سرڪار ڊڄي

انهن تي بندش وڌي هئي.

’گانڌي گيٽ‘ ۾ ملڪي هو جمالو بہ ڏنل آهي.

۽ ’سوراج جي سنيهو‘ ۾ روسي انقلاب کان متاثر ٿي چيل هي شعر:

دل ڇڪيندڙ آ نظارو ، بولشيوڪ راڄ ۾
ڪونہ ٿيندو ڪو ڪڏهن، وڏ ڪين ٿيندو ڏکيو
هي سچو ترقيءَ جو رستو بولشيوڪ راڄ ۾!

هيرانند ڪرمچند جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪرندڙ ’هندو‘ اخبار جو 31 آگسٽ 1931ع جو خاص ’تلڪ پرچو‘ ضبط ڪيو ويو هو. هن شماري ۾ بال گنگاڌر تلڪ جا فوٽو سندس جيون چرتر ۽ لکڻيون ڏنيون ويون آهن. گانڌي، نهرو پٽيل، راجندر پرساد ۽ ڊاڪٽر انصاريءَ وٽان آيل سنيها بہ ڏنا ويا آهن. هن شماري ۾ هندوستان جي نقشي تي اُهي هنڌ بہ ڏيکاريا ويا آهن، جتي 1930ع واري ستياگرهہ وقت انگريزن بي هٿيار هندوستانين مٿان گوليون هلايون، سنگينن سان ڪين ڦٿيو ۽ هوائي جهازن مان بم اُڇلايا.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سنڌ ڪاميٽيءَ طرفان شايع ٿيل ’ڪميونسٽ‘ اخبار جا بہ شمارا 5 مئي 1940ع، 5 جون 1940ع جلد۔1، 2 ۽ 3 نمبر بہ سرڪار ضبط ڪيا آهن. انهن کان سواءِ دوارڪا پرساد روچيرام جو ناول ’انقلاب زنده آباد‘ (1932ع)، جنهن ۾ هڪ بهادر ٻالڪا جي دل ڀڄائيندڙ ڪهاڻي آهي، جيڪا ملڪ جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي جان جي قرباني ڏئي ٿي.

تيرٿداس ليکراج جي لکيل ۽ ڇپايل ’ڌارسينا ڪهاڻي‘ (1930ع) ۽ ’ڌارسينا تي ڪاهہ‘ ٻئي ڪتاب سرڪار ضبط ڪيا آهن. گجرات ۾ ڌارسينا واري جڳهہ تي لوڻ جو ڊپو هو جتي ستيا گرهين جا جٿا گرفتار ٿيا.

12 مارچ 1930ع ۾ سابرمتيءَ مان مهاتما گانڌي پنهنجي پوئلڳن سان اهو پرڻ ڪري نڪتو تہ هيءَ منهنجي آخري لڙائي آهي. يا ڀارت کي آزاد بنائي موٽبو يا وري آشرم ۾ پير نہ پائبو. هن ڊانڊيءَ ۾ وڃي لوڻ جو قاعدو ڀڳو. 12 مئي تي مهاتما گانڌيءَ جا چونڊ 39 ستياگرهي، جنهن ۾ هڪ سنڌي آنند هنگوراڻي بہ شامل هو سي اچا ڌارسينا ڏي سنيري نڪرڻ تي هٿا تہ سرڪار کين گرفتار ڪري جيل اُماڻيو.

ستياگرهين جا ٻيا جٿا هزارن جي تعداد ۾ ڌارسينا ڏانهن 31 مئي، 3 جون ۽ 6 جون تي ڏوڪيندا ويا ۽ پوليس جون مارون کائي هيٺ ليٽندا ويا. گهوڙيسوار پوليس ۽ پيادي پوليس بي هٿيار ستياگرهين مٿان لٺين سان مارڪٽ ڪئي. گهوڙن جي سنبن سان کين چيچلائي، گهايل ڪري، لوڻ جي ڪاريءَ ۾ اُڇليندي وئي. اهڙا ظلم ۽ عقوبتون سهڻ بعد بہ ستياگرهي گانڌيءَ جي ڏنل اهنسا (عدم تشدد) جي قول تي قائم رهيا.

هن ستياگرهہ ۾ 25 سنڌي جوان بہ ايچ. ڊي. ماڙيوالا جي مهنداريءَ هيٺ، جن ۾ دادا شيوڪ ڀوڄراج بہ شامل هو 4 مئي 1930ع تي ڪراچيءَ مان روانا ٿيا.

ٻيو ضبط ٿيل ڪتاب آهي 'بندي جيون'، سچيندر ناٿ ستيپال جو لکيل (1933ع). مترجم ريجهومل ڀاونداس اگناڻي (ٻہ ڀاڱا). سچيندرناٿ ستيپال جبل ۾ جنم ٽيپ ڪاٽيندي هي ڪتاب لکيو هو ۽ پنهنجي بم ناهڻ واري انقلابي پارٽيءَ جو سربستو احوال ڏنو آهي. انهيءَ پارٽيءَ راس بهاري بوس جي رهبريءَ هيٺ سن 1915ع ۾ هندوستاني فوج اندر بغاوت مچائڻ جي سازش سٽي، جڏهن تہ پنجاب ۽ بنگال جا باغي فوجي بہ شامل هئا. آمريڪا کان موٽي آيل ڪيترا سک بہ بلوي ۾ شريڪ ٿيا. البت انگريز سرڪار جي هڪ جاسوس ڪرپالسنگهہ بلوي جي تاريخ کان اڳ ئي ڦاٽ ڦاڙي ڇڏيو. 21 فبروري 1915ع تي بلوي ٿيڻ جي پڪ هئي، پوءِ اُها 19 فبروري ۾ بدلي ويئي. ليڪن انگريزن جو جاسوسي کاتو سجاڳ هو. سچيندرناٿ سميت سڀ باغي پڪڙيا ويا.

هن ڪتاب ۾ ڏنل هيٺين احوال گويا هندوستان جي اڄ جي حالتن جي سٺر سال ڪيل اڳڪٿي ٿو نظر اچي.

'..... بنگالي قوم بہ وڏيڪ همٿ واري آهي، پر جوش جي مستيءَ ۾ سک گهڙيءَ ۾ جهڙو ناسوني ڪم ڪري سگهن ٿا، هندوستان جي ٻي قوم کان اُميد نٿي رکي سگهجي. سکن جي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق ٿورو ٿيندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهڙو ڪوبہ ڪم نہ آهي، جنهن کي هو پورو

ڪري نٿا سگهن، بشرطيڪ چڱيءَ طرح انهن جي
اڳواٽي ڪئي وڃي.
البت دنيا سان هڪ خيال رهڻ لاءِ جهڙي تعليم ۽ ترتيب
هئڻ گهرجي، سک قوم ۾ ان جي گهٽتائي آهي. ايندڙ
وقت ۾ جيڪڏهن سکن کي پوري تعليم جو پرچار نہ ٿيو
تہ پارت جي قسمت ۾ گهڻو ڏک لکيل آهي.'

لعلچند آريہ 'هندو ساهت' ماهوار طرفان ڇپايل پنڊت چندر گپت وديالنڪار جو 'جناح کي جواب' (1941ع) آهي.

'اڄ ڪالهہ جو سڌارو' هن گجراتي ناول جو بنيادي ليکڪ آهي نڪر نارائڻ وشنجي چتر ڀج (1915ع). ترجمو هرومل پريمچند شرما ڪيو آهي، ۽ سناتن ڌرم پرچارڪ پتر طرفان ڇپايو ويو آهي. هن ناول ۾ سماج سڌار ۽ سوديشي پرچار تي زور ڏنل آهي.

'لڙائيءَ جو لڙاٽ ۽ ڪانئرن جو ڪوڪاٽ' (1940ع) مصنف حاجي شاهہ نواز ۽ حاجي جمال الدين پيرزادو. هي ڪتاب ليکڪن شهيد هاسارام پمناڻيءَ کي پيٽا ڪيو آهي مهڙ ۾ هن جو فوٽو بہ ڏنو ويو آهي.'

'هزار افسوس پيارو پمناڻي پرلوڪ پڌاريو سو پبلڪ جو
سچو پورهيت، ڪنهن ماريو هو سنڌ جو ڏيئو روشن
هاسارام سو ٿيو ڏينهن ڏٺي جو هاءِ قتلام...

هن ڪتاب ۾ ليکڪن سنڌ جي پوليس ڪاتي تي سخت جلهہ ڪئي آهي، جن ڀڳت ڪنوررام ۽ شهيد پمناڻيءَ جي خونين کي جهلڻ ۾ لاغرضائي ڏيکاري آهي. انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ بہ هنن ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جو موزون موقعو ڄاڻايو آهي. هن ڪتاب ۾ آيل هي نڪتو قابل ذڪر آهي:

'آزادي بہ ڪا اهڙي شيءِ آهي ڇا جو هڪڙو ٻئي کي
ڏيئي سگهندو؟ آزادي ڪا تحفو تہ ڪين آهي، جو
انگلنڊ ڪٿي هندوستان کي عطا ڪري؟ آزادي تہ هڪ
طاقت آهي، جا پنهنجي اندر مان ئي اُپرندي آهي ۽ اُها

تڏهن اُپرندي، جڏهن آزاد رهڻ جو اِرادو مضبوط ٿي ويندو. آزاديءَ جي معنيٰ آهي طبيعت جي مضبوطي. طبيعت جي تيار ڪرڻ جو ڪم ته سڀ ڪنهن کي پنهنجي سر پاڻ ڪرڻو آهي ۽ هن ۾ ته ڏي وٺ جي ڳالهه آهي ئي ڪانه. جڏهن هندوستان جا ماڻهو طبيعت جا مضبوط ٿي ويندا ۽ دليري منجهن ديرو ڪري ويندي، تڏهن پاڻهي آزاد ٿي پوندا ۽ ڪوبه سندن اوج جي آڏو اچي ڪين سگهندو.'

**مائيڪرو فلم ۾ درج سنڌ جو احوال:**

1930ع سال جو 'ڪراچي هئنڊ بوڪ' مائيڪرو فلم پروجيڪٽر ذريعي ڏٺم جنهن مان سُڌ پئي ته ڪراچيءَ جي 'سنڌ سُڌار' عربي- سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ جهوني ۾ جهوني اخبار هئي، جنهن جو سنڌ، بلوچستان، پنجاب ۽ ايران جي ڪاريءَ ۾ وڏو ڪاپو هو تنهن وقت اُن جو ايڊيٽر گلابراءِ خانچند هو.

انگريز حڪومت جي سرپرستيءَ هيٺ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ انگريزي اخبار 'ڊيلي گزيٽ' جا 1910 کان 1915ع تائين جا شمارا هت مائيڪرو فلم ۾ درج ٿيل آهن. 28 جنوري 1910ع وارو شمارو پڙدي تي ڏسندي نظر هڪ ڪورٽ ڪيس تي پوي ٿي. 'سوديش هلچل يا محب وطن انڪ جا رايا' ڪتاب لکڻ ۽ ڇپڻ جي ڏوهه ۾ سرڪار ٽن ڄڻن خلاف ائڪٽنگ سيشن جج سکر وٽ مقدمو داخل ڪيو هو. جج پنهنجي 21 جنوري 1910ع تي ڏنل فتوا ۾ هن ڪتاب جي ليکڪ گورڌن لعل ٽوپڻ لعل کي ۽ پريس جي مالڪ ويرومل ليکراج ۽ پرنٽر چيٺومل هريرام کي ٽن ٽن سالن جي سزا ٻڌائيندي ڪتاب تي رايو ڏيندي چيو ته هي ڪتاب انگريز سرڪار خلاف بغاوت ۽ نفرت جي آگ ٿو پڙڪائي. مهاڳ ۾ ڀارت جي شاندار ماضيءَ کي اجوڪي غلاميءَ جي اوندهه سان ڀيٽيو ويو آهي. تلڪ کي ملڪ جو بي تاج بادشاهه ۽ هند جو دلارو سپوت سڏيو ويو آهي ۽ ٻاهران ايندڙ پرڏيهي مال جو بائڪاٽ ڪرڻ جي صلاح ۽ ڏيهي مال خريد ڪرڻ

جو پرچار ڪيو ويو آهي.

سال 1912ع ۾ جڏهن انگريزن هندوستان جي گادي ڪلڪتي کان دهلي کڻي وڃڻ جو ارادو ڪيو تہ راتورات ڪراچي بندرگاهہ جي اهميت وڌي ويئي. پنجاب جي اخبارن ۾ اڳواٽن زبردست پروپئگنڊا ڪري سرڪار مٿان زور آندو تہ سنڌ صوبي کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان الڳ ڪري پنجاب سان ڳنڍيو وڃي. پنجاب وارن ان طرح ڪراچي بندرگاهہ کي پاڻ سان ملائڻ ٿي چاهيو. سنڌ جي اخبارن ان سازش جي زبردست مخالفت ڪئي.

'ڊيلي گزيٽ' ۾ سنڌ جي ڀين جدا جدا اخبارن جا ايڊيٽوريل حوالي طور ڏنل آهن، جن ان رٿ جي مخالفت ڪئي هئي. انهن مان ڪي ٽڪرا اڄ بہ تاريخي اهميت رکن ٿا:

'پنجاب سان سنڌ جي نہ ڳڏجڻ جا سبب' فونڪس ڪراچيءَ جي 19 جنوري 1912ع جو ايڊيٽوريل ليک:

'..... هينئر اسين جاگرافي طور بمبئي پريزيڊنسيءَ سان گڏ هوندي بہ اُن کان گهڻو پري ۾ ڪٽيل آهيون. ان ڪري ٻين پرانتن جا ماڻهو اسان وٽ اُتلجي نٿا اچن. پنجاب سان ڳڏجڻ تي اهو قدرتي بچاءَ نہ رهندو. پنجاب ۾ هندو مسلمان ايڪتا جو بہ نهايت ئي خراب رڪارڊ رهيو آهي. خود پنجاب جي ڊپٽي ڪمشنر جي اها قبوليت آهي تہ انهن فرقيوار فسادن سبب ميونسپالٽي ۽ لوڪل بورڊن جو راڄ ڪاروبار هلائڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. سنڌ لاءِ بمبئي شروع کان آدرش پئي رهي آهي، جتي جدا جدا فرقن ۾ نهايت ساز سلوڪت رهي آهي. ان ڪري انهن جي ليڊرن ۾ ايڪتا ۽ سهيوگ جي ڀاونا آهي. پنجاب جي عوامي زندگي اڃا ڀاروتڻ ۾ آهي، جڏهن تہ بمبئي هندوستان جي اعليٰ سپوتن دادا ڀائي نوروزجي، فيروزشاهہ مهتا، راناڊي طيب جي، گوکلي

جي جنم ڀومي آهي. ان ڪري سنڌ جي سماجي، اخلاقي، ۽ سياسي ڀلائي ان ۾ آهي تہ اها ملڪ جي سڀ کان وڌيڪ ترقي ڪيل پريزيڊنسيءَ سان ڳنڍيل هجي. نہ صرف انهن مٿين فائدن جي ڪري بلڪ پنهنجي مخصوص جذبن ۽ دلي جذبن سبب بہ سنڌ بمبئيءَ کان ڇڄي ڌار ٿي پنجاب سان پاڻ ڳنڍڻ جي مخالفت ڪندي ايندي، جيئن هن کان اڳ 1887ع ۾ آيل ساڳي رٿ جي مخالفت ڪئي ويئي هئي.

22 جنوري 1912ع جي سکر 'الحق' اخبار جو ايڊيٽوريل ليک 'سنڌ پنجاب سان گڏجڻ کان صاف انڪار ٿي ڪري':

'پنجاب سان گڏجڻ سبب سنڌ جي خودمختياري ختم ٿي ويندي.... جيئن تہ پنجابي تعداد ۾ گهڻائيءَ ۾ آهن. سنڌين کان وڌيڪ سکيا ستابا آهن ۽ پنهنجي طاقت ۽ اثر رسوخ سبب سنڌين کي سرڪاري نوڪرين ۾ اپڙڻ نہ ڏيندا. اسان کي اڳ ۾ئي نارٿ ويسٽرن ريلوي جو آزمودو آهي. ان جو هيڊڪواٽر لاهور ۾ هئڻ سبب، سنڌي قابليت ۾ بهتر هوندي بہ ريلوي ۾ نالي ماتر آهن.

سيني کي سُڌ آهي تہ بمبئي يونيورسٽيءَ جو درجو پنجاب يونيورسٽيءَ کان گهڻو اوچو آهي. جيڪڏهن سنڌ کي پنجاب سان ڳنڍيو ويو تہ پوءِ سنڌين جا هيل تائين تعليم ۾ ترقي ڪئي آهي اُها پنتي موٽ کائي ويندي'

هن انڊيا آفيس لائبريريءَ جو سنڌي ڀاڱو پاڪستان کان آيل هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي هٿ هيٺ آهي، جنهن اڙدو ڀاڱي کي تہ 'اپ ٽُ ڊيٽ' رکيو آهي. باقي ورهاڱي بعد لائبريريءَ جي اختياريءَ وارن کان هڪ بہ سنڌي ڪتاب ڪونہ خريد ڪرايو آهي. هند مان ڇپيل ڪو هڪ بہ ڪتاب نظر اچي ٿو. سنڌ ۾ ڇپيل بہ ٽي سؤ ڪتاب ڪنهن امريڪي يونيورسٽيءَ کان دان ۾ مليل فرش تي ڍڳ ٿيا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. هن شهزادي سليم کي

سنڌي ڪتاب شيلف تي سجائي رکڻ يا انهن جي ياداشت تيار ڪرڻ جي فرصت نٿي ملي.

اصل ۾ ڏوهہ اسان سنڌين جو آهي. پنهنجي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي هن ڏکدائڪ حالت لاءِ اسين پاڻ جوابدار آهيون. اسان سنڌين کي پنهنجي مادري ٻوليءَ لاءِ صفا چاهہ ڪونہ رهيو آهي. ان کي اسين پاڻ ئي هڪ ڏاري ٻولي سمجهڻ لڳا آهيون. ٻارن سان اُها ڳالهائڻ ۾ شرم ٿا محسوس ڪريون. سنڌي ادب پڙهڻ جو تہ هينئر ڪنهن بہ سنڌيءَ کي وقت ڪونهي. ان جي خريد ڪرڻ ۾ هو پنهنجو پئسو ضايع ڪرڻ نٿو چاهي. انهيءَ پئسي جو هن لاءِ بهتر استعمال آهي. اسڪاچ وسڪي پيئڻ، ڪنهن وڏيءَ ڪلب جو ميمبر ٿيڻ يا ڌيءَ پٽ جي شاديءَ ۾ پئسي کي آتشبازيءَ جيان ٻارڻ. ڪاش! اسين سنڌي مئڪسم گورڪيءَ جي هن چوٽيءَ تي غور ڪريون تہ:

’جيڪي ڪجهہ منهنجي ذهن ۾ بهترين سمايل آهي، اهو سڀ ادب جي هنن سندر ڪتابن بدولت آهي‘.

اهي ڪتاب ئي انساني ذهن کي ٿيپين ٿاهين ٿا. اسان جي تنگ تعصبي اونداهي ذهن مان مٽي، دز ڇارا صاف ڪري، پوسل کي تڙي، روشن هوادار بڻائين ٿا. هي لائبريريون ئي علم عقل، ساڃهہ جا درسگاهہ آهن، جيڪي انسان کي مهذب بڻائين ٿيون. ڪاش، اسان سنڌين کي اهڙي ساڃهہ اچي جو پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ سندر ڪتاب ڇپائڻ، شهر شهر ۾ لائبريريون قائم ڪرڻ لاءِ ٽرسٽ کڙا ڪريون. انهن ويچارن سان مان انڊيا آفيس لائبريريءَ جي اسٽاف جا ٿورا مڃيندي، علم ۽ عقل جي هن کاڻ کي الوداع ڪريان ٿو.

# برطانوي حڪومت دوران بندش هيٺ آندل سنڌي ادب

وطن سان محبت، آزاديءَ لاءِ پيار ۽ وطن لاءِ قربانيءَ جو جذبو شايد سنڌين جي جنم سرشت ۾ شامل آهي. سنڌي مائرون پنهنجن ٻارن کي ننڊ ڪرائڻ وقت، ڪين لولي ڏيندي منجهن اِهي گُڻ پريندي هيون. حُب الوطنيءَ جا اُهي خيال جڳن کان سنڌين جي من ۾ شعور جو سينگار پئي رهيا آهن.

حب الوطنيءَ جي روايت ڪي اڳتي وڌائيندي، برصغير جي آزاديءَ واري هلچل دوران، سنڌ جي سنڌين آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڀرپور حصو ورتو. سنڌ جي سياسي ماڻهن ئي نہ پر سماج جي هر حصي جي ماڻهن- ماسترن، وڪيلن، واپارين، ليکڪن، شاعرن، ساڌ ۽ وند مردن توڙي عورتن، ٻڍن چاهي ٻارن، آزاديءَ جي اِن مهان جنگ ۾ پنهنجي قرباني ڏني.

هڪ طرف هيمون ڪالاڻي، هاسانند پمناڻي، شهيد صبغت الله شاهہ راشدي ۽ الله بخش سومري جهڙن سورمن پنهنجي جان جي قرباني ڏئي شهادت ۽ امرتا ماڻي تہ ساڳئي وقت ٻين هزارين آزاديءَ جي مجاهدن پنهنجا ڪم ڪار ڌنڌا واپار ڇڏي آزاديءَ جي لڙائيءَ کي اڳتي وڌايو ڪئين سختيون سٺائون ۽ جيلن جون ياترائون بہ ڪيائون.

هوندئن تہ اِن آزاديءَ جي هلچل ۾ سماج جي هر طبقي پنهنجو ڪردار نڀايو پر هتي موضوع جي تقاضا موجب فقط انهن قلم جي سپاهين جو ئي ذڪر ڪبو جن جي قلم جي هلڪي مس بہ انگريز سرڪار مٿان هڪ ڳورو پهاڙ بڻجي ڪرندي هئي ۽ جن جي لفظن جي نشترن جو گهاءُ انگريزن لاءِ سنڌن بندوقن ۽ توبن کان بہ وڌيڪ ٿهري بڻجي پيو هو ۽ اُهي اُن

کان ايترو تہ ڏکي ۽ چرکي ويا، جو پنهنجن سمورن هٿيارن ۽ گولن-بارودن هوندي بہ اُنهن قلم جي سپاهين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ، سندن آواز کي ئي دٻائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ Press Ordinance Act ۽ Schedule 124_A جهڙا نادر شاهي قانون پاس ۽ لاڳو ڪري، اُنهن ادبي سورمن جي تخليقن ۽ ڪتابن تي بندش لاڳو ڪيائون. اُنهن کي بار بار جيلن جون سزائون ۽ ٻيون تڪليفون ڏنائون. نہ فقط ايترو پر سينسر ائڪٽ لاڳو ڪري حب الوطنيءَ جون رچنائون رچڻ تي پابنديون وڌائون. ڇپيل ڪتاب ضبط ڪيائون، اُنهن جي وڪري تي بندش وڌائون. اهڙن ڪتابن ۽ اخبارن ڇپيندڙ ڇاپخانن ۽ پريسن تي ضبطين جا آرڊر بہ ڪڍيائون.

آزاديءَ جي لڙائيءَ دوران انگريز سرڪار طرفان سنڌي اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن تي ڪيل ظلم ۽ اتياچار اُنهن کي ڏنل پيڙائون ۽ سزائون ۽ اُنهن جي موت ۾ سندن نہل ۽ بي سهاريءَ پر پنهنجي مقصد سان ثابت قدم رهيل اديبن طرفان پنهنجي هوش ۽ صبر کي قائم رکندي پنهنجي سيني کي سپر بڻائي، انگريز سرڪار جو مقابلو ڪرڻ واري ڪهاڻي، پنهنجو پاڻ ۾ هڪ وير گاٿا (سورهيائيءَ جي ڪهاڻي) هڪ مڪمل تاريخ آهي. اهڙي تاريخ جنهن تي ڪوبہ سماج جائز طور فخر ڪري سگهي.

سنڌ ۾ آزاديءَ جي لڙائيءَ جو سڀ کان پهريون آواز 1857ع ۾ اخبارنويسيءَ جي ميدان ۾ اُٿيو. اُن زماني ۾ ٿيل بغاوت وقت، سنڌ کان ٻاهر ڪجهہ هنڌن تي وڏي پئماني تي قتلِ عام ٿيا هئا. انهن جي مدنظر انگريز سرڪار اخبارن تي پابنديون لڳايون هيون، جيئن سنڌ جي اخبارن ۾ ٻاهر ٿيل قتلِ عام ۽ فسادن جون خبرون نہ ڇپجن ۽ بغاوت جي لهر سنڌ ۾ بہ نہ ڦهلجي. پر سنڌ ۾ جيئن ئي اخبارن تي پابنديون وڌيون ويون، تيئن ئي اخبارن ۾ اُنهن جي مخالفت ۾ جوالا ڀڙڪي اُٿي. "سنڌ قاصد" نالي اخبار پنهنجي جولاءِ 1857ع واري پرچي ۾ اُنهن پابندين جي زبردست مخالفت ڪئي ۽ سرڪار کي چتاءُ ڏنو تہ ان نادرشاهي حڪم سبب جيڪي نتيجا نڪرندا، سي خود سرڪار لاءِ بہ فيض مند نہ هوندا.

انگريزن طرفان سينسرشپ ۽ پابنديون لڳائڻ ۽ سنڌي ليکڪن ۽

ساڳيهہ وندن طرفان اُنهن جي مخالفت ۽ مقابلي ڪرڻ جو سلسلو هڪ دفعو شروع جو ٿيو تہ پوءِ هلندو ئي رهيو. نہ انگريزن ئي پنهنجي ڏاڍ ۽ اتياچار ۾ ڪا ڍر آندي ۽ نہ ئي سنڌ جا آزادي- پسند ليکڪ، صحافي ۽ شاعر ئي پنهنجي پسند ڪيل راهہ تان ٽريا. اِن سڄي وٽ وٺان ۽ پڪڙ پڇاڙ دوران آنيڪ سنڌي ڪتاب ۽ رسالا، شعري مجموعا، سوانحي ڪتاب، ڪهاڻين ۽ مضمونن جا مجموعا، اخبارون ۽ مخزنون انگريز سرڪار جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو شڪار بڻيا. پهرين تہ ناپسند مواد جي ڇپائيءَ تي بندش وڌي وئي، پر ڏنڊ نہ ڀرڻ جي صورت ۾ وڌ ۾ وڌ ڪتاب ضبط ڪيا ويا، اهڙي باغي مواد جي وِڪري، ورهاست ۽ پڙهڻ تي بہ پابنديون مڙهيون ويون. ڪيترين پريسن ۽ ڪتابن جي دُڪانن جا ليسن رد ڪيا ويا ۽ دُڪانن ۽ لائبريرين ۽ خانگي هنڌن تان حب الوطنيءَ جا جذبات جاڳائيندڙ ڪتاب هٿ ڪري، ضبط ڪيا ويا.

اهڙين پابندين لڳل ۽ ضبط ڪيل ادبي تخليقن جو وچورُ آسانيءَ سان مُهيا نہ هو. انگريزن فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي نہ، ڀارت جي سمورين ٻولين- هندي، بنگالي، آسامي، گجراتي، مراٺي، تامل، تيلگو ۽ مليالم ۾ بہ پنهنجي ناپسنديءَ وارين انيڪ لکيتن ۽ ڪتابن تي پابنديون لڳايون هيون ۽ اُهي ضبط ڪيا هئا. اِن ڪري اهڙن ڪتابن ۽ لکيتن جي لسٽ بہ تمام وڏي آهي. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ اُهي ضبط ٿيل ڪتاب، رسالا ۽ مخزنون سولائيءَ سان دستياب ٿي بہ نٿا سگهن، ڇوتہ منهنجي ڄاڻ موجب، اُنهن مان ڪي ٿورڙا ئي نئين دهليءَ واري 'National Archives of India' ۾ موجود آهن ۽ باقي گهڻا يا سمورا لنڊن ۾ برٽش لائبريري، انڊيا آفيس لائبريري يا برٽش ميوزم ۾ رکيل آهن، جيڪي عام ماڻهن لاءِ سولائيءَ سان ميسر نہ آهن.

اهڙن ڪتابن تي رسائي تہ ڏکي آهي ئي، خود اُنهن ڪتابن جا ڪوڊ نمبر ۽ حوالاتي ڪئٽلاگ هٿ ڪرڻ بہ هڪ انڪائيو ڪم آهي. اهڙيءَ حالت ۾ راقم پنهنجي طرفان ڪوششون وٺي سنڌ ۾ ۽ هند ۾ واسطيدار مرڪزن سان رابطو قائم ڪري ۽ پڻ لنڊن ۾ صحيح هنڌن سان لِکپڙهہ ڪري، اِن قسم جي ڪتابن رسالن، اخبارن، مخزنن، پوسٽرن ۽ ٻين

اهڙين لکيتن جي عنوانن، اُنهن جي ليکڪن جي نالن، حوالن ۽ لائبريرين ۽ ڪتاب گهرن ۾ اُنهن جي ڪوڊ نمبرن بابت پتو لڳايو ۽ بعد ۾ برطانوي ادارن سان لک پڙهہ ڪري ۽ اُنهن کي گهربل فيون سندن ضبط – شده سنڌي ڪتابن ۽ رسالن جون فوٽو ڪاپيون، جيڪي اٽڪل 2200 صفحن تي مشتمل آهن، سي هٿ ڪيون. اُنهن ۾ شاعري ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب، ناول، سوانح عمريون، جيل ياترائن جا ڪتاب، پوسٽر، اخبارون ۽ پارٽين جا پڌرناما وغيره شامل آهن.

اهڙي هٿ ڪيل ضبط شده سنڌي ڪتابن ۽ اُنهن جي ليکڪن جا نالا هن طرح آهن:

1. 'قاسي گيت مالها': هوندراج 'دکايل'
2. آلاپ آزادي (شاعري): هوندراج 'دکايل'
3. گانڌي مالا (شاعري): مهاراج ڪاليداس
4. من موهن پچناولي (وطن جي حب جا گيت): نرمل شرما
5. گانڌي گُلشن: موهنداس اُڌارام
6. گانڌي گيت: چتور ڀج لڇيرام
7. آزاد پچناوَلي: نارائڻداس آزاد
8. سوراج جو سنيهو: جيرامداس مولچنداڻي
9. ديش مالا (گُرمکي لپيءَ ۾): جيرامداس مولچنداڻي
10. تِلڪ جي ياد ۾: مهراج ڪرپالداس
11. سوراج مهاتمر: موٽڻداس صوپراج
12. 'هندو' (هاٺوڪي 'هندستان' اخبار جو 'تِلڪ' پرچو)
13. بندي جيون-1: سچيندرناٿ سانيال جي انقلابي
14. بندي جيون-2: زندگيءَ بابت بنگالي ناول جو ترجمو
15. اچڪلهہ جو سُڌارو: نارائڻداس چترويديءَ جي گجراتي ناول جو ترجمو
16. انقلاب زنده آباد: دوارڪا پرساد روچيرام شرما
17. ڏارسن ڪهاڻي: تيرٿداس ليکراج

18. ڏاراسن تي ڪاهه: ستياگرهه بابت لکيل رپورٽ
19. ڪميونسٽ پڌرنامو (1).
20. ڪميونسٽ پڌرنامو (2)
21. جناح کي جواب: چندر گپت وديالنڪار مترجم: لعل چند آريه
22. انگريزن خلاف هڪ ننڍو پوسٽر. سنڌيءَ ۾.
23. لڙائيءَ جو لڙات ۽ ڪانگرس جو ڪُوڪاٽُ: شاهه نواز پيرزادو (نواب شاهي)

مذڪوره ڪتابن ۾ شاعريءَ جا ڪتاب "قاسي گيت مالها" ۽ "آلاپِ آزادي" خاص ذڪر لائق آهن. انهن جو رچناڪار سنڌيءَ جو مشور اديب ۽ شاعر هوندراج 'دُکايل' آهي، جنهن نه فقط انگريز سرڪار جي مخالفت ۾ ادب جي تخليق ڪئي، پر گانڌيءَ جي پڪي پوئلڳ طور آزاديءَ جي جنگ ۾ بهرو ورتو، تن من ڌن ذريعي ملڪ جي هر طرح خدمت ڪئي. هن نه فقط انگريزن جي مخالفت ۾ جوشيليون ۽ دل اُٿاريندڙ شعر لکيا، پر سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پيدل سفر ڪري، ڪنجري ۽ ڍقلي وڄائي، مڌر سُر سان پنهنجا نظم ڳائي ٻڌايا ۽ عوام ۾ ديش- ڀڳتيءَ جي جذبن جي اوت – پروت پري ڇڏي. آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ پنهنجي اِن انوکي ڪردار سبب. هن سنڌي عوام جي دلين ۾ اهڙي ته جاءِ حاصل ڪري ورتي هئي، جو ڪيس سنڌين جو قومي شاعر ڪري مڃيو ويندو هو. آزاديءَ جي اڌ صديءَ بعد به سندس جيئري، هو جڏهن به ڪنهن سنڌي ميڙ ۾ اسٽيج تي ايندو هو ته ميڙ مان ڪئين آواز اُٿندا هئا ته "وڻ ڪهاڙو" يا "اٺ جو آواز" نظم ٻڌايو. هن جي قومي گيتن ۾ پريل امنگون ايتريون ته سهج ۽ جذباتي آهن ۽ سندس ٻولي اهڙي ته سرل، سهج ۽ سگهه ڀري آهي، جو لڳندو هو ته سچيءَ سنڌ جي محب وطنن جو آواز سندس شاعريءَ ذريعي اظهار پائي رهيو آهي.

انگريزن طرفان ضبط ڪيل هوندراج "دکايل" جي ڪتاب "قاسي گيت مالها" جي شروعات، شهيداعظم ڀڳت سنگهه کي قاسي ملڻ تي، "دکايل" طرفان ان واقعي تي لکيل نظم سان ٿئي ٿي، جنهن جو نالو ئي

آهي ’سردار ڀڳت سنگهه‘:

سُوريءَ جي چڙهيو سيج تي سالار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه!

اهو نظم پنهنجي جذبي، ٻولي، شاعراڻن گڻن، تشبيهن ۽ خاص طرح پنهنجي اثردار قافيي ۽ رديف سبب، ايترو تہ لوڪ پسند ٿيو جو اسان جهڙا ماڻهو جن اهو پنجاهہ- پنجونجاهہ سال اڳ پڙهيو ۽ ٻڌو هو تن جي ذهن ۾ اِهو اَڄ بہ گهمي رهيو آهي. آزاديءَ کان پوءِ تہ هند ۾ سنڌي درسي ڪتابن ۾ پڻ ڪئين سالن تائين پاڙهيو ويندو هو.

"قاسي گيت مالها" مجموعي ۾ ٻين بہ ڪيترن آزاديءَ جي سورمن جي جيون ۽ ڪردار بابت شعر بہ شامل آهن، جن ۾ لوڪمانيہ تلڪ بابت نظم خاص طرح ذڪر لائق آهي، جنهن ۾ شاعر لوڪمانيہ بال گنگاڌر تِلڪ جي اصولن ۽ خدمتگذاريءَ جي واکاڻ ڪرڻ بعد چوي ٿو:

خدمتِ ملڪ ۾ هردم ٿو تون مخمور رهين،
پنهنجي هر مرد اِرادي تي ٿو محڪوم رهين.

هوندراج دُکايل جي هن ننڍڙي شعري مجموعي ۾ موضوعن جي خيال کان ڏسجي تہ انقلابي اڳواڻن جي ڪارنامن ۽ قربانين، ديسي شين جي استعمال جي تحريڪ، نشابنديءَ ايڪتا ۽ اتحاد بابت مڏر ۽ اثردار گيت شامل آهن. انهن ۾ گهڻا گيت اهڙا آهن، جيڪي سرگسن ۽ پرڀات ڦيرين وقت ڳايا ويندا هئا.

"قاسي گيت مالها" جو مهاڳ لاڙڪاڻي جي اُن وقت جي نامياري وڪيل ۽ آزديءَ جي لڙائيءَ جي سپاهي، ديوان نهچلداس لکيو هو. هيءَ ڪتاب 1931ع ۾ ڇپيو هو. ان ۾ فقط ٻاويهہ صفحا آهن.

هوندراج "دکايل" جو ضبط ڪيل ٻيو شعري مجموعو "آلاپ آزادي" پڻ وطن دوستيءَ جي رچنائن جو مجموعو آهي. ان ۾ انگريزن طرفان ڪيل استحصال، ملڪ جي غريبي، بدحالي، ملڪي ماڻهن جي آزاديءَ جي آس، انقلابي ڪاررواين ۽ شهيدن جي قربانين جو ذڪر آهي. ڪن شعرن ۾ نوجوانن ۽ عورتن کي مخاطب ٿيندي کين انگريزي حڪومت خلاف اُٿي

ڪري ٿيڻ جو سڏ ڏنو ويو آهي. آلاپ آزاديءَ جو هڪ نظم جيڪو تمام گهڻو مشهور ٿيو هو سو هيئن آهي:

اچا پيي تون آچڻ ڪان جي ڪنديئن اِنڪار آزاديءِ
تہ ڏسنديئن نوجوانن جا سِسيون ڏڙ ڏار آزاديءِ

ضبط ڪيل اشاعتن ۾ "هندو" اخبار جيڪا بعد ۾ "هندستان" بڻي، اُن جو "لوڪمانيہ تِلڪ" پرچو بہ شامل آهي. آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سنڌي اخبارن ۽ رسالن اهڙو ڪردار نڀايو جنهن جو مثال هند جي سمورين ٻولين جي اخبارن (Language Papers) ۾ تہ ڇڏيو خود انگريزي اخبارن ۾ بہ نٿو ملي. هڪ ٿي "هندو" اخبار جيڪا 1916ع ۾ شروع ٿي هئي ۽ مهاتما گانڌيءَ جي آشيرواد جي سنيهي سان جنهن جو مهورت ٿيو هو اُن جا 22-1921 جي "عدم تعاون تحريڪ" واري زماني ۾ هڪ بعد هڪ، ان سلسلي سان ڪُل ملائي آٺ ايڊيٽر برطانوي سلطنت شاهيءَ جي مخالفت ڪرڻ سبب، جيل اُماٽيا ويا ۽ هنن کي ٽن مهينن کان سال جي عرصي تائين جيل جون سزائون ڏنيون ويون. اُنهن ايڊيٽرن ۾ مکيہ هئا: مهراج وشنو شرما، لوڪرام شرما، هيرانند ڪرمچند، گهنشام شوداساڻي، جئرامداس دولترام ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي. مهراج وشنو شرما کي ٽن سالن لاءِ ۽ جئرامداس دولترام ۽ گهنشام شوداساڻيءَ کي ٻن ٻن سالن جي ٽيپ ڏني وئي هئي. اِها "هندو" اخبار بعد ۾ هند ۾ "هندستان" نالي سان نڪرندي رهي ۽ 2003ع ۾ ڏکين حالتن سبب بند ڪئي ويئي.

انگريز سرڪار "هندو" اخبار مٿان اهڙيون تہ سختيون ڪيون جو ان جو ڊڪليئريشن (Declaration) بہ رد ڪيو ويو، پريس کي سيل بند ڪيو ويو ڇپائيءَ تي پابندي لڳائي ويئي، پوءِ بہ اخبار جا ڪيڏندڙ لِڪي ڇپي اخبار شايع ڪندا رهيا ۽ ٽِفن باڪسن، آفيس جي بريف ڪيسن ۽ ٻين ڳجهن طريقن ذريعي اُهي گهربل هنڌن تي پهچائيندا رهيا.

اِن ٿي "هندو" اخبار جو آگسٽ 1931ع وارو پرچو جيڪو "لوڪمانيہ تِلڪ خاص پرچو" ڪري ڪڍيو ويو هو سو بہ ضبط ٿيل اشاعتن ۾ شامل آهي. "هندو" اخبار جي ان ضبط ٿيل اشاعت ۾ Tabloid

سائيز جا چاليهہ صفحا آهن. سرِ ورق تي لوڪمانيہ بال گنگاڌر تِلڪ جي وڏي تصوير آهي. ان پرچي ۾ مهاتما گانڌيءِ، پنڊت جواهر لال نهرو بابو راجيندر پرساد ۽ ٻين قومي اڳواڻن طرفان ان اخبار کي موڪليل پيغامن سان گڏ، سنڌ جي برک آزادي پسند اڳواڻن جهڙوڪ جئرامداس دولترام، پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي، پروفيسر گهنشام شيوداساڻي ۽ ٻين ڪيترن جا قومي مشغلن تي ۽ پڻ قومي سجاڳي پيدا ڪندڙ ليک شامل آهن. اخبار جي هن پرچي ۾ ڪي اهم نقشا ۽ انگريزن جي خلاف ڪارٽون ۽ ٻيو مواد بہ شامل آهي.

"ڏاراسڻ جي ڪهاڻي" ۽ "ڏاراسڻ تي ڪاهہ". مهاتما گانڌيءَ طرفان 1930ع ۾ هلايل 'لوڻ ٽوڙيو تحريڪ' جي سلسلي ۾ سورت ضلعي ۾ بلسار ويجهو ڏاراسڻ نالي سامونڊي علائقي ڏانهن ڪيل مارچ (ڪوُچ) جون اکين ڏٺيون رپورٽون آهن. "ڏاراسڻ جي ڪهاڻي" ڪتاب تي ليکڪ جو نالو حيدرآباد سنڌ جو تيرٿداس ليکراج آهي. پر ٻئي ڪتاب "ڏاراسڻ تي ڪاهہ" تي جيتوڻيڪ ليکڪ جو نالو لکيل نہ آهي، پر ڪتاب ۾ احوال گهڻي ڀاڱي ساڳيو ۽ اسلوب بہ بلڪل ساڳيو آهي، فقط ڪجهہ احوال وڌيڪ آهي.' ان ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ اِهو ڪتاب بہ تيرٿداس ليکراج جوئي لکيل آهي.

هنن ٻنهي ڪتابن ۾ لوڻ واري تحريڪ جي ضرورت تي روشني وجهنديءَ عام ماڻهن کي اِن ستياگرهہ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آماده تہ ڪيو ويو آهي، پر سموري "ڏانڊي مارچ"، جنهن جي آخر ۾ ڏاراسڻ اچي ٿو اتي ٻاپوجيءَ سمنڊ جي ڪناري وٽان لوڻ جي چپٽي کڻي، انگريزن جي لاڳو ڪيل لوڻ واري قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي هئي، جنهن دوران انگريز سپاهين ستياگرهي ماڻهن سان وحشياڻو وهنوار ڪيو هو ان سڄي ڪارروائيءَ جو اکين ڏٺو احوال درج ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ رپورتاج نالي صنف جا اِهي ڀريان ڪتاب آهن. گهڻو پوءِ موهن ڪلپنا بہ گوئا جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ شامل ٿي "اڃا رات باقي آهي" نالي رپورتاژ لکي.

ضبط ٿيل ڪهاڻين جي ڪتاب ۾ شري دوارِڪا پرساد روچيرام

جو ڪتاب "اِنقلاب زنده آباد" خاص ذڪر لائق آهي. اُن ۾ ڏهن سالن جي عمر واري گنگا نالي هڪ ڇوڪريءَ جي دل پگهرائيندڙ ڪهاڻي ڏنل آهي، جنهن جو پيءُ تہ انگريز سرڪار سان وفادار هڪ پوليس عملدار آهي، پر هوءَ ٻارڙي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ پيئي تڙڦندي هئي. گنگا جي ماءُ حيات نہ هئي. گنگا پنهنجي آس پاس ٿيندڙ ڳالهيون ڏسي، هتان هُتان انقلابين جي ڪارنامن جون ڪهاڻيون معلوم ڪري، "انقلاب زنده آباد" جا نعرا ٻُڌندي، آزاديءَ جي تحريڪ طرف متوجهہ ٿئي ٿي. هوءَ گهر ۾ اڪيلي رهندڙ آهي. گهر ۾ هڪ طوطو پاليل اٿس، جيڪو پڃري ۾ رهي ٿو. گنگا اڪيلائيءَ ۾ ويهي طوطي کي "اِنقلاب زنده آباد" جو ورد ڪرائي ٿي. گنگا طوطي کي اِهو بہ سبق پڙهائي ٿي.

اچانڪ گنگا جي گهر ۾ الله آباد مان سندس هڪ نوجوان رشتيدار گوبند اچي ٿو جيڪو آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ بهرو وٺندڙ آهي. گوبند گنگا کي انقلابين جون ڪهاڻيون ٻڌائي، هن کي آزاديءَ جي هلچل ۾ بهرو وٺڻ لاءِ تيار ڪري ٿو. قصو ڪوتاه، هڪ ڏينهن جڏهن آزاديءَ جي تحريڪ جي سلسلي ۾ جلوس نڪري ٿو تہ اُن ۾ گوبند سان گڏ گنگا بہ شامل ٿئي ٿي. گنگا جي پوليس عملدار پيءُ جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس جو جٿو اُن جلوس تي آنسو گئس، لٺين ۽ بندوقن سان ڪاهي پوي ٿو. پوليس ڪارروايءَ دوران گنگا لٺين لڳڻ سبب گهايل ٿي ڪري پوي ٿي. گوبند بہ پوليس جي حملي جو شڪار ٿي گنگا جي پاسي ۾ ڪري پوي ٿو. گنگا جو مٿو لٺين جي ڌڪن لڳڻ سبب ڦاٽي پيو آهي. گنگا جي ڪِري پوڻ ۽ چيخڻ چلائڻ تي سندس پيءُ پوليس عملدار جو ڌيان هن طرف وڃي ٿو. پنهنجي ڌيءُ کي مرڻينگ حالت ۾ ڏسي، هو آوايو رهجي وڃي ٿو. مرندي مرندي بہ گنگا جي وات مان هڪ ئي آواز نڪري ٿو "اِنقلاب زنده آباد"!

ڪهاڻيءَ جي انت ۾ ڏيکاريل آهي تہ ڌيءُ جي اهڙي دردناڪ موت تي دکي ٿي، اُن ڪٺور دل پوليس عملدار جي من ۾ بہ ڦيرو اچي وڃي ٿو. هو واپس گهر اچڻ تي ڏسي ٿو تہ پڃري ۾ بند طوطو چوي پيو "اِنقلاب زنده آباد". پر جيئن تہ طوطو ڏسي ٿو تہ سندس ساٿڻ گنگا نظر ئي نٿي اچي، ڪيس ڪا

وراڻي ٿي نٽي ڏني، تڏهن هو ڦٿڪڻ ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳي ٿو. اُن وقت ان ظالم پوليس عملدار جي وات مان بہ ازخود نڪري وڃي ٿو ڇٽ پٽ "اِنقلاب زنده آباد". پر پوليس عملدار ڏسي ٿو تہ طوطو پنهنجي ساٿڻ گنگا جي وڇوڙي ۾ ساهہ ڏئي اڳيئي وڃي هن سان مليو هو. تڏهن اهو عملدار طوطي کي پڃري مان ڪڍي آزاد ڪري ٿو.

بندش ٿيل ناولن ۾ اٽڪل پنج سئو صفحن جو بنگاليءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ناول، "بندي جيون" بہ شامل آهي، جنهن ۾ سُچيندرناٿ سانيال نالي انقلابيءَ جي انقلابي ڪارروائين ۽ انگريزن طرفان هن کي جيل ۾ ڏنل سزائن جي دل ڏاريندڙ ڪهاڻي ڏنل آهي.

ٻيو هڪ ڪتاب "آڄ ڪالهہ جو سُڌارو" نارائڻداس چتورويديءَ جي لکيل گجراتي ناول جو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي. هن ناول ۾ انگريزن جي طور طريقن ۽ اُنهن جي زندگيءَ تي نُڪتہ چيني ڪندي، انگريزن جو نقل ڪندڙ انگريزن جي خوشامد ڪندڙ هندستانين تي طنز ۽ ٺوڪ زني ڪئي ويئي آهي ۽ ملڪ واسين کي آزاديءَ جي راهہ ڏانهن آماده ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب ٽئبلائڊ سائيز جي 190 صفحن تي مشتمل آهي.

ضبط ٿيل اشاعتن جي لنڊن مان گهرايل فوٽو ڪاپين ۾ سنڌ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا بہ اعلان ناما (Declarations) بہ شامل آهن. اِهي اعلان ناما سنڌ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سکر واري شاخ جا ڇپايل آهن، جن مان هڪ جو عنوان آهي:

"سلطنت شاهيءَ تي آخري حملي جي تياري ڪريو."

اِن پڌرنامي ۾ هندستان مان انگريزن کي ڀڄائي ڪڍڻ لاءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو پروگرام ڏنل آهي، جنهن جا ڪجهہ اهم نقطا هن ريت آهن:

(1) سلطنت شاهيءَ کي نابود ڪرڻ جي ضرورت؛
(2) محدود طرح سِول نافرماني حڪمت عمليءَ تي عمل؛
(3) موجوده (اُن وقت) وقت جون ضرورتون؛

(الف) وڏي تعداد ۾ والنٽيئر ڀرتي ڪري اُنهن کي تربيت ڏني

وڃي؛
(ب) ٻي مھاڀاري جنگ ڏانھن ڪانگريس جي رويي کان ماڻھن کي پوريءَ طرح واقف ڪيو وڃي؛
(ٻ) ھفتي ۾ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ميٽنگ ضرور ڪئي وڃي؛
(پ) قومي ادب جي ڇپائي ۽ ورھاست تي زور ڏنو وڃي؛ ۽
(ڀ) پورھيتن ۽ سرڪاري ملازمن ۾ مھانگائيءَ خلاف پرچار ڪيو وڃي.

انگريزن طرفان ضبط ڪيل سنڌي اشاعتن ۾ ٻہ اشاعتون سنڌي ٻوليءَ ۾، پر گرمکي لپيءَ ۾ آھن. اُنھن ۾ آزاديءَ جي اُمنگن سان ڀرپور شعر آھن. اُھي گرمکي لپيءَ ۾ شايد اِن ڪري آھن, جو اُن وقت اسان جون مائر ڀينر گرمکي لپيءَ ۾ ٻہ سنڌي ادب پڙھنديون ھيون. انگريزن اِتي ٻہ جوکو کڻڻ نہ چاھيو ھو ۽ اھڙن ڪتابن کي ٻہ ٻنجو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي.

حاصل ڪيل مواد ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻہ پوسٽر ٻہ آھن, جيڪي تمام مختصر آھن ۽ اُنھن جو پيغام اِھو آھي تہ انگريزن کي ملڪ مان ڀڄائي ديس کي آزاد ڪيو وڃي؛

سموري ضبط ٿيل ۽ ھاٿي حاصل ڪيل سنڌي ادب تي باريڪيءَ سان نظر وجھڻ سان جيڪي ڳالھيون ڏيان تي اچن ٿيون, سي ڪجھہ ھن طرح آھن:

1. سنڌي ليکڪن, شاعرن ۽ صحافين, انگريزي حڪومت, سنڌن پاليسين ۽ انگريزن جي حمايت ڪندڙ ھندستانين جي زوردار مخالفت ڪئي وڃي.
2. ھونئن تہ ضبط ٿيل ادب ۾ شاعريءَ, ڪھاڻين, ناولن, اخبارن ۽ رسالن سميت ھر طرح جون اشاعتون آھن, پر گھڻي ۾ گھڻا ڪتاب شاعريءَ جا آھن.
3. شاعريءَ ۽ ڪھاڻين جي ٻولي جذبات جاڳائيندڙ سھج, سرل ۽ اُتساھہ ڏياريندڙ آھي. شعر اھڙا آھن, جيڪي سولائيءَ سان ياد ٿيون ۽ ڳائي ٻہ سگھجن.

4. قديم هند جي تهذيب ۽ ڪلچر ڏانهن عوام کي سُجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.
5. ڪانگريس، ڪميونسٽ پارٽي، هندو مهاسڀائي، آريہ سماج، مطلب تہ هر قسم جي ويچار ڌارا وارن جو ادب ضبط ڪيو ويو هو.
6. هندن توڙي مسلمانن ۾ پڻ هر فرقي جي ليکڪن اهڙيون رچنائون رچيون، جن کي انگريز سرڪار اعتراض جوڳو ليکي، اُنهن تي پابنديون لڳايون ۽ ضبط ڪيو.

ان طرح ڏسبو تہ سڄيءَ سنڌ جي ماڻهن انگريزن جي زوردار مخالفت ڪندڙ آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڪردار نڀايو ۽ اهڙي پيتا ڏني، جنهن تي ڪابہ قوم جائز طور فخر وٺي سگهي ٿي.

# 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' نيٺ شايع ٿي وئي



سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ، سنڌي ٻوليءَ جي پهرين جامع انسائيڪلوپيڊيا، "**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا**" جو پهريون جلد "**الف، ب ۽ ٻ**" اکرن تي مشتمل ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. هن تاريخي دستاويز ۾ 80% سنڌ سان لاڳاپيل مواد آهي، جهڙوڪ: شخصيتون، ماڳ مڪان، ڍنڍون ڍورا، واهه وهڪرا، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، آبي ۽ زميني پکي ۽ حياتيات، رسالا، ڪتاب، اخبارون، صحافي، اديب، شاعر، عالم علمي ادارا، ريتون رسمون، هنر، ڳوٺ، ڏيهون، قومون، قبيلا، ذاتيون، مذهب، فرقا، راڳ، ناچ، موسيقي، فنڪار، ڳائڻا، خانقاهون، درگاهون، قبرستان، ميلا ملاکڙا، سياسي شخصيتون وغيره ۽ 20% دنيا سان لاڳاپيل ڪائناتي، سائنسي، فني ۽ ٻين موضوعن تي مواد ۽ ايجادون وغيره شامل آهن.

650 صفحن تي مشتمل هي اهم دستاويز 100 گرام آرٽ پيپر تي ڇئن رنگن ۾ تصويرن سان ڇپايو ويو آهي ۽ ان جي قيمت صرف 750/- روپيا رکي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءُ پهرين رنگين تصويرن سان آرٽ پيپر تي ڇپايل انسائيڪلوپيڊيا آهي. پهرئين مرحلي ۾ ڪتاب جون ٻه هزار ڪاپيون ڇپايون ويون آهن. جيڪي ختم ٿيڻ تي آهن. سنڌ جي باري ۾ هن اهم دستاويز لاءِ ادارن، اديبن ۽ علم دوستن کي ترت آرڊر بڪ ڪرائڻ لاءِ گذارش ڪجي ٿي.

## Editorial Board

Muhammad Ibrahim Joyo
Dr. Ghulam Ali Allana
Dr. Sahar Imdad



ISSN: 968_8194_01_0


# SINDHI BOLI

(Research Journal)


| | |
|---|---|
| **Chief Editor:** | Dr. Fahmida Hussain |
| **Editor:** | Taj joyo |
| **Asst. Editor:** | Khalid Azad |
| **Composing:** | Hussain Ahmed Memon |
| **Graphics** | Assadullah Bhutto |
| **Vol:** | II |
| **Issue:** | VI- October-December, 2009 |
| **Quantity:** | 1000 |
| **Price:** | Rs 50/= |
| **Published by:** | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| **Tel:** | 022-9240050-3 |
| **Fax:** | 022-9240051 |
| **E-mail:** | sindhila@yahoo.com |
| **Website:** | www.sindhila.org |
| **Printed by:** | Pakeeza Printers & Publishers, Hyderabad, Sindh. |

# 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' نيٽ شايع ٿي وئي




سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ، سنڌي ٻوليءَ جي پهرين جامع انسائيڪلوپيڊيا، **"انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا"** جو پهريون جلد **"الف، ب ۽ ٻ"** اکرن تي مشتمل ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. هن تاريخي دستاويز ۾ 80% سنڌ سان لاڳاپيل مواد آهي، جهڙوڪ: شخصيتون، ماڳ مڪان، ڍنڍون ڍورا، واهه وهڪرا، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، آبي ۽ زميني پکي ۽ حياتيات، رسالا، ڪتاب، اخبارون، صحافي، اديب، شاعر، عالم، علمي ادارا، ريتون رسمون، هنر، ڳوٺ، ديهون، قومون، قبيلا، ذاتين، مذهب، فرقا، راڳ، ناچ، موسيقي، فنڪار، ڳائڻا، خانقاهون، درگاهون، قبرستان، ميلا ملاکڙا، سياسي شخصيتون وغيره ۽ 20% دنيا سان لاڳاپيل ڪائناتي، سائنسي، فني ۽ ٻين موضوعن تي مواد ۽ ايجادون وغيره شامل آهن.

650 صفحن تي مشتمل هي اهم دستاويز 100 گرام آرٽ پيپر تي چئن رنگن ۾ تصويرن سان ڇپايو ويو آهي، ۽ ان جي قيمت صرف =/750 روپيا رکي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ پهرين رنگين تصويرن سان آرٽ پيپر تي ڇپايل انسائيڪلوپيڊيا آهي. پهرئين مرحلي ۾ ڪتاب جون ٻه هزار ڪاپيون ڇپايون ويون آهن. جيڪي ختم ٿيڻ تي آهن. سنڌ جي باري ۾ هن اهم دستاويز لاءِ ادارن، اديبن ۽ علم دوستن کي ترت آرڊر بڪ ڪرائڻ لاءِ گذارش ڪجي ٿي.

# SINDHI BOLI

*Research Journal*


Chief Editor

**Dr. Fahmida Hussain**

Editor

**Taj Joyo**



Sindhi Language Authority,

Hyderabad, Sindh

# SINDHI BOLI

*Research Journal*

21st Century
Vol.2: Issue-IV
October-December 2009



**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY**

**HYDERABAD, SINDH**